ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) آچر 21 جون 2026ع 05 محرم الحرام 1448هه صفحا 06 - ملهه 30 وپيه شمارو (305)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

جنگبندي معاهدي جي ڀڃڪڙي: ايران جو آبناءِ هرمز ٻيهر بند ڪرڻ جو اعلان، اسرائيل جون معاهدي خلاف سازشون

ايراني فوج جي خاتم الانبيا مرڪزي هيڊڪوارٽر آمريڪا ۽ اسرائيل طرفان جنگبندي معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪرڻ تي آبنائي هرمز ٻيهر بند ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

آمريڪا ۽ اسرائيل طرفان جنگبندي معاهدي جي ڀڃڪڙي سبب آبنائي هرمز بند ڪيو آهي، آمريڪا مفاهمتي يادداشت جي پهرين شرط جي ئي کلي عام ڀڃڪڙي ڪئي آهي: ايران

اسرائيل طرفان لبنان سان جنگبندي جي لڳاتار خلاف ورزين پڻ ان فيصلي جو سبب بڻيون آهن، آبناءِ هرمز بند ڪرڻ پهريون قدم آهي، جارحيت جاري رهي ته وڌيڪ سخت قدم کنيا ويندا

اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو اهڙا قدم کڻي سگهي ٿو جيڪي ايران سان مستقل امن معاهدي لاءِ آمريڪا جي ڪوشش کي متاثر ڪري سگهن ٿا: آمريڪي انٽيليجنس ادارن جي ٽرمپ انتظاميا کي آگاهي

اسرائيلي وزيراعظم کي لبنان ۾ جنگ جاري رکڻ لاءِ اندروني سياسي دٻاءُ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، جنهن سبب هو اهڙا فيصلا ڪري سگهن ٿا جيڪي امن عمل کي متاثر ڪن

تهران/واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني فوج جي خاتم الانبيا مرڪزي هيڊڪوارٽر آمريڪا ۽ اسرائيل طرفان جنگبندي معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪرڻ تي آبنائي هرمز ٻيهر بند ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. رائٽرز موجب ايراني خبر ايجنسي جي حوالي سان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته آمريڪا ۽ اسرائيل طرفان جنگبندي معاهدي جي ڀڃڪڙي سبب آبنائي هرمز

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي ۾ ميمبرن جي سينيٽ پاران مليل سفارشن جي حمايت، معاشي معاملن تي تفصيلي بحث

قومي اسيمبلي ۾ ڪاڏي پيٽي جي شين تي سيلز ٽيڪس ۾ گهٽتائي ۽ سرڪاري ملازمن جي پگهار ۾ اضافي جي سفارش درست قرار

صوبائي حڪومتن پاران مقامي حڪومتن کي فنڊز نه ڏيڻ سبب وفاقي بجيٽ مان سڌي ريت مقامي حڪومتن لاءِ فنڊ رکڻ جي تجويز اهم آهي ان تي عمل ٿيڻ گهرجي: قومي اسيمبلي جا ميمبر

سينيٽ پاران ايڊوانس ٽيڪس 8 سيڪڙو تائين آڻڻ، بجلي تي ٽارگيٽڊ سبسڊي ڏيڻ جي سفارش اهم آهي ان تي عمل ٿيڻ گهرجي، پيٽروليم ليوي کي ڪيپ ڪرڻ جي سفارش به اهم آهي

يونيورسٽين کي سهولتون ڏيڻ جي سفارش جي به حمايت ڪيون ٿا، مقامي حڪومت کي مرڪز سان سڌي ريت فنڊنگ جي سفارش جي به سپورٽ ڪيون ٿا، صوبا مقامي حڪومتن کي فنڊز نٿا ڏين

ضم ٿيل ضلعن ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ تمام گهڻي آهي، فارنرز جي پرڏيهه مان الڪوحل گڏ کڻڻ جو مقدار مقرر ڪيو وڃي، اندرون ملڪ اسڪالرشپ لاءِ وڌيڪ فنڊز رکيا وڃن: پارليامينٽ ميمبرن جو مطالبو

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي ميمبرن سينيٽ پاران مليل سفارشن جي حمايت ڪندي قرار ڏنو ته ڪاڏي پيٽي جي شين تي سيلز ٽيڪس ۾ گهٽتائي سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ 15 سيڪڙو اضافي جي سفارش صحيح آهي جڏهن ته پيٽرول ۽ ڊيزل ۾ ملاوٽ ڪري

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

هڪ مضبوط فوج پاڪستان جي سلامتي جي ضامن آهي: طارق فضل

مخالف ڌر هر معاملي تي سياسي پوائنٽ اسڪورنگ کان پاسو ڪري: وفاقي وزير

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ملتان: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني ڪاليج آف ڪوورسمر جي ڪانووڪيشن ۾ قومي ترانې جي احترام ۾ بيٺل آهي

اسرائيل ۽ لبنان وچ ۾ ڳالهين جي ٻي دور جي شروعات 23 جون کان واشنگٽن ۾ ٿيندي: آمريڪا

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا جي پرڏيهي وزارت اعلان ڪيو آهي ته اسرائيل ۽ لبنان وچ ۾ ڳالهين جي ٻي دور جي شروعات

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير محسن نقوي پاران بنون جي علائقي ۾ ڌماڪي جي مذمت

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي بنون ڌماڪي جي مذمت ڪندي قيمتي انساني جاني نقصان

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

صدر آصف زرداري پاران ڀارت ۾ تاريخي مسلم مذهبي ماڳن کي شهيد ڪرڻ تي ڳڻتي جو اظهار

ڀارت فوري طور تي تاريخي مسلم مذهبي ماڳن کي نشانو بڻائڻ کان پاسو ڪري: صدر مملڪت

اهڙيون ڪارروائيون ڀارت ۾ ڊگهي عدم استحڪام ۽ امڪاني طور رياستي پيچ ۽ داهه جهڙن سنگين نتيجن جو سبب بڻجي سگهن ٿا

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري ڀارت ۾ تاريخي مسلم مذهبي ماڳن کي ڊاهڻ ۽ کين موجود خطرن تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي جنهن ۾ وارانسي جي هڪ هزار سال قديم

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

بنون ۾ هڪٻئي پٺيان 2 ڌماڪا، 7 ماڻهو مارجي ويا، 3 زخمي

بنون جي علائقي مرڪه بيرا ۾ ٻن ڌماڪن جي نتيجي ۾ 7 ڄڻا مارجي ويا ۽ 3 زخمي ٿي پيا: پوليس

روڊ تي نصب ڪيل بارودي مواد ڌماڪي سان ڦاٽي پيو، مسافر وين ۾ سوار 5 ڄڻا مارجي ويا ٿي ويا: ڊي پي او

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) خيبر پختونخوا جي شهر بنون جي علائقي مرڪه بيرا ۾ ٻن ڌماڪن جي نتيجي ۾ 7 ڄڻا مارجي ويا ۽

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ليبيا: غيرقانوني پناهگيرن جي ٻيڙي کي حادثو، 11 لاش ڪڍيا ويا، 40 ڄڻا گم

طرابلس (اي پي پي) ليبيا جي ساموندي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

پناهگيرن جي باعزت، محفوظ ۽ رضاڪارانه واپسي يقيني بڻائڻ ضروري آهي: مراد علي شاهه

پاڪستان ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين افغان پناهگيرن جي هر ممڪن سهائتا ۽ ميزباني ڪئي آهي

پناهگيرن جي مسئلي جو پائيدار حل ڳولڻ لاءِ عالمي برادري کي به ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

لاهور: سج لهڻ وقت مناري پاڪستان جو هڪ خوبصورت منظر

آمريڪا سدائين اسرائيل جي دٻاءَ هيٺ رهيو: هيلري ڪلنٽن جا انڪشاف

نيتن ياهو ايران خلاف فوجي ڪارروائي لاءِ آمريڪي حمايت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو

اسرائيلي وزيراعظم بار بار چوندو هو ته آمريڪا کي ايران تي حملي ۾ اسرائيل جي مدد ڪرڻ گهرجي

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪا جي اڳوڻي پرڏيهي وزير هيلري ڪلنٽن انڪشاف ڪيو آهي ته اسرائيلي وزيراعظم بنيامين نيتن ياهو 2009 کان لڳاتار ايران خلاف فوجي ڪارروائي لاءِ آمريڪي حمايت حاصل

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

دهشتگردن ۽ سهولتڪارن لاءِ ڪنهن قسم جي رعايت ناهي: حنيف عباسي

بنون ڌماڪي جي شديد مذمت، قيمتي جاني نقصان تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار

بزدلاڻيون ڪارروائيون قومي عزم کي ڪمزور نٿيون ڪري سگهن: وفاقي وزير ريلوي

اسلام آباد (اي پي پي) ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي بنون ڌماڪي جي شديد مذمت ڪندي، قيمتي جاني

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

دهشتگردن ۽ انهن جي سهولتڪارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي سزا ڏني ويندي: وزيراعظم

وزيراعظم شهباز شريف پاران بنون ڌماڪي جي شديد مذمت، قيمتي جاني نقصان تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار

وزيراعظم ڌماڪي ۾ شهيد ٿيلن جي درجن جي بلندي، پونئيرن لاءِ صبر ۽ زخمين جي جلد ۽ مڪمل صحتيابي جي دعا ڪئي

شهيدن جون عظيم قربانيون پوري قوم جي امانت آهن، انهن جو رت هرگز رائيگان نه ويندو، زخمين کي طبي سهولتون ڏنيون وڃن

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

خيبر پختونخوا جي وزيراعليٰ بنون ۾ ڌماڪي جو نوٽيس ورتو

بنون ڌماڪي سان لاڳاپيل پوليس اختيارين کان تفصيلي رپورٽ طلب

صوبائي حڪومت ڏکويل خاندانن کي مشڪل وقت ۾ اڪيلو نه ڇڏيندي: سهيل آفريدي

پشاور (اي پي پي) خيبر پختونخوا جي وڏي وزير محمد سهيل خان آفريدي بنون ڌماڪي جو نوٽيس وٺندي واقعي جي شديد مذمت

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير عبدالعليم خان پاران بنون ڌماڪي تي افسوس جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) استحڪام

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

9 مئي ڪيس: ياسمين راشد، محمود الرشيد، عمر چيمه ۽ اعجاز چوڌري کي 10-10 سال قيد جي سزا

لاهور جي دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت 9 مئي سان لاڳاپيل هڪ وڌيڪ ڪيس جو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو

جج منظر علي گل، ڪوٽ لکپت جيل ۾ 9 مئي تي پوليس جون گاڏيون ساڙڻ واري ڪيس جو محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌايو

دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت ڪيس ۾ نامزد تحريڪ انصاف جي سينيئر اڳواڻ شاهه محمود قريشي کي بري ڪري ڇڏيو

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت 9 مئي سان لاڳاپيل هڪ وڌيڪ ڪيس جو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو.

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

لاهور: پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف فيشن ڊزائين ۾ چيني شاگرد هڪ اسٽال ڏسي رهيا آهن

معاشي ۽ اقتصادي بحالي لاءِ قومي اتفاق راءِ اهميت رکي ٿي: ناڻي وارو وفاقي وزير

معاشي انگ اکر ۽ اهڃاڻ مروج طريقيڪار ۽ عالمي معيار موجب جوڙيا ويا: سينيٽر محمد اورنگزيب

بجيٽ ۾ پگهاردار طبقي، زراعت، صنعت ۽ روانگي واپار تي ٻڌل اوسر لاءِ جامع قدم کنيا ويا

وزيراعظم شهباز شريف، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير، سموريون سياسي پارٽيون، پارليامينٽ ۽ پوري قوم مبارڪن جي مستحق آهي

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ محصول بابت وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته معاشي ۽ اقتصادي بحالي لاءِ قومي اتفاق راءِ تمام وڏي اهميت رکي ٿي معاشي انگ اکر ۽ اهڃاڻ مروج طريقيڪار

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

آزاد ڪشمير چونڊون: نون ليگ 45 تڪن مان 37 تي ٽڪيٽون جاري ڪري ڇڏيون

نواز شريف ۽ شهباز شريف، رانا ثناءُ الله ۽ امير مقام کي چونڊن بابت خاص ذميواريون ڏئي ڇڏيون

چوڌري محمد اظهر صادق جي مسلم ليگ ن ۾ شموليت ۽ چونڊ وڙهڻ بابت معاملا طئي ٿي ويا

جيڪي اڳواڻ ٽڪيٽن کان محروم رهجي ويا، انهن کي پارٽي نظم ۽ ضبط ۾ رکڻ لاءِ رابطا جاري رکڻ جو فيصلو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آزاد ڪشمير جي چونڊن لاءِ مسلم ليگ ن 45

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ پناهگيرن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ 20 جون ڇنڇر ڏينهن

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

سيالڪوٽ ٽيڪس بار ايسوسيئيشن جي وفد قومي اسيمبلي جي اجلاس جي ڪارروائي ڏٺي

اسلام آباد (اي پي پي) سيالڪوٽ ٽيڪس بار ايسوسيئيشن جي وفد ڇنڇر

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سفارتڪار قاضي محمد خليل الله ايران آمريڪا لاڳاپن بابت سيمينار ۾ ڳالهائي رهيو آهي

IN MEMORY OF SHAHEED MOHTARMA BENAZIR BHUTTO
SINDHBANK سنڌ بينڪ
POWER TO THE PEOPLE

سَدا رهندي ياد!
شهيد محترمه بينظير ڀٽو
جي 73 هين يومِ پيدائش تي خراجِ عقيدت!

اڄ سنڌ بينڪ لميٽيڊ هن بي مثال اڳواڻ جو جنم ڏينهن ملهائي رهيو آهي جنهن سنڌ بينڪ قائم ڪرڻ جو نظريو پيش ڪيو. هي بينڪ هڪ تعميري ڪردار ادا ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيو آهي. جيڪو عوام جي بينڪنگ جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ معاشي سرگرمين کي فروغ ڏيندو آهي۽ روزگار جا موقعا پيدا ڪري ٿو.

بينڪ پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي ۽ عوام کي اعليٰ معيار جون بينڪنگ خدمتون فراهم ڪري رهيو آهي

سڄي ملڪ ۾ 330 آن لائن برانچن سان گڏ.

NASHEMAN HOME FINANCE | AUTO FINANCE | SOLAR FINANCE FACILITY HOME • BUSINESS • AGRICULTURE | SUKOON PERSONAL LOAN SECURED | HOME REMITTANCE

021-111-117-632 www.sindhbank.com.pk sindhbanklimitedofficial sindhbankltd company/sindh-bank-limited

وڏي وزير پاران گهارو ۾ پوليس اهلڪارن جي شهادت تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه گهارو فائرنگ واقعي جو سخت نوٽيس ورتو آهي. وڏي وزير

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي گهرو وزير پاران بنون ۾ ڌماڪي جي مذمت، قيمتي انساني جانين جي نقصان تي ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

شهيد اهلڪار تازو ئي ٽنڊوالهيار ضلعي مان بدلي ٿي گهارو ۾ مقرر ٿيا هئا

ٺٽو: پوليس ذريعن موجب شهيد ٿيل ٻئي اهلڪار معمول موجب شام واري پڪٽ ڊيوٽي لاءِ گهارو ٿاڻي تان مقرر ڪيا ويا

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي ۾ صوبائي بجيٽ عوام دوست قرار، پاڻي ڪوٽ جون دانهون، وفاقي حڪومت نوٽيس وٺي: ميمبر

اجلاس ۾ صوبائي بجيٽ تي عام بحث جاري رهيو، وڏي وزير کي متوازن بجيٽ پيش ڪرڻ تي مبارڪباد پيش

سنڌ حڪومت صوبي جي ترقي لاءِ شاندار خدمتون سرانجام ڏنيون آهن، جن جو مثال ملڻ مشڪل آهي: ميمبر

مخالف ڌر ميمبرن پاران بجيٽ جي تياري دوران اعتماد ۾ نه وٺڻ جا الزام، بجيٽ رد ڪريون ٿا: اڳواڻ

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي/ راهب ڳاهو) سنڌ اسيمبلي ۾ ايندڙ مالي سال جي صوبائي بجيٽ تي عام بحث ڇنڇر ڏينهن ٻئي ڏينهن به جاري رهيو جنهن ۾ حڪومتي ۽ مخالف ڌر جي ميمبرن جوش

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ٺٽي ويجهو چيڪنگ دوران هٿياربندن جي فائرنگ ۾ ٻه اهلڪار شهيد، جوابدارن جي ڳولا شروع

گهارو ويجهو ٻروسر ڪالوني روڊ تي اهلڪارن موٽرسائيڪل سوارن کي بيهڻ جو اشارو ڪيو

هٿياربندن فائرنگ ڪري اهلڪار علي اڪبر مري ۽ عبدالمجيد مري شهيد ڪري سرڪاري هٿيار کڻي فرار ٿي ويا

اطلاع تي ايس ايس پي ٺٽو ۽ پوليس جي وڏي نفري واقعي واري هنڌ پهچي لاش اسپتال منتقل ڪيا

ٺٽو (ڊ ر) ٺٽي ضلعي جي گهارو ويجهو ٻروسر ڪالوني روڊ تي بابڙا موري پرسان چار برانچ وٽ نامعلوم موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن جي فائرنگ ۾ ڊيوٽي تي مقرر پوليس اهلڪار علي اڪبر مري ۽ عبدالمجيد مري شهيد ٿي ويا، جڏهن ته جوابدار واردات کان پوءِ فرار ٿيڻ ۾

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ٺٽو: شهيد ٿيل پوليس اهلڪارن جا مڙهه اسپتال ۾ پيل آهن

واقعي بابت مختلف پهلوئن کان جاچ پڙتال جاري آهي: ايس ايس پي

پوليس شهيد اهلڪارن جي قاتلن کي جلد گرفتار ڪيو ويندو

ٺٽو: اطلاع ملندي ئي ايس ايس پي ٺٽو ۽ پوليس جي وڏي نفري واقعي واري هنڌ پهچي وئي، علائقي کي گهيرو بند ڪري

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير صوبائي وزيرن سان گڏجي مرحوم صبا حيدر جي گهر پهچي تعزيت ڪئي

مراد علي شاهه، شرجيل ميمڻ، ذوالفقار شاهه، سعيد غني ۽ ٻين وارثن سان ڏک ونڊيو

صبا حيدر هڪ سرگرم ڪارڪن هئي، جنهن پارٽي نظريي ۽ پيغام عام ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه صوبائي وزيرن سان گڏ

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ ڪڻڪ ذخيرن ۾ 2 ارب 65 ڪروڙ غبن ڪندڙ 5 آفيسر ۽ اهلڪارن جون نوڪريون ختم

صوبائي وزير مخدوم محبوب الزمان جي هدايتن تي خوراڪ کاتي ۾ ڪرپشن خلاف وڏي ڪارروائي

ڪڻڪ ذخيرن ۾ غبن جا الزام ثابت ٿيڻ تي 5 اعليٰ آفيسرن ۽ اهلڪارن کي نوڪرين مان برطرف ڪيو ويو

ڪنڊڪوٽ، شهيد بينظير آباد، دادو، حيدرآباد ۽ بدين جي آفيسرن ۽ اهلڪارن کان رقم واپس اوڳاڙڻ جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزيرخوراڪ مخدوم محبوب الزمان جي هدايتن تي سنڌ جي خوراڪ کاتي ۾ ڪرپشن ۽ ڪڻڪ جي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

گهرو وزير نيو سعيد آباد ۾ درويش صفت شخص تي تشدد جي وائرل وڊيو جو نوٽيس ورتو، رپورٽ طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار نيو سعيد آباد ۾

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪئناڊا ۾ رهندڙ پاڪستان جائي ڊاڪٽرن پاران قومي ڏينهن جي حوالي سان تقريب منعقد

ڊاڪٽر منصور ميمڻ ۽ ڊاڪٽر ارم قلباڻي پاران ڪئناڊا ۽ اونٽاريو ڏي جي موقعي تي تقريب ڪرائي وئي

تقريب ۾ 250 کان وڌيڪ شخصيتن شرڪت ڪئي، پاڪستان ۽ ڪئناڊا جا قومي ترانا پيش

مسيساگا، اونٽاريو (پ ر) ڪئناڊا ۾ رهندڙ

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

مسي ساگا: ڊاڪٽر منصور ميمڻ ۽ ارم قلباڻي پاران ڪئناڊا ۽ اونٽاريو ڏي جي حوالي سان تقريب ۾ ڪيڪ ڪاٽي رهيا آهن

ڪراچي اين اي ڊي يونيورسٽي ۾ تحقيق ڪندڙن کي مڃتا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا

تقريب دوران 145 کان وڌيڪ استادن ۾ خدمتن جي مڃتا تحت سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا

پرو وائيس چانسلر ڊاڪٽر نعمان احمد اداري ۾ پهرين گرائونڊ ريچارج کوهه جو افتتاح پڻ ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اين اي ڊي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ قبضا مافيا کي الاٽ ڪيل 800 ايڪڙ سرڪاري زمينن بابت سموريون درخواستون رد

سنڌ هاءِ ڪورٽ نيب پاران زمين سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ واري ڪارروائي کي قانوني ۽ جائز قرار ڏنو

غير قانوني طور حاصل ڪيل زمين تي ڪنهن به قسم جو مالڪي حق تسليم نٿو ڪري سگهجي: عدالت

سرڪاري زمينن تي قبضا ڪندڙن ۽ خريد و فروخت ۾ ملوث ماڻهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي ۾ سرڪاري زمينن تي قبضي خلاف هڪ تاريخي فيصلو ٻڌائيندي قبضا مافيا کي الاٽ ڪيل 800 ايڪڙ سرڪاري زمين بابت سڀئي درخواستون رد ڪري

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

اي اين ايف جون ڪارروائيون، 2 عورتن سميت 6 منشيات اسمگلر گرفتار

اسلام آباد (اي پي پي) اينٽي نارڪوٽڪس فورس (اي اين ايف) ملڪ جي مختلف شهرن ۾ منشيات اسمگلنگ خلاف ڪريڪ ڊائون ڪندي 2 ڪروڙ 81

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

مشهور مصور ۽ آرٽ ڪليڪٽر عبدالوهاب جعفر لاڏاڻو ڪري ويو

نماز جنازه مدرسه تعليم الاسلام ڪراچي ۾ ادا ڪئي وئي، اباڻي قبرستان ۾ تدفين

وهاب جعفر 1972ع ۾ علي امام جي رهنمائي هيٺ مصوري سکڻ شروع ڪئي

دوست کيس هڪ نرم مزاج، پرعزم ۽ گهري سوچ رکندڙ مصور طور ياد ڪن ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مشهور مصور ۽ آرٽ ڪليڪٽر عبدالوهاب جعفر رضاءِ الاهي سبب وفات ڪري ويو هو

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ٽرانسپورٽرن جي هڙتال جاري، هزارين شهرين سخت مشڪلاتن جو شڪار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ٽرانسپورٽرز جي هڙتال ڇٽين ڏينهن به

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: اين اي ڊي يونيورسٽي ۾ گرائونڊ ريچارج پٽ جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

بقايا 1 "روزاني عبرت"

بند ڪئي وئي آهي خاتم الانبيا مرڪزي هيڊڪوارٽر جو چوڻ آهي ته آبنائي هرمز آمريڪا جي ڌوڪي ۽ وعدي خلافي سبب بند ڪئي وئي آهي آمريڪا مفاهمتي يادداشت جي پهرين شرط جي ٿي ڪلي عام پيچڪڙي ڪئي آهي بيان موجب اسرائيل طرفان لبنان سان جنگبندي جي لڳاتار خلاف ورزين پڻ ان فيصلي جو سبب بڻيون آهن بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته آبناءِ هرمز بند ڪرڻ پهريون قدم آهي جيڪڏهن جارحيت جاري رهي ته وڌيڪ سخت قدم کنيا ويندا آمريڪي انٽيليجنس ادارن ڊونلڊ ٽرمپ جي انتظاميا کي خبردار ڪيو آهي ته اسرائيل ايران سان ٿيندڙ امن معاهدي کي نقصان پهچائي سگهي ٿو آمريڪي اخبار واشنگٽن پوسٽ آمريڪي انٽيليجنس جي حوالي سان ٻڌايو آهي ته اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو اهڙا قدم کڻي سگهي ٿو جيڪي ايران سان مستقل امن معاهدي لاءِ آمريڪا جي ڪوشش کي متاثر ڪري سگهن ٿا. عملدارن موجب اسرائيلي وزيراعظم کي لبنان ۾ جنگ جاري رکڻ لاءِ اندروني سياسي دٻاءُ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي جنهن سبب هو اهڙا فيصلا ڪري سگهن ٿا جيڪي امن عمل کي متاثر ڪن انٽيليجنس رپورٽن جن ۾ هن هفتي گردش ڪندڙ هڪ رپورٽ به شامل آهي موجب اسرائيل حزب الله خلاف لبنان ۾ فوجي ڪارروايون جاري رکڻ جو ارادو رکي ٿو جيڪو ايران سان ممڪن معاهدي جي هڪ اهم شرط يعني سڀني محاذن تي جنگبندي جي خلاف هوندو هڪ آمريڪي عملدار موجب نئين انٽيليجنس رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته هن سال ٿيندڙ قومي چونڊن کي نظر ۾ رکندي نيتن ياهو جي سياسي بقا ان ڳالهه سان جڙيل آهي ته هو پنهنجي عوام کي ڏيکاري سگهي ته هو لبنان مان فوجون واپس نه گهرائيندو ۽ حزب الله خلاف جنگ کي وڌيڪ تيز ڪندو رپورٽ ۾ اهو به چيو ويو آهي ته اسرائيل ڊونلڊ ٽرمپ جي امن منصوبي جي شرطن مان مطمئن ناهي، ڇاڪاڻ ته انهن شرطن سبب ايران تي وڌ کان وڌ دٻاءُ برقرار رکڻ واري سندس وسيع حڪمت عملي متاثر ٿي سگهي ٿي هڪ اڳوڻي آمريڪي عملدار موجب اسرائيل جو خيال آهي ته اهو معاهدو حزب الله خلاف سندس دفاعي صلاحيتن کي محدود ڪري سگهي ٿو

بقايا 2 "روزاني عبرت"

شهباز شريف بنون ڌماڪي جي شديد مذمت ڪندي قيمتي جاني نقصان تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. آچر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان مطابق وزيراعظم ڌماڪي ۾ شهيد ٿيلن جي درجن جي بلندي، پونئيرن لاءِ صبر ۽ زخمين جي جلد ۽ مڪمل صحتيابي جي دعا ڪئي ۽ لاڳاپيل اختيارين کي زخمين کي هر ممڪن طبي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ واقعي جي فوري جاچ جي هدايت ڪئي هن چيو ته دهشتگردي انسانيت، پاڪستان جي امن ۽ استحڪام خلاف مڪروهه سازش آهي، اهڙيون بزدلاڻيون ڪارروايون قوم جي عزم کي ڪڏهن به ڪمزور نٿيون ڪري سگهن وزيراعظم چيو ته دهشتگردن ۽ انهن جي سهولتڪارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي سزا ڏني ويندي، رياست دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهي، هن چيو ته شهيدن جون عظيم قربانيون پوري قوم جي امانت آهن انهن جو رت هرگز رائيگان نه ويندو دهشتگردي جي ناسور جي مڪمل خاتمي تائين اسان جي جدوجهد جاري رهندي

بقايا 3 "روزاني عبرت"

ڪئي آهي وزيراعليٰ سيڪريٽريٽ طرفان جاري بيان مطابق وڏي وزير بنون ڌماڪي سان لاڳاپيل پوليس اختيارين کان تفصيلي رپورٽ طلب ڪندي چيو آهي ته ڌماڪن ۾ معصوم شهرين جي شهادت انتهائي افسوسناڪ آهي وڏي وزير چيو ته شهيدن جي گهرڀاتين جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون، صوبائي حڪومت هر ممڪن تعاون فراهم ڪندي، وڏي وزير زخمين کي بهترين طبي سهولتن جي فراهمي يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪندي چيو ته صوبائي حڪومت ڏکويل خاندانن کي مشڪل جي ان گهڙي ۾ اڪيلو نه ڇڏيندي وڏي وزير شهيدن جي درجن جي بلندي، زخمين جي جلد صحتيابي ۽ پونئيرن لاءِ صبر جي دعا ڪئي

بقايا 4 "روزاني عبرت"

مان 37 ٽڪن تي پارٽي ٽڪيٽون جاري ڪري ڇڏيون آهن ذريعن موجب مسلم ليگ ن 45 مان 37 ٽڪن لاءِ ٽڪيٽون جاري ڪري ڇڏيون آهن جڏهن ته باقي 8 ٽڪن بابت صلاح مشورا آخري مرحلي ۾ داخل ٿي ويا آهن نواز شريف ۽ شهباز شريف، رانا ثناءالله ۽ امير مقام کي چونڊن بابت خاص ذميواريون پڻ سونپيون آهن ذريعن ٻڌايو ته باقي 8 اميدوارن جي ٽڪيٽن جو اعلان ايندڙ ٻن ڏينهن اندر ٿيڻ جو امڪان آهي جنهن لاءِ رانا ثناءالله ۽ امير مقام جون اهم اميدوارن سان ملاقاتون جاري آهن چوڌري محمد اظهر صادق جي مسلم ليگ ن ۾ شموليت ۽ چونڊ وڙهڻ بابت معاملا طئي ٿي ويا آهن عباس پور مان ياسين گلشن کي مسلم ليگ ن جو اميدوار نامزد ڪرڻ جو امڪان آهي جڏهن ته لڇرات مان اڳوڻي صوبائي وزير چوڌري شهزاد به مسلم ليگ ن ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو آهي راج محل ڪوٽلي مان ملڪ نواز کي پارٽي ٽڪيٽ ملڻ جا امڪان آهن جڏهن ته راولاڪوٽ جي ٽڪ باويهه مان سردار جاويد شريف کي ٽڪيٽ ڏيڻ جو امڪان آهي ان ڪانسواءِ اميدوارن جا نالا حتمي منظوري لاءِ نواز شريف ڏانهن موڪليا ويا آهن جڏهن ته جيڪي اڳواڻ ٽڪيٽن کان محروم رهجي ويا آهن انهن کي پارٽي نظم ۽ ضبط ۾ رکڻ لاءِ رابطا جاري رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي

بقايا 5 "روزاني عبرت"

پناهگيرن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو ان ڏهاڙي کي ملهائڻ جو بنيادي مقصد پناهگيرن جي مسئلن ۽ انهن جي حل لاءِ قدمن کي يقيني بڻائڻ آهي پناهگيرن جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان سرڪاري، غير سرڪاري ۽ نجي ادارن جي انتظام هيٺ مختلف تقريبون منعقد ڪيون ويون

بقايا 6 "روزاني عبرت"

ڏينهن قومي اسيمبلي جي اجلاس جي ڪارروائي ڏٺي مهمانن واري گيلري ۾ پهچڻ تي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق انهن جو ڀليڪار ڪيو

بقايا 7 "روزاني عبرت"

ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي هڪ انٽرويو ۾ هيلري ڪلنٽن چيو ته سندس پرڏيهي وزارت واري دور ۾ نيتن ياهو ان وقت جي اسرائيلي دفاع واري وزير ايهود باراڪ ۽ ٻين اسرائيلي اڳواڻ بار بار آمريڪا تي زور ڀريندا هئا ته ايران تي حملي جي حمايت ڪئي وڃي هن چيو ته اهو هڪ لڳاتار ۽ ڪڏهن ختم نه ٿيندڙ دٻاءُ هو نيتن ياهو بار بار چوندو هو ته آمريڪا کي ايران تي حملي ۾ اسرائيل جي مدد ڪرڻ گهرجي. هيلري ڪلنٽن موجب 2009 کان 2012 تائين آمريڪا وٽ ايران خلاف ڪارروائي جي وڌيڪ فوجي صلاحيت موجود هئي ان ڪري واشنگٽن ۽ تل ابيب وچ ۾ هن معاملي تي لڳاتار بحث ٿيندو رهيو هن ٻڌايو ته اسرائيلي عملدار اڪثر چوندا هئا ته "اسان جا جهاز رن وي تي تيار بيٺا آهن" ۽ هوءَ چوندي هئي ته اسان کي هر وقت اهڙي دٻاءُ ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي

بقايا 8 "روزاني عبرت"

نقصان تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. ريلويز وزارت طرفان آچر ڏينهن جاري بيان ۾ محمد حنيف عباسي ڌماڪي ۾ شهيد ٿيلن جي درجن جي بلندي ۽ پونئيرن لاءِ صبر جي دعا به ڪئي وفاقي وزير زخمين جي جلد ۽ مڪمل صحتيابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي چيو ته دهشتگردي انسانيت ۽ پاڪستان جي امن خلاف مڪروهه سازش آهي بزدلاڻيون ڪارروايون قومي عزم کي ڪمزور نٿيون ڪري سگهن هن چيو ته دهشتگردن ۽ انهن جي سهولتڪارن لاءِ ڪنهن قسم جي رعايت ناهي قانون پوري قوت سان حرڪت ۾ ايندي محمد حنيف عباسي چيو ته شهيدن جون عظيم قربانيون قوم جي امانت آهن انهن جو رت هرگز رائيگان نه ويندو

بقايا 9 "روزاني عبرت"

۽ عالمي معيار موجب مرتب ڪيا ويا آهن بجيٽ ۾ پگهاردار طبقي، زراعت، صنعت ۽ روانگي واپار تي ٻڌل اوسر لاءِ جامع قدم کنيا ويا آهن حڪومت متوازن ترقي دوست ۽ معيشت کي استحڪام ڏيارڻ واري بجيٽ ڏني آهي عوام کي رليف جي فراهمي جي شروعات ٿي چڪي آهي آچر ڏينهن قومي اسيمبلي اجلاس ۾ ايندڙ مالي سال جي وفاقي بجيٽ ۽ ماليياتي بل 27-2026ع تي عام بحث کي اڪلائيندي ناڻي واري وزير چيو ته قومي اسيمبلي جي معزز ميمبرن عظيم الدين زاهد ۽ خواجه شيراز محمود بجيٽ دستاويزن ۾ مبينه تضادن جي حوالي سان استحقاق جي رٿ پيش ڪئي مان معزز ميمبرن جو شڪريو ادا ڪيان ٿو ته هنن اهو معاملو ايوان سامهون اٿاريو ميمبرن پاران جي ڊي پي، فيڪس آمدني ۽ ان جي تعين جي طريقيڪار تي سوال اٿاريا مان پوري ذميواري سان ايوان کي خاطري ڪرايان ٿو ته پاڪستان بيورو آف شماريات نيشنل اڪائونٽس ڪميٽي جي تياري جي طريقيڪار ۾ ڪا به تبديلي ناهي ڪئي سمورا انگ اکر مالي سال 16-2015ع کي بيس ايئر بڻائي گڏيل قومن جي سسٽم آف نيشنل اڪائونٽس موجب مرتب ڪيا ويا آهن اهي انگ اکر نيشنل اڪائونٽس ڪميٽي جي اجلاس ۾ منظور ڪيا ويندا آهن جنهن ۾ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان معيشت جا ماهر يونيورسٽين ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جا نمائندا شريڪ ٿيندا آهن ناڻي واري وزير چيو ته حقيقي جي ڊي پي معاشي سرگرمين ۾ ٿيندڙ حقيقي تبديلي کي اگهن جي اثرن کان پاڪ ڪري ماپ ڪندي آهي ان لاءِ 3.7 سيڪڙو اوسر واري شرح 16-2015ع جي مستقل اگهن تي شمار ڪيو ويو آهي جيڪو عالمي سطح تي مڃيل معيار آهي ٻئي پاسي نامينل جي ڊي پي گروٿ موجوده مارڪيٽ جي قيمتن تي شمار ڪئي ويندي آهي ۽ ان کي سراسري مٽاسٽا جي شرح ذريعي آمريڪي ڊالر ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي ان ئي بنياد تي مالي سال 26-2025ع ۾ پاڪستان جي معيشت جو ڪاٿو اٽڪل 452 ارب آمريڪي ڊالر رهڻ جو ڪاٿو پيش ڪيو ويو آهي اهڙي طرح في ڪس آمدني جو تعين به موجوده اگهن مجموعي قومي آمدني ۽ 2023ع جي آدمشماري کان پوءِ جاري ڪيل آبادي جي ڪاٿن جي بنياد تي ڪيو ويندو آهي البته واضح ڪيو ويندو آهي ته نه ته طريقيڪار تبديل ٿيو آهي ۽ نه ئي انگ اکر مرتب ڪرڻ جا اصول بدليا آهن جيڪڏهن ڪو به ميمبر وڌيڪ تفصيل چاهي ته اسان سمورا لاڳاپيل دستاويز ۽ حوالا فراهم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون ناڻي واري وزير چيو ته اسان جي گڏيل ڪوششن رنگ لاتو آهي خطي تي لٽڪندڙ جنگ جا بادل هٽي چڪا آهن ۽ امن جي فضا ٻيهر قائم ٿي آهي. پاڪستان آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ اثرائتي سفارتي ڪردار ادا ڪندي ڳالهين جي راهه هموار ڪئي، ٻنهي ملڪن کي هڪ ميز تي ويهاريو ۽ امن جي قيام ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو اهو پاڪستان جي سفارتي تاريخ جو هڪ فخر جوڳو باب آهي جنهن تي وزيراعظم محمد شهباز شريف، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سموريون سياسي پارٽيون، پارليامينٽ ۽ پوري قوم مبارڪن جي مستحق آهي ناڻي واري وزير بجيٽ تي ٿيندڙ بحث ۾ ڀرپور ۽ تعميري انداز ۾ حصو وٺڻ تي سمورن ميمبرن جو دل جي گهرائين سان شڪريو ادا ڪيو هن چيو ته هو خاص ڪري مخالف ڌر جي اڳواڻ محمود خان اچڪزئي، سينيٽ جي ناڻي ۽ محصولن واري اسٽينڊنگ ڪميٽي جي چيئرمين سينيٽر سليم مانڊوي والا، قومي اسيمبلي جي ناڻي ۽ محصول واري اسٽينڊنگ ڪميٽي جي چيئرمين سيد نويد قمر ۽ ٻنهي اسٽينڊنگ ڪميٽين جي ميمبرن جو خاص طور شڪرگذار آهي جن گذريل ٻن هفتن دوران نهايت محنت، خلوص ۽ ذميواري سان بجيٽ تجويزن جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ ڪيترين ئي مفيد سفارشون پيش ڪيون جن مان ڪيترين ئي تجويزن کي فنانس بل 2026ع جو حصو بڻائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي ناڻي واري وزير ميڊيا جي نمائندن معاشي تجزيڪارن معيشت جي ماهرن، ڪاروباري برادري ۽ مختلف چيمبرز آف ڪامرس جو به شڪريو ادا ڪيو جن بجيٽ تي هاڪاري ۽ تعميري رايون ڏنيون ناڻي واري وزير چيو ته هو وزيراعظم محمد شهباز شريف جي قيادت ۾ قائم اتحادي حڪومت ۾ شامل سمورين سياسي پارٽين جي اڳواڻن خاص ڪري ميان محمد نواز شريف، بلاول ڀٽو زرداري، خالد مقبول صديقي، چوڌري شجاعت حسين، عبدالعليم خان ۽ خالد حسين مگسي جو دلي طور شڪرگذار آهي جن بجيٽ جي تياري دوران سندن رهنمائي ۽ مشاورت ڪئي اها مشاورت اسان لاءِ نهايت اهم ۽ فائديمند ثابت ٿي ناڻي واري وزير چيو ته گذريل ٻن هفتن دوران بجيٽ تي ٿيل بحث ۾ پارليامينٽ جي ميمبرن جي قيمتي راءِ ٻڌڻ جو موقعو مليو ڪجهه بجيٽ قدمن تي خدشا ۽ تجويزون به سامهون آيون جن کي حڪومت پوري سنجيدگي سان ٻڌو ۽ انهن تي غور ڪيو جڏهن ته ايوان جي اندران ٻاهران مجموعي طور تي جيڪي راءِ سامهون آيون آهي هي آهن جن ۾ چيو ويو آهي ته اها هڪ متوازن ترقي دوست ۽ معيشت کي استحڪام ڏيندڙ بجيٽ آهي ناڻي واري وزير چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي حڪومت گذريل بجيٽ ۾ ئي پنهنجي معاشي رخ ۽ سڌارن واري ايجنڊا واضح ڪري ڇڏي هئي گذريل هڪ سال دوران اسان ان ئي رخ ۾ مسلسل اڳڀرائي ڪئي ۽ معاشي اهڃاڻن ۾ نمايان بهتري آئي آهي، اڄ اسان جي معيشت استحڪام ڏانهن گامزن آهي وڏين صنعتن جي پيداوار ۾ اٽڪل 6.5 سيڪڙو جي اوسر رڪارڊ ڪئي وئي آهي جيڪا گذريل ڇهن سالن جي بلند ترين شرح آهي اهڙي طرح اسان جا پرڏيهي شعبا به مستحڪم ٿيا آهن گذريل مالي سال وانگر هلندڙ مالي سال جي پهرين 11 مهينن دوران پڻ ڪرنٽ اڪائونٽ سرپلس ۾ رهيو جيڪو معيشت لاءِ هڪ انتهائي حوصلو ڏيندڙ اشارو آهي ناڻي واري وزير چيو ته اسان جي سمنڊ پار رهندڙ پاڪستاني برادري پڻ هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي وطن دوستي جو ڀرپور ثبوت ڏنو آهي گذريل مهيني هن 4.25 ارب آمريڪي ڊالر جي رڪارڊ پورهيتن ڏيهه ناڻو موڪليو مون کي پوري اميد آهي ته هلندڙ مالي سال جي پڄاڻي تائين پورهيتن پاران ڏيهه موڪليل ناڻو 41 ارب آمريڪي ڊالرن جي هدف کان پڻ وڌي ويندو جيڪو ملڪي تاريخ جو هڪ نئون رڪارڊ هوندو ناڻي واري وزير چيو ته اسان جي روانگي واپار وارو شعبو مسلسل بهتري ڏانهن گامزن آهي، خاص ڪري ويليو ايڊڊ روانگي واپار جنهن ۾ گارمينٽس، هوم ٽيڪسٽائيل ۽ آءِ ٽي جو شعبو شامل آهي نمايان ترقي ڪري رهيا آهن هلندڙ مالي سال دوران آءِ ٽي جي روانگي واپار ۾ اٽڪل 20 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي جڏهن ته مجموعي آءِ ٽي روانگي واپار 4.5 ارب آمريڪي ڊالرن کان وڌڻ جي اميد آهي جيڪو انشاءالله هڪ نئون قومي رڪارڊ هوندو اهڙي طرح اسان جا نوجوان فري لانسرز به شاندار ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندي 1.6 ارب ڊالر جو رڪارڊ مٽاسٽا جو ناڻو ملڪ ۾ آڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. ناڻي واري وزير چيو ته حڪومت ۽ هن بجيٽ جو بنيادي مقصد هڪ اهڙي روانگي واپار تي ٻڌل پائيدار ۽ جامع معاشي ترقي رکندڙ آهي جنهن سان پيداواري صلاحيت ۾ اضافو ٿيو سيڙپڪاري کي همٿ ملي ۽ ملڪ ۾ روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿيا آهن اسان اڪثر اها شڪايت ٻڌندا رهيا آهيون ته پاڪستان ۾ دستاويزي معيشت ۽ باقاعدگي سان ٽيڪس ادا ڪندڙ ماڻهو ئي وڌيڪ بار برداشت ڪندا آهن هن حڪومت ان سوچ کي تبديل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اسان بار وجهڻ بدران ٽيڪس جي وسعت ۽ گهرائي جي حڪمت عملي اختيار ڪئي آهي ان تحت موجوده ٽيڪس ڏيندڙن تي وڌيڪ بار وجهڻ بدران ٽيڪس نيٽ کي وسيع ڪيو ويندو ۽ ان جي بنياد کي مضبوط بڻايو ويندو ان تبديلي جي شروعات اسان گذريل بجيٽ سان ڪئي هئي ۽ هن سال ان عمل کي وڌيڪ اڳيان وڌائيندي ڪيترائي ٺوس قدم کنيا آهن شفافيت ۽ انصاف ۽ برابري جي اصولن کي نظر ۾ رکندي پگهاردار طبقي نئين ڪاروبارن صنعتن روانگي واپار جي شعبي ۽ تعميراتي شعبي تي ٽيڪس جو بار گهٽ ڪيو آهي اهڙي طرح روانگي واپار جي شعبي ۽ زرعي شعبي لاءِ رعايتي قرضن جي فراهمي جي يقيني بڻايو ويو آهي. جڏهن ته ٽيڪس نيٽ کي وسعت ڏيڻ لاءِ ريٽيل سيڪٽر کي ڊجيٽل نظام ذريعي ٽيڪس جي دائري ۾ آڻڻ ۽ ٽيڪس قانونن تي عمل ڪرڻ ۽ لاڳو ڪرڻ کي وڌيڪ موثر بڻائڻ لاءِ جامع سڌارا متعارف ڪرايا ويا آهن ناڻي واري وزير چيو ته حڪومت گذريل ٻن سالن کان ٽيڪس نظام ۾ بنيادي سڌارن تي مسلسل ڪم ڪري رهي آهي انهن سڌارن جي نتيجي ۾ ٽيڪس پاليسي کي ٽيڪس انتظاميه کان الڳ ڪيو ويو ته جيئن پاليسي سازي ۽ ان جي لاڳو ۾ شفافيت ۽ موثريت پيدا ٿئي، اهڙي تسلسل ۾ حڪومت هڪ نئون ٽيڪس آپريٽنگ ماڊل متعارف ڪرائي رهي آهي جنهن تحت ٽيڪس ڏيندڙن ۽ ٽيڪس آفيسرن وچ ۾ سڌي ريت رابطو کي گهٽ کان گهٽ ڪيو ويندو آهي، سجاڳ ۽ ٻيون ڪارروائيون وڌ کان وڌ خودڪار ۽ فيس ليس نظام ذريعي انجام ڏنيون وينديون انهن سڌارن جو بنيادي مقصد مصنوعي ذهانت، ڊجيٽل رجسٽريشن ۽ جديد ٽيڪنالاجي ذريعي صوابديدي اختيارن جو خاتمو هراسان ڪرڻ جي امڪان ۾ گهٽتائي، شفافيت کي هٿي ڏيڻ ۽ ٽيڪس قانونن تي رضاڪارانه عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ آهي ناڻي واري وزير چيو ته بجيٽ تي بحث دوران ڪجهه ميمبرن ايف بي آر جي ڪارڪردگي ۽ محصولن جي هدفن تي سوال اٿاريا حڪومت هر هاڪاري ۽ تعميري تنقيد جو آجيان ڪري ٿي جڏهن ته انهن انگن اکرن کي درست نظر ۾ ڏسڻ به ضروري آهي 1988 کان 2011 تائين يعني 23 سالن جي عرصي ۾ اٽڪل 14 ارب آمريڪي ڊالرن جي اضافي ٽيڪس محصول حاصل ڪيون ويون اهڙي طرح 2011 کان 2024ع تائين جي سالن ۾ به اٽڪل 14 ارب امريڪي ڊالر جي اضافي محصول جمع ٿي ان جي ابتڙ موجوده حڪومت رڳو گذريل ٻن سالن دوران اٽڪل 14 ارب آمريڪي ڊالر جي اضافي ٽيڪس محصول حاصل ڪيون آهن جيڪا هڪ غير معمولي ڪاميابي آهي اها ڪاميابي وزيراعظم محمد شهباز شريف جي ذاتي ڌيان واضح ويزن ۽ ايف بي آر جي ٽئين سر سڌارن لاءِ ان جي مسلسل رهنمائي جو نتيجو آهي حڪومت مالي وسيلن جي موثر فراهمي کي پنهنجي معاشي حڪمت عمليءَ جو بنيادي ٿنڀ بڻايو آهي ته جيئن ترقياتي منصوبن سماجي شعبن ۽ قومي معيشت کي مضبوط بنيادن تي آڻي سگهجي. ناڻي واري وزير زرعي شعبي جو ذڪر ڪندي چيو ته زراعت اسان جي معيشت جي ڪرنگهي جي هڏي آهي حڪومت زراعت ۽ آبادگارن لاءِ خاطرخواهه قدم ۽ ترقياتي پيڪيجز جو اعلان ڪيو آهي زرعي پيداوار ۾ اضافي ۽ ننڍن آبادگارن کي سهولتون ڏيڻ لاءِ هڪ مربوط زرعي اسڪيم شروع ڪئي وئي آهي جنهن تحت 300 ارب روپين جي بنا وياج ۽ آسان شرطن تي قرض فراهم ڪيو پيو وڃي ان اسڪيم مان اٽڪل ساڍا ستن لک ننڍا آبادگار فائدو کڻي سگهندا اهڙي طرح زرعي شعبي ۾ مالي مدد لاءِ 109 ارب روپين کان وڌيڪ جي قرضن فراهم ڪرڻ جو منصوبو آهي جڏهن ته سبسڊي جي مد ۾ ان بجيٽ ۾ به خاطر خواهه رقم رکي وئي آهي پاڻ خاص ڪري يوريا تي اٽڪل 10ارب روپين جي سبسڊي ڏني پئي وڃي. وفاقي ترقياتي پروگرام تحت زراعت ۽ لائيو اسٽاڪ جي منصوبن لاءِ 4.2 ارب روپيا رکيا ويا آهن جن ۾ به جاري ۽ هڪ نئون منصوبو شامل آهي زراعت کي جديد رخن تي آڻڻ لاءِ درآمدي ڊيوٽي ۾ به رليف فراهم ڪيو پيو وڃي آبادگارن کي جديد ٽيڪنالاجي ۽ مشينري تائين پهچ ڏيڻ لاءِ سبسڊي ۽ رسڪ شيئرنگ تحت اٽڪل 5 ارب روپيا رکيا ويا آهن فصلن ۽ لائيو اسٽاڪ جي انشورنس اسڪيم لاءِ به اهم رقم رکي وئي آهي ته جيئن آبادگارن کي قدرتي آفتن ۽ نقصانن کان تحفظ فراهم ڪري سگهجي، پاڪستان ۽ چين وچ ۾ زرعي تعاون کي وڌيڪ وسعت ڏني پئي وڃي. وزيراعظم محمد شهباز شريف جي قدمن تحت هڪ هزار پاڪستاني شاگردن ۽ آبادگارن کي چيني زرعي يونيورسٽين ۽ تحقيقي ادارن ۾ جديد مهارتن جي تربيت ڏني پئي وڃي هن وقت تائين ان پروگرام مان 800 کان وڌيڪ ماڻهن فائدو کنيو آهي. انهن قدمن جو مقصد جديد زرعي ٽيڪنالاجي ۽ بهترين عالمي تجربن کي پاڪستان ۾ منتقل ڪرڻ آهي اهڙي طرح نجي شعبي جي حصيداري سان ڪولڊ اسٽوريج جا منصوبا به شروع ڪيا پيا وڃن جن تي اٽڪل 7.1 ارب روپيا لاڳت ايندي ناڻي واري وزير چيو ته حڪومت جو ڀرپور ڌيان ان ڳالهه تي آهي ته معيشت لاءِ اهڙن شعبن کي هٿي ڏني وڃي جن جا اثر ٻين ننڍن شعبن تي به پون تعميرات ۽ هائوسنگ جا شعبا معيشت ۾ ملٽي پلائر اثر رکندا آهن ان لاءِ ان ۾ سيڙپڪاري جي حوصلا افزائي ۽ روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ بجيٽ ۾ متوازن قدم کنيا ويا آهن ان سلسلي ۾ وزيراعظم پنهنجو گهر پروگرام به شروع ڪيو آهي ناڻي واري وزير چيو ته هو پاڪستان جي عوام کي خراج تحسين پيش ڪرڻ چاهي ٿو جنهن معاشي استحڪام جي سفر ۾ حڪومت جو ساٿ ڏنو حڪومت پنهنجي وعدي مطابق جڏهن وسيلا دستياب ٿيا ته مختلف طبقن کي رليف فراهم ڪيو آهي سرڪاري ملازمن جي پگهارن پينشنن ۽ گهٽ کان گهٽ اجرت ۾ اضافو ڪيو ويو آهي پينشنرز جي سهولت لاءِ پروف آف لائيف سرٽيفڪيٽ جي نظام کي جديد بڻايو ويو آهي ته جيئن انهن کي آفيسن جا چڪر نه لڳائڻا پون هاڻي فيس ريڪگنيشن ۽ پاڪ آءِ ڊي ايپ ذريعي گهر ويٺي تصديق ممڪن آهي اهڙي طرح عورتن جي صحت سان لاڳاپيل ضروري شين ۽ ڪجهه دوائن تي ٽيڪس ۾ گهٽتائي ۽ ڪجهه تي مڪمل خاتمو ڪيو ويو آهي اهي قدم معيشت کي مستحڪم ڪرڻ ۽ عوام کي رليف فراهم ڪرڻ جي رخ ۾ هڪ هاڪاري اڳڀرائي آهن ناڻي واري وزير تعليمي شعبي جو ذڪر ڪندي چيو ته حڪومت اعليٰ تعليم جي معيار کي برقرار رکڻ لاءِ ٽينيور ٽريڪ سسٽم تحت يونيورسٽي استادن جن ۾ پروفيسرز ايسوسيئيٽ پروفيسرز ۽ اسسٽنٽ پروفيسرز شامل آهن جي پگهارن کي ريگيولر ريٽس جي پيٽ ۾ 35 سيڪڙو وڌيڪ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. هن چيو ته سينيٽ جي ناڻي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي اسان کي پنهنجي قيمتي تجويزن سان نوازيو جن تي اڄ ايوان ۾ به بحث ٿيو انهن مان ڪيترين ئي تجويزن يا ته فنانس ايڪٽ جو حصو بڻجي رهيون آهن يا اسان جي مستقبل جي ٽيڪس پاليسي جي حوالي سان رهنمائي فراهم ڪري رهيون آهن اهڙي طرح قومي اسيمبلي جي ناڻي ۽ محصول بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي ۾ بحث هيٺ آيل تجويزون به فنانس بل ۾ شموليت لاءِ غور هيٺ آهن مان هن فورم تي انهن ٻنهي ڪميٽين جي ان قومي خدمت تي دل جي گهرائين سان شڪريو ادا ڪرڻ چاهيان ٿو هن چيو ته قومي اسيمبلي جي اسپيڪر پنهنجي ذاتي دلچسپي سان ڪفايت شعاري جو مثال قائم ڪندي اٽڪل پنج ارب روپين جي رقم بجيٽ ۾ بچت ممڪن بڻائي ناڻي واري وزير چيو ته هو دل جي گهرائين سان انهن سمورين شخصيتن جو ٿورائتو آهي جن جي جامع ۽ مخلصاڻي رهنمائي سان بجيٽ کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملي آهي. اسان ناڻي واري سيڪريٽري، ايف بي آر چيئرمين، ڊائريڪٽر جنرل ٽيڪس پاليسي آفيس ۽ انهن جي ساٿين جا به دل جي گهرائين سان شڪر گذار آهيون جن بجيٽ جي تياري ۽ بجيٽ تجويزن جي جائزي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ناڻي واري وزير چيو ته اسان جي معاشي ۽ اقتصادي بحالي لاءِ قومي اتفاق راءِ تمام وڏي اهميت رکي ٿي مان سمورن اسٽيڪ هولڊرز کي گذارش ڪيان ٿو ته هو معيشت جي وڌيڪ ترقي لاءِ هر ممڪن تعاون جاري رکن ته جيئن اسان پاڪستان کي هڪ روشن ۽ بهترين مستقبل ڏانهن وٺي وڃي سگهون

بقايا 10 "روزاني عبرت"

واقعي ۾ پوليس اهلڪارن جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي شهيدن جي وارثن سان دلي تعزيت ڪئي آهي مراد علي شاهه آءِ جي سنڌ کان واقعي بابت فوري رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ناڪابندي ۽ سرچ آپريشن وڌيڪ تيز ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون آهن پنهنجي بيان ۾ وڏي وزير چيو ته بزدلاڻيون ڪارروايون سان پوليس جو حوصلو پست نٿو ڪري سگهجي هن زور ڀريو ته پوليس اهلڪارن جي قاتلن کي فوري طور گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. وڏي وزير چيو ته امن امان کي خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ ڪنهن به رعايت جا حقدار ناهن ۽ سنڌ حڪومت صوبي ۾ امن جي قيام لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي

بقايا 11 "روزاني عبرت"

ضياءالحسن لنجار بنون ۾ ٿيل بم ڌماڪي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته دهشتگرد عنصر معصوم شهرين جا قاتل آهن ۽ اهڙا بزدلاڻا واقعا ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيا ويندا. هن چيو ته بنون ڌماڪي ۾ قيمتي انساني جانين جي ضايع ٿيڻ تي کيس گهرو ڏک ۽ افسوس آهي ۽ سنڌ حڪومت متاثر خاندانن جي ڏک ۾ برابر جي شريڪ آهي گهرو وزير شهيدن جي وارثن سان دلي تعزيت جو اظهار ڪندي زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي ضياءالحسن لنجار چيو ته دهشتگردي جا اهڙا واقعا قوم جي حوصلي کي ڪمزور نٿا ڪري سگهن ملڪ دشمن عنصرن کي هر محاذ تي شڪست ڏني ويندي ۽ امن امان جي قيام لاءِ رياستي ادارا مڪمل طور متحرڪ آهن هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان جي عوام ۽ سيڪيورٽي ادارن جون قربانيون امن جي بحالي لاءِ اهم آهن ۽ دهشتگردي جي خاتمي تائين جدوجهد جاري رهندي

بقايا 12 "روزاني عبرت"

هئا جڏهن ته هو تازو ئي ٽنڊو الهيار ضلعي مان بدلي ٿي گهارو ۾ مقرر ٿيا هئا

بقايا 13 "روزاني عبرت"

۽ جذبي سان حصو ورتو حڪومتي ميمبرن سنڌ جي وڏي وزير کي مشڪل معاشي صورتحال ۾ متوازن بجيٽ پيش ڪرڻ تي مبارڪباد ڏني جڏهن ته مخالف ڌر جي ميمبرن چيو ته بجيٽ جي تياري دوران انهن کي اعتماد ۾ نه ورتو ويو ۽ اهي ان کي رد ڪن ٿا. اڄ بجيٽ تي عام بحث ۾ ڪل چاليهه ميمبرن حصو ورتو سنڌ اسيمبلي جو اجلاس اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه جي صدارت هيٺ شروع ٿيو پيپلز پارٽي جي نور محمد پرڳڙي پنهنجي بجيٽ تقرير ۾ چيو ته معاشي مشڪلاتن جي باوجود سٺو بجيٽ پيش ڪيو ويو آهي هن سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ جو ذڪر ڪيو ۽ مطالبو ڪيو ته وفاقي حڪومت نوٽيس وٺي هن سنڌ حڪومت کان نوابشاهه ۾ ڊرينيج سسٽم کي بهتر بڻائڻ ۽ ڪينال پلن جي مرمت جي به درخواست ڪئي پيپلز پارٽي جي يوسف بلوچ سنڌ جي وڏي وزير ۽ ڪابينا کي بجيٽ پيش ڪرڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ سنڌ جي بجيٽ کي عوام دوست قرار ڏنو هن چيو ته خراب معاشي حالتن ۾ متوازن بجيٽ پيش ڪيو ويو هن شرجيل ميمڻ جي عورتن کي گلابي بسون ۽ اسڪوٽر فراهم ڪرڻ جي تعريف ڪئي يوسف بلوچ چيو ته لياري هاڻي بدلجي چڪو آهي ۽ اتي مڪمل امن آهي بلاول ڀٽو لياري لاءِ 25 ارب روپين جا منصوبا ڏنا آهن پيپلز پارٽي جي مليحه منظور چيو ته ايف بي آر جي ڪري صوبن جو بجيٽ گهٽجي ويو آهي سنڌ هن وقت 250 ارب روپين جي شارٽ فال کي منهن ڏئي رهي آهي جڏهن ته ڪل شارٽ فال 600 ارب روپين کان وڌيڪ آهي هن مخالف ڌر تي تنقيد ڪندي چيو ته انهن بجيٽ کي ٻڌڻ کان سواءِ هٽي احتجاج ڪيو ۽ بجيٽ ۾ ووٽ ڏيڻ جي لاءِ گورنر شپ جي فرمائش ڪئي پيپلز پارٽي جي حنا دستگير چيو ته هي بجيٽ هن وقت ماڻهن لاءِ ڏکوئيندڙ آهي ڇاڪاڻ ته اهي پگهار ۾ واڌ جي اميد ڪري رهيا هئا آصف زرداري پنهنجي پگهار ۾ سڀ کان وڌيڪ واڌ ڪئي هئي هن وقت اين ايف سي ايوارڊ تي شور آهي سنڌ ۾ سڀ کان وڌيڪ پئسو تعليم ۽ صحت تي خرچ ڪيو ويندو آهي پيپلز پارٽي جي ميمبر هالار وسڻ چيو ته اسان جي پارٽي عورتن کي بااختيار بڻائڻ تي يقين رکي ٿي ٻوڏ متاثرين کي گهرن ۾ عورتن کي بااختيار بڻايو ويو آهي هن چيو ته اسان سڀ زرعي آمدني ٽيڪس ادا ڪندا آهيون زرعي آمدني ٽيڪس هڪ ايڪڙ کان 12 ايڪڙ تائين ختم ڪيو وڃي ايم ڪيو ايم جي ميمبر فهيم پٽني چيو ته اسان خدا جو شڪر ادا ڪريون ٿا ته سپريم ڪورٽ بلديا فيڪٽري ۾ تاريخي فيصلو ڏنو آهي بلديا فيڪٽري ۾ ايم ڪيو ايم جو ڪو به ڪردار نه هو حڪومتي ميمبر پاڻ مسئلن تي روئي رهيا آهن اندازو لڳايو ويو آهي ته گذريل ارڙهن سالن دوران سنڌ ۾ ڇا ٿيو آهي پي ٽي آءِ جي ريحان بندوڪڙا چيو ته منهنجي حلقي جي سڀني ڪالونين ۾ بيشمار مسئلا آهن سورهن ڪلاڪن تائين بجلي ناهي اسان جي منصوبن لاءِ بجيٽ ۾ صرف پئسا رکيا ويندا آهن عملي طور تي ڪو به ڪم نه ٿيندو آهي هن چيو ته ڪراچي هڪ نازڪ موڙ تي آهي توهان کي فيصلو ڪرڻو پوندو ته ڪراچي کي ڪٿي وٺي وڃڻو آهي پيپلز پارٽي جي ميمبر ماروي راشدي چيو ته مخالف ڌر وڏي وزير جي تقرير کي ٻڌڻ کان سواءِ بائيڪاٽ ڪري پنهنجي ماڻهن سان زيادتي ڪئي سنڌ حڪومت صوبي جي ترقي لاءِ شاندار خدمتون سرانجام ڏنيون آهن جن جي مثال ملڻ مشڪل آهي پر هن ايوان ۾ گوڙ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هن چيو ته سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال بهترين آهي پر منشيات جي واپار ۾ جيڪو به شخص ملوث آهي ان کي سخت سزا ڏني وڃي پيپلز پارٽي جي پير مجيب الحق متوازن بجيٽ پيش ڪرڻ تي وڏي وزير کي خراج تحسين پيش ڪيو هن چيو ته پيپلز پارٽي جي حڪومت لکين ماڻهن کي سهولتون فراهم ڪيون آهن هن نشاندهي ڪئي ته پاڻي جي کوٽ سبب هن وقت هاري تمام گهڻو پريشان آهن پيپلز پارٽي جي آغا شهباز دراني چيو ته پيپلز پارٽي ايندڙ مالي سال جي بجيٽ ۾ عوام دوست قدم کنيا آهن ملازمن جي پگهارن ۾ 7 سيڪڙو واڌ ساراهه جوڳي آهي وفاقي حڪومت گهرجي ياسين ۾ بجلي فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي بجلي جي ڊگهي لوڊشيڊنگ اسپتالن کي به خراب متاثر ڪري رهي آهي پيپلز پارٽي جي ريحانه لغاري چيو ته جڏهن ته سنڌ ۾ بحران آيو ته اسان جي قيادت اسان کي بحران مان ڪڍيو هن مطالبو ڪيو ته ٽنڊو-سجاول روڊ کي ڊبل روڊ بڻايو وڃي، عورت استادن کي ٽرانسپورٽ فراهم ڪئي وڃي ۽ سجاول ۾ يونيورسٽي ڪيمپس يا لا ڪاليج قائم ڪيو وڃي ايم ڪيو ايم جي ڊاڪٽر فوزيه حميد چيو ته ڪراچي ۾ سڀ ڪجهه ٺيڪ ناهي ماڻهو پاڻي لاءِ پڇي رهيا آهن شهر ۾ پاڻي بجلي يا گئس ناهي ماڻهو ماتم ڪرڻ بدران پاڻي جي ٽينڪرن پليان پڇي رهيا آهن بجيٽ ۾ ڪو به عوامي ڀلائي جو پروگرام ناهي ڪراچي کي ان جو حق نه ملي رهيو آهي پي پي جي ميمبر ندا کهڙو چيو ته ٻوڏ ۽ مهانگائي جي باوجود، سنڌ حڪومت سنڌ ۾ 900 منصوبا مڪمل ڪيا آهن ۽ وڏين اسپتالن کي فنڊ ڏنا آهن جن مان لکين مريض ايندا آهن ڪراچي ۾ 1122 سروس شاندار آهي سنڌ جي آبادي وڌي رهي آهي جنهن جو هر شعبي تي دٻاءُ آهي خانداني منصوبابندي ڪرڻ گهرجي پي پي جي سميتا افضل سيد چيو ته مخالف ڌر سرخين ڏاهڻ لاءِ تنقيد ڪري ٿي اڳ ۾ الفطر جي پرچيون هونديون هيون، پر هاڻي ڪراچي ۾ امن آهي سنڌ ۾ بهترين صحت جون سهولتون موجود آهن ۽ ٻين صوبن جا ماڻهو به علاج لاءِ هتي ايندا آهن پي ٽي آءِ جي ساجد مير چيو ته اڄ سنڌ جو پڙهيل لکيل نوجوان ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ نوڪري لاءِ ڀٽڪي رهيو آهي ڪراچي اهو شهر آهي جيڪو پاڪستان کي سڀ کان وڌيڪ آمدني ڏئي ٿو ان سان ناانصافي بند ٿيڻ گهرجي هن وقت ڪراچي جو سڀ کان وڏو مسئلو پاڻي جو مسئلو آهي ڪي-4 منصوبو 26 سالن ۾ مڪمل نه ٿيو آهي ايم ڪيو ايم جي عبدالباسط چيو ته سنڌ ۾ ڪرپشن عروج تي آهي، پوءِ اينٽي ڪرپشن ادارو ڪرپشن کي ڪيئن روڪي سگهي ٿو؟ دعوائون آهن ته بي آر ٽي ريڊ لائن کي بهتر بڻايو ويندو پر هڪ آفيسر اڌ ارب کان وڌيڪ ڪمائي چڪو آهي سرڪاري رڪارڊ ۾ ٽريلين رپيا خرچ ڪيا ويا آهن پر ڪراچي جا ماڻهو پڇن ٿا ته هي پئسا ڪٿي ويا؟ پي پي جي هير سوهو چيو ته سنڌ ۾ پاڻي جي سخت کوٽ آهي جنهن جي ڪري زراعت کي وڏو نقصان ٿي رهيو آهي سجاول ٺٽو بدين ٽنڊو ۽ محمد خان ضلعا سڀ کان وڌيڪ متاثر علائقا آهن حڪومت کي ان طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي هن گلشن حديد کان ٺٽي تائين پيپلز بس سروس شروع ڪرڻ جي درخواست ڪئي سردار رميش سنگهه خالصا چيو ته سڀئي مذهب اسان کي امن ۽ ڀائيچاري جو سبق سيکارين ٿا اسان کي گڏجي سنڌ ۾ امن جي فضا قائم ڪرڻي آهي پي پي جي علي احمد جان چيو ته سڄي ڪراچي وانگر ضلعي اولهه ۾ هر هنڌ ترقياتي ڪم ٿي رهيا آهن هن چيو ته قطر اسپتال ۾ ٽراما سينٽر قائم ڪيو وڃي پي پي جي شاهه حسين شاهه شيرازي چيو ته ٺٽي ۾ پاڻي پڇڙي تائين نه پهچي رهيو آهي آبپاشي وزير کي هن مسئلي تي ڌيان ڏيڻ گهرجي ٺٽي ۽ سجاول ضلعن کي آفت زده قرار ڏنو وڃي ايم ڪيو ايم ميمبر اعجاز الحق چيو ته هي هڪ غير جمهوري بجيٽ آهي جنهن کي اسان رد ڪريون ٿا هن چيو ته اسان هي بجيٽ تقرير ڪيئن ٻڌي سگهون ٿا جنهن کي اعتماد ۾ نه ورتو ويو آهي اسان اپوزيشن ۾ آهيون پر ڇا اسان جي حلقن جي ماڻهن کي ڪجهه نه ملندو؟ 2023 ۾ اورنگي پمپنگ اسٽيشن لاءِ پئسا منظور ڪيا ويا هئا پر اڄ تائين ڪو به ڪم نه ٿيو آهي پيپلز پارٽي جي خرم ڪريم سومرو چيو ته پيپلز پارٽي جي حڪومت بنا ڪنهن فرق جي 90 هزار استادن کي ڀرتي ڪيو آهي جيڪي چون ٿا ته پيپلز پارٽي صرف سنڌ تائين محدود آهي انهن کي گلگت ۾ ڏسڻ گهرجي سنڌ ۾ پهريون ڀيرو ٽنڊي محمد خان ۾ نرسنگ ڪاليج قائم ڪيو پيو وڃي هن چيو ته هتي اسيمبلي ۾ ماڻهو گفتگو ڪندا رهيا آهن ڪراچي ۾ گفتگو جي سياست ٿي رهي آهي پيپلز پارٽي جي ڊاڪٽر سڪندر شورو چيو ته اپوزيشن بجيٽ اچڻ کان اڳ ان جي خلاف احتجاج ڪيو پر جڏهن سنڌ جي حقن جي ڳالهه اچي ٿي ته اهي سڀ خاموش رهن ٿا پيپلز پارٽي جي قيادت ڪڏهن به سنڌ جي مفادن تي سودو نه ڪندي پي ٽي آءِ جي سجاد سومرو چيو ته صوبائي وزير سعيد غني پنهنجي ڪاٽي تي 20 ارب روپين جي ڪرپشن جو الزام لڳايو مان ان لاءِ پيپلز پارٽي کي مبارڪباد ڏيان ٿو پيپلز پارٽي لياري ۾ پاڻي بند ڪري ڇڏيو آهي مان ڪن سالن کان اسيمبلي ۾ لياري جي مسئلن بابت ڳالهائي رهيو آهيان پر ڪو به نه ٿو ٻڌي. هن چيو ته جيڪڏهن لياري ۾ فيفا ورلڊ ڪپ ٿئي ٿو ته واش روم ۾ پاڻي نه هوندو پيپلز پارٽي جي مخدوم فخر الزمان چيو ته مٽياري ۽ حيدرآباد جي وچ ۾ پيپلز بس سروس شروع ڪرڻ ضروري آهي سنڌ مان گڏ ڪيل ٽيڪس سنڌ تي خرچ ڪيو وڃي ۽ نيشنل هاءِ وي کي بهتر بڻايو وڃي پيپلز پارٽي جي زبير جوڻيجو چيو ته سندس حلقي ۾ اسڪولن ۽ روڊن جي تعمير کان علاوه فريد آباد ڊگري ڪاليج جو نامڪمل منصوبو جلد مڪمل ڪيو وڃي پيپلز پارٽي جي سيما خرم چيو ته سنڌ جي بجيٽ ۾ صحت ۽ تعليم تي ڌيان ڏنو ويو آهي مون کي اميد آهي ته بجيٽ ۾ عوام جا مسئلا حل ڪيا ويندا ايم ڪيو ايم جي فرح سهيل چيو ته گذريل ارڙهن سالن کان صرف هڪ حڪومت آهي پر بجيٽ مسلسل وڌي رهي آهي پر عوامي مسئلا جيئن جو تيئن آهن 40 لک کان 80 لک ٻار اسڪول کان ٻاهر آهن ايم ڪيو ايم جا نمائندا حڪومت جي خامين جي نشاندهي ڪري رهيا آهن اڪثريت سان نه پر صلاح مشوري ۽ احتساب سان فيصلا بهتر هوندا آهن پيپلز پارٽي جي اعجاز سواتي چيو ته ڪالهه پوليس کي سينيٽري سڏي مذاق اڏايو ويو جيڪي سنڌ جي رهواسي جي ڳالهه ڪن ٿا اهي سنڌ سان مخلص نه آهن ايم ڪيو ايم پاڪستان کي رهائش جي ڳالهه نه ڪرڻ گهرجي ايم ڪيو ايم جي بلقيس مختار ڪراچي جي مسئلن تي تفصيلي روشني وجهي ۽ ڪراچي کي نظرانداز ڪرڻ تي افسوس جو اظهار ڪيو پيپلز پارٽي جي عورت ميمبر خير النساء مغل بجيٽ کي عوامي خواهشن جو آئينو قرار ڏنو پي پي جي جام شبير چيو ته موجوده حالتن ۾ بهتر بجيٽ پيش ڪرڻ ممڪن نه هو ايم ڪيو ايم جي مسرت جبين به پنهنجي بجيٽ تقرير ۾ ڪراچي جي مسئلن جي نشاندهي ڪئي ايم ڪيو ايم جي نصير احمد چيو ته ڪراچي جو ميئر شهر جي گهٽين ۾ گهمي ٿو پر پوءِ به شهري مسئلا حل نه ٿيندا آهن پي پي جي آصف موسيٰ چيو ته سنڌ اهو صوبو آهي جتي مقامي حڪومت جو نظام آهي، پنجاب ۾ مقامي حڪومت جو نظام ناهي پر ڪجهه ماڻهو منافقت جي ڪري ان جو ذڪر نٿا ڪن انهن کي صرف اسان جي مخالفت ڪرڻي آهي پيپلز پارٽي جي دوست علي رحمان شڪايت ڪئي ته ڪراچي کان سکر تائين روڊ نه پيو ٺهي، سنڌ ۾ نيشنل هاءِ وي جا ڪيترائي منصوبا اڌورا آهن هن چيو ته ٿرپارڪر ۾ 2600 ڳوٺ آهن منهنجي حلقي ۾ سيٽي روڊ ڊاهيا ويا آهن پيپلز پارٽي جي اڳواڻ امان الله چيو ته ٿرپارڪر علائقي ۾ صرف پيپلز پارٽي ڪم ڪيو آهي ۽ اتي روڊ سيڪٽر ۾ گهڻو ڪم ڪيو ويو آهي هن چيو ته جيڪڏهن پاڻي جو مسئلو حل نه ٿيو ته پيپلز پارٽي احتجاج ڪندي بئريسٽر هالار منظور وسڻ، آغا شهباز دراني، ريحانه لغاري، سميتا افضال سيد، هير سوهو سردار رميش سنگهه خالصا علي احمد جان شاهه حسين شاهه شيرازي، خرم ڪريم سومرو ڊاڪٽر سڪندر شورو مخدوم فخرالزمان زبير جوڻيجو سيما ڪرم اعجاز سواتي خيرالنساء مغل، جام شبير آصف موسيٰ، دوست علي راهمون ۽ ارباب امان الله سميت ٻين ميمبرن پڻ بجيٽ تي تفصيلي خيال ظاهر ڪيا ميمبرن مختلف علائقن ۾ پاڻي جي کوٽ، بجلي جي لوڊشيڊنگ، صحت، تعليم، روڊن جي تعمير ٽرانسپورٽ سهولتن، يونيورسٽين جي قيام پيپلز بس سروس جي توسيع ۽ زرعي شعبي کي درپيش مسئلن بابت تجويزون ۽ مطالبا پيش ڪيا. حڪومتي ميمبرن سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي امن امان صحت تعليم عورتن جي بااختياري، پنڪ بس سروس، ٻوڏ متاثرن جي بحالي ۽ ترقياتي منصوبن کي نمايان ڪاميابيون قرار ڏنو جڏهن ته مخالف ڌر بجيٽ کي غير مشاورتي غير متوازن ۽ خاص طور ڪراچي لاءِ ناڪافي قرار ڏيندي تنقيد ڪئي. بحث مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ اسپيڪر سنڌ اسيمبلي اجلاس اڄ آچر صبح 10 وڳي تائين ملتوي ڪري ڇڏيو

بقايا 14 "روزاني عبرت"

ڪامياب ٿي ويا. عيني شاهدن موجب ون ٽو فائيو موٽر سائيڪل تي سوار هٿياربندن کي معمول جي چيڪنگ دوران پوليس اهلڪارن روڪڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي هٿياربندن بنا دير سڌيون فائرنگ ڪري ٻنهي اهلڪارن کي موقعي تي ئي شهيد ڪري ڇڏيو جوابدار شهيد اهلڪارن کان سرڪاري هٿيار به کسي فرار ٿي ويا. واقعي کان پوءِ شهيد ٿيل ٻنهي پوليس اهلڪارن جا مڙهه ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ رورل هيلٿ سينٽر گهارو منتقل ڪيا ويا، جتي پوليس ۽ شهرين جو وڏو انگ پهچي ويو

بقايا 15 "روزاني عبرت"

جوابدارن جي ڳولا شروع ڪئي وئي آهي. جڏهن ته واقعي بابت مختلف پهلوئن کان جاچ پڻ جاري آهي واقعي کان پوءِ علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو. جڏهن ته پوليس شهيد اهلڪارن جي قاتلن کي جلد گرفتار ڪرڻ لاءِ ڪارروائين جو دائرو وڌائي ڇڏيو آهي

بقايا 16 "روزاني عبرت"

پاڪستان پيپلز پارٽي جي سرگرم ڪارڪن ۽ سوشل ميڊيا ايڪٽوسٽ مرحوم صبا حيدر جي رهائشگاهه گلستان جوهر پهچي سندس وارثن سان تعزيت ڪئي ان موقعي تي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، سيد ذوالفقار علي شاهه سعيد غني ۽ ٻيا پڻ وڏي وزير سان گڏ موجود هئا. وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه مرحوم صبا حيدر جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي سندس وارثن سان همدردي ڪئي. هن مرحوم جي سياسي، سماجي ۽ پارٽي خدمتن کي ساراهيندي چيو ته صبا حيدر هڪ سرگرم ۽ وفادار جيالي هئي، جنهن هميشه پارٽي جي نظريي ۽ پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو سيد مراد علي شاهه مرحوم جي بلند درجن مغفرت ۽ جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام لاءِ دعا ڪئي جڏهن ته سندس وارثن لاءِ صبر جميل ۽ همت جي پڻ دعا گهري. ان موقعي تي صوبائي وزيرن پڻ مرحوم جي وارثن سان تعزيت جو اظهار ڪندي ڏک جي هن گهڙي ۾ ساڻن يڪجهتي جو اظهار ڪيو

بقايا 17 "روزاني عبرت"

درويش نما شخص تي تشدد جي وائرل وڊيو جو سخت نوٽيس وٺندي ايس ايس پي مٽياري کان واقعي جي فوري رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي پنهنجي بيان ۾ گهرو وزير چيو ته ڪمزور ۽ بي سهارا ۽ لاچار ماڻهن تي تشدد ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو ۽ واقعي ۾ ملوث جوابدارن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي ويندي ايس ايس پي مٽياري جي بريفنگ موجب تشدد واري واقعي ۾ ملوث مرڪزي جوابدار غلام شاهه خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ کيس گرفتار پڻ ڪيو ويو آهي پوليس واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري رکي آهي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار هدايت ڪئي ته واقعي ۾ ملوث ٻين ماڻهن کي به جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي، جيئن متاثر شخص کي انصاف فراهم ٿي سگهي

بقايا 18 "روزاني عبرت"

ذخيرن ۾ وڏي پيماني تي غبن خلاف هڪ تاريخي ڪارروائي ڪئي وئي ڪڻڪ جي ذخيرن ۾ غبن جا سنگين الزام ثابت ٿيڻ کان پوءِ 5 اعليٰ آفيسرن ۽ اهلڪارن کي نوڪرين مان برطرف ڪيو ويو ۽ انهن کان 2 ارب 65 ڪروڙ 20 لک روپين کان وڌيڪ جي وڏي وصولي جو حڪم ڏنو ويو آهي. وزير خوراڪ جي هدايتن تي انهن سڀني برطرف آفيسرن جا ڪيس اينٽي ڪرپشن سنڌ ڏانهن موڪليا ويا آهن ۽ سرڪاري خزاني کي نقصان پهچائڻ جي الزام ۾ انهن خلاف سول سوٽ داخل ڪرڻ جي منظوري پڻ ڏني وئي آهي هڪ سرڪاري اعلان موجب ڪنڊڪوٽ فوڊ انسپيڪٽر بلخ شير کي 9913 ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ جي غبن جي الزام ۾ برطرف ڪيو ويو ۽ ان کان 78 ڪروڙ 36 لک روپين کان وڌيڪ وصولي جو حڪم جاري ڪيو ويو ساڳئي طرح شهيد بينظير آباد فوڊ سپروائيزر ديدار حسين مگسي کي ڪڻڪ جي جعلي ترسيل جي الزام ۾ نوڪري مان برطرف ڪيو ويو آهي ۽ ان کان 1ارب 19 ڪروڙ روپين جي وڏي وصولي مقرر ڪئي وئي آهي دادو فوڊ سپروائيزر علي اصغر ڀهنور کي 2837 ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ جي غبن جي الزام ۾ برطرف ڪيو ويو آهي ۽ ان کان 38 ڪروڙ 22 لک روپين کان وڌيڪ وصولي جو حڪم ڏنو ويو آهي حيدرآباد فوڊ انسپيڪٽر محمد علي مگسي کي ڪڻڪ جي ملاوٽ ۽ غبن جي الزام ۾ برطرف ڪيو ويو آهي ۽ ان کي 20 ڪروڙ 83 لک روپين جي وصولي کي منهن ڏيڻو پوندو ان کان علاوه بدين فوڊ سپروائيزر حبيب الله ابڙو کي گودامن ۾ ڪڻڪ جي کوٽ جي مسئلي تي نوڪري مان برطرف ڪيو ويو آهي ۽ ان کان 8 ڪروڙ 79 لک روپين جي وصولي مقرر ڪئي وئي آهي سنڌ جي خوراڪ واري وزير مخدوم محبوب الزمان ان حوالي سان چيو ته ڪڻڪ جي غبن ۽ جعلي ترسيل ۾ ملوث عنصر قانون جي گرفت کان بچي نه سگهندا. هن واضح ڪيو ته عوام کي اَن ۽ سرڪاري خزاني کي نقصان پهچائڻ وارن کان هڪ هڪ پئسو وصول ڪيو ويندو ۽ ڪاٽي ۾ ڪرپشن کي بلڪل به برداشت نه ڪيو ويندو

بقايا 19 "روزاني عبرت"

نامور پاڪستاني ڄاڻي ڊاڪٽرن ڊاڪٽر منصور ميمڻ ۽ ڊاڪٽر ارم قلباڻي پاران فرينڪ ميڪ ڪچني ڪميونٽي سينٽر مسيساگا ۾ ڪينيڊا ڏي ۽ اونٽاريو ڏي جي مناسبت سان هڪ تاريخي، شاندار ۽ باوقار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ 250 کان وڌيڪ معزز شخصيتن شرڪت ڪئي تقريب ۾ پارليامينٽ ميمبرن سفارتڪارن صحت جي شعبي جي ماهرن ڪاروباري اڳواڻن ڪميونٽي ليڊرن ۽ مختلف ثقافتي برادرين جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب جو مقصد ڪينيڊا جي گهڻ ثقافتي سڃاڻپ کي اجاگر ڪرڻ مختلف برادرين وچ ۾ لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ ۽ ثقافتي سفارتڪاري کي هٿي وٺرائڻ هو تقريب دوران مهمانن لاءِ بهترين معيار جي کاڌي اسنيڪس ۽ ضيافت جو بندوبست ڪيو ويو شرڪت ڪندڙن هڪ ٻئي سان ملاقاتون ڪري مختلف سماجي ۽ پيشاور معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي تقريب جو سڀ کان يادگار ۽ جذباتي لمحو پاڪستان ۽ ڪينيڊا جي قومي ترانن جي پيشڪش هئي ٻنهي ملڪن جا قومي ترانا هڪ ٻئي پٺيان پيش ڪيا ويا، جنهن سان حب الوطني احترام ۽ گڏيل ورثي جو جذبو وڌيڪ مضبوط ٿيو ان کان پوءِ ڪينيڊا ڏي ۽ اونٽاريو ڏي جي حوالي سان خصوصي ڪيڪ ڪاٽڻ جي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سفارتڪارن چونڊيل نمائندن ۽ ڪميونٽي اڳواڻن شرڪت ڪئي اونٽاريو جي ڊيپٽي پريميئر ڊاڪٽر منصور ميمڻ ۽ ڊاڪٽر ارم قلباڻي کي اهڙي شاندار تقريب جي انعقاد تي مبارڪباد ڏيندي چيو ته اهڙيون تقريبون سماجي هم آهنگي ۽ برادرين وچ ۾ ڀائيچاري کي فروغ ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون مسيساگا جي ميئر ڪيرولين پيرش وڊيو پيغام ذريعي تقريب کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر منصور ميمڻ ۽ ڊاڪٽر ارم قلباڻي جي صحت، سماجي خدمت ۽ ڪميونٽي ترقي لاءِ ڪيل خدمتن کي ساراهيو هن ڊاڪٽر منصور ميمڻ کي پاڪستان حڪومت پاران مليل اعليٰ سول اعزاز تمغه امتياز جو ذڪر ڪندي سندن غيرمعمولي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو پارليامينٽ جي ميمبرن ۽ ٻين چونڊيل نمائندن پڻ خطاب ڪندي چيو ته ٻنهي ڊاڪٽرن جون خدمتون رڳو ڪميونٽي تائين محدود ناهن پر صحت، سماجي ڀلائي ۽ عالمي سطح تي لاڳاپن جي فروغ لاءِ به انتهائي اهم آهن تقريب دوران معزز مهمانن کي سنڌ جي ثقافتي سڃاڻپ اجرڪون ۽ روايتي شالون تحفي طور پيش ڪيون ويون اجرڪ کي محبت، امن احترام ۽ مهمان نوازي جي علامت طور وڏي پذيرائي ملي پنهنجي خطاب ۾ ڊاڪٽر منصور ميمڻ ۽ ڊاڪٽر ارم قلباڻي پنهنجي والدين کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته سندن والدين جي تربيت، اخلاقي قدرن ۽ خدمت جي جذبي کين انسانيت جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪرڻ جي ترغيب ڏني هنن ان عزم جو اظهار ڪيو ته هو مستقبل ۾ به صحت جي شعبي، ڪميونٽي جي ترقي، تعليم ۽ ثقافتي هم آهنگي لاءِ پنهنجون خدمتون جاري رکندا. تقريب جي پڄاڻي تي ڊاڪٽر منصور ميمڻ ۽ ڊاڪٽر ارم قلباڻي چيو: "حقيقي رابطن جو مقصد صرف ماڻهن کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ نه آهي پر انهن کي اڳتي وڌائڻ صحت جي شعبي ۾ رڪاوٽن کي ختم ڪرڻ ۽ اهڙو مضبوط ڪميونٽي جوڙڻ آهي جتي هر اوورسيز گريجوئيٽ ۽ مقامي پروفيشنل کي سڃاڻپ، موقعا ۽ مقصد ملي" شرڪت ڪندڙن تقريب کي ثقافتي سفارتڪاري، سماجي هم آهنگي، عوامي خدمت ۽ ڪميونٽي قيادت جو هڪ بهترين مثال قرار ڏيندي ڊاڪٽر منصور ميمڻ ۽ ڊاڪٽر ارم قلباڻي جي ڪوشش کي ڀرپور ساراهيو.

بقايا 20 "روزاني عبرت"

يونيورسٽي ۾ هڪ طرف پهريون ڀيرو نالج اڪانامي تحقيق ڪنڊڪٽ ڪرائيندي ساراهڻ لاءِ آفيس آف ريسرچ، انوويشن اينڊ ڪمرشلائيزيشن پاران سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا، جڏهن ته ٻئي طرف گرائونڊ ريچارج پٽ (کوهه) جو افتتاح پڻ ڪيو ويو ان موقعي تي وائيس چانسلر ڊاڪٽر محمد طفيل ۽ اعزازي مهمان پاڪستان سائنس فائونڊيشن جي چيئرمين ڊاڪٽر محمد اجمل استادن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا. يونيورسٽي جي ترجمان فروا حسن موجب، هن تقريب دوران 145 کان وڌيڪ استادن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيا. استادن اداري طرفان سندن خدمتن جي مڃتا کي هڪ خوش آئند روايت قرار ڏنو ۽ اهڙي ساراهه جي روايت قائم ڪرڻ تي انتظاميه خاص طور تي ORICجي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر رياض الدين جا ٿورا مڃيا. ٻئي طرف اين اي ڊي ۾ پهرين گرائونڊ ريچارج پٽ (کوهه) جو افتتاح پرو وائيس چانسلر ڊاڪٽر نعمان احمد ڪيو جنهن جو مقصد زمين ۾ ٻيهر پاڻي پهچائڻ ۽ ماحول دوست قدمن کي هٿي ڏيڻ آهي ان موقعي تي ڳالهائيندي ماحولياتي انجنيئرنگ شعبي جي ڊاڪٽر عاطف مصطفيٰ، ڊاڪٽر محمود علي ۽ سندن ٽيم ٻڌايو ته موجوده شهر ڪنڪريٽ جي جنگل ۾ تبديل ٿي چڪو آهي ۽ تارڪول وارين سڙڪون هجڻ سبب زير زمين پاڻي جي کوٽ پيدا ٿي رهي آهي اهڙين حالتن ۾ اهي کوهه زمين جي اندر پاڻي پهچائڻ جو ڪم ڪندا، جنهن سان ماحولياتي توازن ۽ ماحول دوستي جي تقاضائن کي پورو ڪرڻ ۾ مدد ملندي هنن فنڊنگ فراهم ڪرڻ تي ورلڊ وائيلڊ لائف فنڊ فار نيچر پاڪستان (WWF-Pakistan) ۽ ريڪٽ اينڊ ڪولمين جو پڻ شڪريو ادا ڪيو ان موقعي تي اين اي ڊي جي رجسٽرار سيد غضنفر حسين پڻ موجود هئا.

بقايا 21 "روزاني عبرت"

ڇڏيون آهن ۽ قومي احتساب بيورو (نيب) پاران زمين واپس سرڪاري تحويل ۾ وٺڻ واري ڪارروائي کي قانوني ۽ جائز قرار ڏنو آهي. عدالت پنهنجي فيصلي ۾ چيو آهي ته لاڳاپيل زمين ڪراچي جي پاڻي جي اهم تنصيبات ۽ عوامي پارڪ لاءِ مخصوص ڪئي وئي هئي، پر 1990ع واري ڏهاڪي دوران ڪجهه ڪرپٽ عملدارن جي ملي ڀڳت سان ان تي غير قانوني قبضا ڪرايا ويا ۽ زمين مختلف ماڻهن کي الاٽ ڪئي وئي. سنڌ هاءِ ڪورٽ سخت ريمارڪس ڏيندي چيو ته جنهن بنياد جي شروعات ئي غير قانوني هجي ان تي قائم ٿيل عمارتون يا مالڪي جا دعويدار قانوني تحفظ حاصل نٿا ڪري سگهن عدالت واضح ڪيو ته غير قانوني طور حاصل ڪيل زمين تي ڪنهن به قسم جو مالڪي حق تسليم نٿو ڪري سگهجي. عدالتي فيصلي موجب نيب چيئرمين نذير احمد بٽ جي قيادت ۾ جاچ ڪري زمين جي غير قانوني الاٽمينٽ ۽ قبضي جو پتو لڳايو ۽ زمين کي واپس سرڪاري تحويل ۾ ورتو جنهن کي عدالت به برقرار رکيو آهي سنڌ هاءِ ڪورٽ لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي آهي ته رياستي زمينن تي غير قانوني قبضا ڪندڙن ۽ اهڙي زمين جي خريد و فروخت ۾ ملوث ماڻهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي جيئن سرڪاري ملڪيتن جو تحفظ يقيني بڻائي سگهجي

بقايا 22 "روزاني عبرت"

لک روپين کان وڌيڪ ماليت جي 145.505 ڪلو گرام منشيات هٿ ڪري 2 عورتن سميت 6 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو ڇنڇر ڏينهن اي اين ايف ترجمان پاران جاري بيان مطابق ڪارروائين دوران ملتان ۾ واقع ڪوريئر آفيس ۾ ارجنٽائن کان آيل پارسل ۾ ليڊيز اسيسريز مان 205 گرام ڪوڪين جڏهن ترنول ٽاڪ اسلام آباد ويجهو 2 جوابدارن جي قبضي مان 4.8 ڪلو گرام چرس هٿ ڪيو ويو حسن ابدال اٽڪ ويجهو گاڏي مان 3.6 ڪلو گرام چرس هٿ ڪري 2 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو جي ٽي روڊ پشاور ويجهو 2 عورتن جي قبضي مان 2.4 ڪلو گرام چرس هٿ ڪري ورتو مرتضيٰ چورنگي ملير ڪراچي ويجهو 62 ڪلو گرام آئيس هٿ ڪري ورتي سٽي باءِ پاس ڊسٽرڪٽ چاغي ويجهو ٽرڪ مان 70 ڪلو گرام آفيم هٿ ڪيو ويو اسلام آباد ڪوريئر آفيس ۾ پارسل ۾ شوز باڪس مان 2.5 ڪلو گرام چرس هٿ ڪري ورتي ڪارروائين جو منشيات جي روڪٿام ايڪٽ 1997ع تحت ڪيس داخل ڪري جاچ جي شروعات ڪري ڇڏي آهي

بقايا 23 "روزاني عبرت"

جاري رهي، جنهن سبب شهرين کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي گذريل ٻن ڏينهن وانگر اڄ به پبلڪ ٽرانسپورٽ جي بندش سبب هزارين ماڻهو پنهنجي روزمره جي ڪمن ۽ ملازمتن تي پهچڻ لاءِ پريشان نظر آيا ڪراچي ٽرانسپورٽ اتحاد پاران اي چالان ۽ ڳرن ڏنڊن خلاف شروع ڪيل ڦيٿا جام هڙتال جو اڄ ٽيون ڏينهن هو جڏهن ته سنڌ حڪومت پاران هڙتال ختم ڪرائڻ لاءِ اڃا تائين ڪو به واضح قدم سامهون نه اچي سگهيو آهي هڙتال سبب غريب پورهيت، مزدور، شاگرد ۽ ملازمت پيشه ماڻهو پنهنجي منزلن تائين پهچڻ لاءِ ڏکيا فاصلا پنڌ طئي ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا آهن سول اسپتال ۽ جناح اسپتال وڃڻ وارن مريضن ۽ سندن وارثن کي به سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو ٻئي طرف شهر ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ جي بندش سبب آن لائين ٽرانسپورٽ سروسز تي دٻاءُ وڌي ويو آهي جنهن ڪري چنگچي رڪشن ۽ آن لائين ٽيڪسي سروسز جا ڀاڙا به نمايان طور وڌي ويا آهن ٽرانسپورٽرز جي هڙتال سبب نجي گاڏين هلائيندڙن ۽ متبادل ٽرانسپورٽ فراهم ڪندڙن کي مالي فائدو پهتو آهي. جڏهن ته عام شهري روزاني سفر جي وڌندڙ خرچن ۽ سفري مشڪلاتن سبب سخت پريشاني جو شڪار آهن

بقايا 24 "روزاني عبرت"

پاڪستان جي بصري فنن جي دنيا ۾ هڪ شاندار ۽ يادگار ورثو ڇڏي ويو آهي سندس نماز جنازه عصر جي نماز کان پوءِ مدرسه تعليم الاسلام حب ريور روڊ ڪراچي ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن کان پوءِ تدفين خانداني قبرستان ۾ ڪئي وئي. وهاب جعفر 1972ع ۾ علي امام جي رهنمائي هيٺ مصوري سکڻ شروع ڪئي ۽ احمد پرويز جي رنگن جي استعمال کان گهڻو متاثر ٿيو 1970ع واري ڏهاڪي جي زنده ثقافتي ڏي وٺ سندس فن سان محبت کي وڌيڪ مضبوط بڻايو انهيءَ عرصي دوران هن ڪراچي ۾ ڀارت جي فرانسس نيوٽن سوزا ۽ بنگلاديش جي مرتضيٰ بصير جهڙن فنڪارن جي ميزباني ڪئي سندس دوست کيس هڪ نرم مزاج، پرعزم ۽ گهري سوچ رکندڙ مصور طور ياد ڪن ٿا هڪ شاندار آرٽ مجموعي جو مالڪ هجڻ باوجود، وهاب جعفر ان کي پرڏيهي خريدارن کي وڪڻ کان انڪار ڪيو ڇاڪاڻ ته سندس يقين هو ته اهو مجموعو مڪمل صورت ۾ پاڪستان ۾ محفوظ رهڻ گهرجي ته جيئن عوام جي تعليم ۽ حوصلا افزائي جو ذريعو بڻجي سگهي اهو سندس دور انديشي ۽ سخاوت جو وڏو مثال هو. چوڪنڊي آرٽ گيلري جو ساڻس ڊگهو تعلق رهيو ٻئي طرف چوڪنڊي آرٽ گيلري جي انتظاميه ۽ عبرت گروپ آف پبليڪيشن جي سرواڻ قاضي اسد عابد مرحوم وهاب جعفر جي لاڏاڻي تي سندس پونئيرن سان دلي تعزيت جو اظهار ڪيو آهي

بقايا 25 "روزاني عبرت"

وکرو ڪندڙ آئل مصنوعات تي 80 روپيا في ليٽر ليوي جو فيصلو پڻ صحيح آهي ان کي واپس نه وٺڻ گهرجي صوبائي حڪومتن پاران مقامي حڪومتن کي فنڊز نه ڏيڻ سبب وفاقي بجيٽ مان سڌي ريت مقامي حڪومتن لاءِ فنڊ رکڻ جي تجويز اهم آهي ان تي عمل ٿيڻ گهرجي. گذريل ڏينهن قومي اسيمبلي ۾ سينيٽ سفارشن تي بحث ۾ حصو وٺندي جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي ميمبرن عاليه ڪامران چيو ته سينيٽ پاران ايڊوانس ٽيڪس 8 سيڪڙو تائين آڻڻ بجلي تي ڪارگيٽو سبسڊي ڏيڻ جي سفارش اهم آهي ان تي عمل ٿيڻ گهرجي. پيٽروليم ليوي کي ڪيپ ڪرڻ جي سفارش به اهم آهي هن چيو ته سينيٽ جون سموريون سفارشون معاشي ترقي ۽ ملڪ لاءِ اهم آهن مخالف ڌر جي ميمبر عمير خان نيازي چيو ته سينيٽ جون سفارشون با معنيٰ آهن يوٽ اسڪيمن تي اعتراض صحيح ناهي پيٽرول ۾ ملاوٽ ڪري وکرو ڪندڙن ۽ ٻين تي 80 روپيا في ليٽر ايف اي ڊي لاڳو جو مقصد سينيٽ کي ڏسڻ گهرجي ها برائي کي روڪڻ جي حوالي سان جيڪڏهن ڪا ڊيوٽي لڳائي پئي وڃي ته اهو درست آهي ان جي خاتمي جو مطالبو صحيح ناهي جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي ميمبر نعيمه ڪشور چيو ته صنعت کي گيس ۽ بجلي جي ٽيرف جي سفارش سٺي تجويز آهي ضم ٿيل ضلعن جي ٽيڪس ڇوٽ جي حوالي سان سينيٽ سفارشن ۾ نه ڳالهايو ويو آهي زراعت جي حوالي سان سينيٽ سفارشون اهم آهن انهن تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي پرڏيهي وفدن کي الڪحل آڻڻ جي اجازت ڏيڻ جي سفارش صحيح ناهي، ملازمن جي پگهارن ۾ 15 سيڪڙو اضافو ڪرڻ جي سفارش جي حمايت ڪيون ٿا. مهانگائي جي شرح سان اضافو ٿيڻ گهرجي يونيورسٽين کي سهولتون ڏيڻ جي سفارش جي به حمايت ڪيون ٿا. مقامي حڪومت کي مرڪز سان سڌي ريت فنڊنگ جي سفارش جي به سپورٽ ڪيون ٿا صوبا مقامي حڪومتن کي فنڊز نٿا ڏين صوبائي فنانس ڪميشن ايوارڊ جي ضرورت آهي. پنهنجو گهر اسڪيم تحت بنا وياج جي قرض ڏيڻ گهرجي. تماڪ جي ٽيڪس ۾ اضافي جي حمايت ڪيون ٿا. عامر ڊوگر چيو ته سينيٽ پيٽروليم ليوي ۽ ڪلائميٽ ليوي کي الڳ ڪرڻ جي سفارش اهم آهي. ٽيليڪام سيڪٽر تي ايڊوانس 15 سيڪڙو کان گهٽ ڪري 8 سيڪڙو ڪرڻ جي سفارش اهم آهي. پاڻ تي انڪم ٽيڪس جي شرح گهٽ ڪئي وڃي وفاقي حڪومت جي ملازمن جي لاءِ پگهارن ۾ 15 سيڪڙو اضافو ڪيو وڃي. هن چيو ته غير ترقياتي خرچن ۾ گهٽتائي ڪئي وڃي. حيدرآباد-سکر موٽر وي تي ڪم هلندڙ سال کان شروع ۽ ان لاءِ فنڊز ۾ اضافو ڪيو وڃي. تاجڪستان پاڪستان ٽرانسميشن لائين منصوبي تي ڪم ٿيڻ گهرجي پاڪستان ايران گئس پائيپ لائين منصوبي جي مڪمل ٿيڻ سان پاڪستان کي موقعو مليو آهي. ان منصوبي کي مڪمل ڪيو وڃي. اڳوڻي اسپيڪر اسد قيصر چيو ته تماڪ تي ٽيڪس ناڻي واڌ جي مطابق وڌڻ جي تجويز سٺي آهي جڏهن ته اها سگريٽن تي هئڻ گهرجي. پيداوار تي ٽيڪس لڳائڻ سان آبادگار متاثر ٿين ٿا. تماڪ کي زرعي پيداوار قرار ڏيڻ جي ضرورت آهي ان تي ٽيڪس ختم ڪيو وڃي مخالف ڌر جي ميمبر شبير قريشي چيو ته سينيٽ جي سفارشن ۾ جاري اسڪيمن جي مڪمل ٿيڻ جي سفارش ڪئي وئي آهي مظفر ڳڙهه يونيورسٽي لاءِ پي ايس ڊي پي ۾ رکيل 10 ڪروڙن کي وڌائي هڪ ارب ڪيو وڃي. عاطف خان سينيٽ سفارشن تي بحث ۾ حصو وٺندي چيو ته سمورن ايئر لائين کي رليف ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي وڃي، يورپ ۽ آمريڪا لاءِ فيڊرل ايڪسائيز ڊيوٽي بزنس ڪلاس سان اڪانامي ڪلاس کي پڻ رليف ڏنو وڃي صاحبزاده صبغت الله چيو ته سينيٽ سفارشن جي حمايت ڪيون ٿا، چڪدره کان لواري ٽنل تائين روڊ تي ڪم شروع ڪيو وڃي عائشه نذير جٽ چيو ته ملڪ ۾ پيٽنٽ ٽيڪنالاجي جي سهولت هئڻ گهرجي ان حوالي سان جيڪي سفارشون ڪيون ويون آهن انهن کي منظور ڪيو وڃي. کاڌي پيتي جي شين تي سيلز ٽيڪس ۾ گهٽتائي ڪئي وڃي گوهر علي خان چيو ته سينيٽ سفارشن ۾ قرضن جي انتظام سان لاڳاپيل اهم سفارش آهي اها حڪومت جي هڪ وڏي ذميواري آهي اسان مسلسل قرض وٺي رهيا آهيون جڏهن ته ان جي واپسي لاءِ موثر حڪمت عملي نظر نٿي اچي، اسان کي پنهنجي قرضن کي وڌيڪ ذميوارانو ۽ پائيدار بڻائڻو پوندو ته جيئن ايندڙ نسلن تي غير ضروري مالي بار نه پوي. موسمياتي تبديلي جي حوالي سان اصل ضرورت قدرتي آفتن کان بچاءُ وارن قدمن تي سيڙپڪاري ڪرڻ گهرجي وفاق ۽ صوبا ان فنڊ ۾ تعاون ڪن قدرتي آفتن کي ڪير به اڪيلو منهن نٿو ڏئي سگهي. شهزاده گستاسپ سينيٽ سفارشن تي بحث ۾ حصو وٺندي چيو ته ڪجهه علائقن ۾ فنڊنگ جي وڌيڪ ضرورت هوندي آهي. حميد حسين چيو ته سولر بيٽرين تي ٽيڪس ۾ اضافو واپس وٺڻ واري سفارش صحيح آهي، ضم ٿيل ضلعن ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ تمام گهڻي آهي. فارنرز جي پرڏيهه مان الڪوحل گڏ کڻڻ جو مقدار مقرر ڪيو وڃي. اندرون ملڪ اسڪالرشپ لاءِ وڌيڪ فنڊز رکيا وڃن اسان جا بند روڊ کوليا وڃن ۽ آءِ ڊي پيز کي واپس پنهنجي علائقن ۾ وٺڻ گهرجي.

بقايا 26 "روزاني عبرت"

واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو آهي ته هڪ مضبوط فوج پاڪستان جي سلامتي جي ضامن آهي مخالف ڌر جون هن ايوان ۾ سمورين تقريرن جو مرڪز پي ٽي آءِ باني سان ملاقات ۽ ان جي صحت جي چوڌاري رهي ٿي مخالف ڌر هر معاملي تي سياسي پوائنٽ اسڪورنگ کان پاسو ڪري، جڏهن اليڪشن ڪميشن انهن جي مرضي جا فيصلا ڪندي هئي ته چيف اليڪشن ڪمشنر سندن پسنديده هو هن سمورين چونڊن شفافيت سان ڪرايون هن حڪومت کي اهو ڪريڊٽ وڃي ٿو ته ججن جي مقرري ۾ پارليامينٽ جو ڪردار بحال ڪيو اسٽينڊنگ ڪميٽين کي بااختيار بڻايو قومي اسيمبلي ۾ لازمي خرچن تي جاري بحث سميٽيندي هن چيو ته بجيٽ تي بحث دوران مخصوص وقت کان مخالف ڌر ۽ حڪومت ۾ شامل سڀني پارٽين جي ميمبرن وڌيڪ وقت بحث ۾ حصو ورتو جڏهن ته انهن طرفان بحث ۾ اٿاريل نقطن جو ناڻي واري وزير بحث سميٽيندي ڀرپور احاطو ڪيو لازمي خرچن تي بحث دوران مخالف ڌر تنقيد براءِ تنقيد ڪئي مخالف ڌر جي سموري گفتگو جو حاصل مقصد پنج نقطا هو انهن تقريرن جو پهريون نقطو اهو هو ته هو فرد واحد جي چوڌاري گهمندا رهيا ان سبب پاڪستان جي پوري نظام کي گهمائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. بجيٽ تي بحث هجي، پارليامينٽ ۾ ڪو نقطو اٿارڻو هجي يا عدالتي سسٽم هجي انهن سڀني کي صرف هڪ ئي فرد جي چوڌاري گهمايو پيو وڃي. انهن جي هر تقرير پي ٽي آءِ باني سان ملاقات ۽ ان جي علاج تي هوندي آهي. هي ايوان هي ڪو مباحثي جو ڪلب ناهي جتي صرف سياسي تقريرون ڪيون وڃن مخالف ڌر ۾ سٺا ۽ ٽيڪنيڪل ماڻهو موجود آهن انهن جو مثبت ڪردار به آهي جڏهن ته ان روش کي ختم ڪرڻو پوندو ته سياست جي هر عمل تي حاوي ڪيو وڃي ان سان بجيٽ تي بحث دوران تقريرن جي اهميت نٿي رهي. هن چيو ته لازمي خرچن جي حوالي سان آئيني نقطن جي جواب تي بئريسٽر عقيل ملڪ دليلن سان جواب ڏنا. هن چيو ته اسان جي حڪومت کي اهو ڪريڊٽ حاصل آهي ته ان ججن جي مقرري ۾ پارليامينٽ جو ڪردار آن کي واپس ڏياريو ان ۾ مخالف ڌر جي به نمائندگي موجود آهي هن چيو ته مخالف ڌر جي ڪاوڙ ۽ ناراضگي جو بنيادي سبب اهو آهي ته اڄ اهي عدالتون موجود ناهن جتي گڊ ٽو سي يو چيو ويندو هو هن حڪومت کي ٻيو ڪريڊٽ اهو به آهي ته هن آئيني ڪيس اڪلائڻ لاءِ آئيني عدالت قائم ڪئي ۽ 15-15 سالن کان التويٰ هيٺ ڪيسن جي ٻڌڻي ٿي رهي آهي هن چيو ته ايوان ۾ اليڪشن ڪميشن جي حوالي سان به ڳالهايو ويو آهي جيستائين سندن مرضي جا فيصلا ايندا رهيا تيستائين هي چيف اليڪشن ڪمشنر سندن پسنديده هو ۽ ان وقت ان جون تعريفون ڪيون وينديون هيون هن عام چونڊن ضمني چونڊن ۽ بلدياتي چونڊن سميت سمورين چونڊن شفاف ڪرايون آهن. هن چيو ته چيف اليڪشن ڪمشنر جي مقرري لاءِ آئيني مشاورت ضروري آهي جڏهن ته ان طرف نٿا وڃن هن چيو ته اسان جي حڪومت کي اهو به ڪريڊٽ وڃي ٿو ته سينيٽ ۽ قومي اسيمبلي جي اسٽينڊنگ ڪميٽين کي بااختيار بڻايو آهي اتي بجيٽ پيش ٿئي ٿي ۽ اتان ان جي منظوري اچي ٿي

بقايا 27 "روزاني عبرت"

23 کان 25 جون تائين واشنگٽن ۾ ٿيندي پرڏيهي ميڊيا مطابق اهو اعلان آمريڪا جي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو ۽ لبنان جي صدر جوزف عون وچ ۾ ٽيليفونڪ رابطي ڪانپوءِ ڪيو ويو آهي آمريڪي پرڏيهي وزارت جي ترجمان ٽومي پيگوٽ بيان ۾ چيو ته مارڪو روبيو حزب الله جي هٿياربندن کان هٿ ڪڍڻ جي ضرورت تي هڪ ڀيرو ٻيهر زور ڀريو ۽ هڪ اهڙي مڪمل خودمختيار لبناني رياست جي قيام لاءِ لبناني حڪومت جي ڪوشش لاءِ آمريڪي تعاون جي عزم جو ورجاءُ ڪيو جيڪو پنهنجي سمورن پاڙيسرين سان گڏ امن سان رهي. ٻئي طرف لبناني صدر آمريڪي پرڏيهي وزير کي آگاهه ڪيو ته جامع جنگبندي اسرائيل سان سڌي ريت ڳالهين جي اڳڀرائي لاءِ هڪ بنيادي ٿنڀ آهي ڳالهيون ايندڙ هفتي واشنگٽن ۾ ٻيهر شروع ٿي رهيون آهن صدارتي بيان مطابق لبناني صدر جوزف عون اسرائيلي جارحيت جي خاتمي جي ضرورت تي زور ڀريو آهي

بقايا 28 "روزاني عبرت"

تي افسوس جو اظهار ڪندي فوتين جي گهرڀاتين سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو آهي گهرو معاملن واري وزارت طرفان جاري بيان ۾ وفاقي وزير چيو ته معصوم ماڻهن ۽ ٻارن کي نشانو بڻائڻ درندگي آهي هن چيو ته وحشي خوارجي ڪنهن به رعايت جا مستحق ناهن وفاقي وزير زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا به ڪئي

بقايا 29 "روزاني عبرت"

مسجد گنج شهيدان پڻ شامل آهي ڇنڇر ڏينهن سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ايڪس تي پيغام ۾ صدر مملڪت ڀارت کان مطالبو ڪيو آهي ته هو فوري طور اهڙا قدم کڻڻ بند ڪري ۽ خبردار ڪيو ته ان قسم جون ڪارروايون ڀارت ۾ وڌيڪ عدم استحڪام ۽ امڪاني طور رياستي ٽوڙ ڦوڙ جهڙن سنگين نتيجن جو سبب بڻجي سگهن ٿا صدر آصف علي زرداري انهن قدمن کي فوري روڪڻ اقليتن جي حقن جو تحفظ يقيني بڻائڻ ۽ گڏيل ثقافتي ۽ تاريخي ورثي جي حفاظت تي زور ڀريو

بقايا 30 "روزاني عبرت"

3 زخمي ٿي پيا ڊي پي او ياسر آفريدي موجب روڊ تي نصب ڪيل بارودي سرنگ ڌماڪي سان گاڏي ڦاٿي جنهن جي زد ۾ اچي مسافر وين ۾ سوار 5 ڄڻا مارجي ويا ڊي پي او ٻڌايو ته ڪجهه دير بعد ٻيو ڌماڪو به ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ امدادي ڪارروائي ڪندڙ 2 ڄڻا پڻ فوت ٿي ويا. ياسر آفريدي موجب ٻئي ڌماڪي سبب هڪ گاڏي به متاثر ٿي جڏهن ته فوتين جا لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ۽ واقعي بابت جاچ جاري آهي

بقايا 31 "روزاني عبرت"

سيد مراد علي شاهه پناهگيرن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته پاڪستان پناهگيرن جي ميزباني ڪندڙ دنيا جي وڏن ملڪن مان هڪ رهيو آهي ۽ هن ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين افغان پناهگيرن جي هر ممڪن سهائتا ۽ ميزباني ڪئي آهي هن چيو ته علائقائي ٽڪرارن جنگين ۽ بدامني سبب لکين ماڻهو پنهنجا گهر ڇڏڻ تي مجبور ٿيا، جن کي پاڪستان انساني همدردي جي بنياد تي پناهه ۽ سهولتون فراهم ڪيون سندس چوڻ هو ته هاڻي جڏهن علائقي ۾ حالتون بهتر ٿي رهيون آهن ته پناهگيرن جي باعزت، محفوظ ۽ رضاڪارانه واپسي کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي وڏي وزير چيو ته پناهگيرن جي ڊگهي عرصي تائين رهائش سبب ملڪ جي معيشت، امن امان ۽ سماجي ڍانچي تي مختلف اثر پيا آهن، تنهن هوندي به پاڪستان هميشه انساني همدردي ۽ پنهنجي عالمي ذميوارين کي اوليت ڏني آهي سيد مراد علي شاهه زور ڀريو ته پناهگيرن جي مسئلي جو پائيدار ۽ مؤثر حل ڳولڻ لاءِ عالمي برادري کي به پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت انساني وقار، بنيادي حقن ۽ بين الاقوامي اصولن جي روشني ۾ قدمن کڻڻ تي يقين رکي ٿي ۽ ان سلسلي ۾ پنهنجي ذميوارين کي نڀائيندي رهندي

بقايا 32 "روزاني عبرت"

ڪناري ويجهو ڪيترين پناهگيرن کي يورپ کڻي ويندڙ ٻيڙي اونڌي ٿي پئي جنهن جي نتيجي ۾ 11 ڄڻا ٻڏي فوت ٿي ويا جن جا لاش ڪڍيا ويا آهن جڏهن ته 40 ڄڻا اڃا تائين گم آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق اتر ليبيا ۾ پناهگيرن جي چرپر تي نظر رکندڙ ابرين گروپ ٻڌايو آهي ته حادثي ۾ 10 ڄڻا زنده بچي ويا آهن اهو حادثو رومي سمنڊ ۾ اتر آفريقي ملڪ جي اترئين حصي ويجهو پيش آيو اتر شهر طبرق ۾ ليبيا جي سامونڊي محافظ جتي ۽ هلال احمر اطلاع ڏنو ته گذريل 24 ڪلاڪن دوران لاش لڙهي سمنڊ ڪناري ويجهو اچڻ شروع ٿي ويا آهن سامونڊي محافظن هڪ ويڊيو به جاري ڪئي جنهن ۾ امدادي ٽيمن کي اڇي ڪفن نما ٿيلهن ۾ لاش سمنڊ ڪناري تي لاهيندي ڏنو ويو

بقايا 33 "روزاني عبرت"

لاهور جي دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت جي جج منظر علي گل ڪوٽ لکپت جيل ۾ 9 مئي تي پوليس جون گاڏيون ساڙڻ واري ڪيس جو محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌايو عدالت تحريڪ انصاف جي اڳواڻن محمود الرشيد، عمر چيمه اعجاز چوڌري ۽ ڊاڪٽر ياسمين راشد کي ڏهه ڏهه سال قيد جي سزا ٻڌائي دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت ڪيس ۾ نامزد تحريڪ انصاف جي سينيئر اڳواڻ شاهه محمود قريشي کي بري ڪري ڇڏيو

سنڌي ايڊيشن
انچارج: مجيب ناريجو
IBRAT SANSAR
عبرت سنسار
68 Golden Jubilee Year
Ibratsansar@yahoo.com
آچر 21 جون 2026ع

آمريڪا-ايران ڇڪتاڻ جو فيصلائتو مرحلو

فريد احمد

ايران_آمريڪا جنگي ڇڪتاڻ ۽ هرمز لنگهه جي ناڪابنديءَ سبب پيدا ٿيل انتهائي حساس ۽ تباهيءَ واري صورتحال ڪانپوءِ هاڻي سفارتڪاريءَ جي بند دروازن پٺيان هلندڙ عمل مان امن ۽ مفاهمت جا اهم اشارا سامهون اچڻ لڳا آهن. ان تبديليءَ سان خطو آهستي آهستي عسڪري ٽڪراءَ مان نڪري سفارتي حڪمت عمليءَ جي نئين ۽ پيچيده مرحلي ۾ داخل ٿي چڪو آهي، جتي طاقت جي مقابلي بدران ڳالهين ۽ معاهدن کي مرڪزي حيثيت حاصل ٿي رهي آهي.

ڌرين وچ ۾ هلندڙ انتهائي حساس ۽ ڳجها سفارتي رابطا هاڻي هڪ اهڙي وقتي فريم ورڪ جي صورت اختيار ڪري چڪا آهن، جنهن کي خطي ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ کي گهٽائڻ لاءِ اهم ڪوشش طور ڏٺو پيو وڃي. هن فريم ورڪ جو بنيادي مقصد ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ پيدا ٿيل ٽڪراءَ کي گهٽائڻ، امڪاني جنگ جي خطري کي روڪڻ، اقتصادي استحڪام کي مضبوط ڪرڻ ۽ علائقائي سلامتيءَ لاءِ هڪ نئون سفارتي رستو هموار ڪرڻ ٻڌايو پيو وڃي. پاڪستان جي ٽياڪڙي ۽ قطر جي سهڪار سان ڪيترن ئي هفتن جي ڳالهين کان پوءِ هڪ اهڙو وقتي پر اهم مفاهمتي معاهدو سامهون آيو آهي، جنهن کي خطي جي سفارتي تاريخ ۾ هڪ اهم تبديليءَ طور بيان ڪيو پيو وڃي.

اهو امن معاهدو اچڻ کان اڳ واشنگٽن جي اقتداري

آهي. ان جو اعلان ته وزير اعظم شهباز شريف ڪجهه منٽن اندر آسانيءَ سان ڪيو هو پر ان جي منظوري لاءِ ٽرمپ ڪابينا ۾ امن جي حامين کي اسرائيل نواز وزيرن سان سخت بحث مباحثا ڪرڻا پيا هئا.

امن معاهدي جي اعلان کان ٻه ڏينهن اڳ وائيٽ هائوس ۾ صدر ٽرمپ ۽ سندس صلاحڪارن وچ ۾ ڪيترائي گرماگرم اجلاس ٿيا. انٽيليجنس ادارن ايران ڏانهن نرم رويي جي مخالفت ڪئي، يهودي لابيءَ وڏيون ڪوششون ڪيون ته معاهدي جي راهه ۾ رنڊڪون پيدا ٿين. ساڳئي وقت نائب صدر جي ڊي وينس، اسٽيو وِٽڪوف ۽ جيرڊ ڪشنر معاهدي جي حمايت ۾ پرڏيهي وزير مارڪو روبيو ۽ بچاءَ واري وزير پيٽ هيگسيٿ سان سخت بحث پڻ ڪيو ۽ آمريڪي عوام جي پئسي تي اسرائيل جي جنگ وڙهڻ کان پاسو ڪرڻ تي زور ڀري رهيا هئا. انهن اندروني بحثن جي دوران صدر ڊونلڊ ٽرمپ جنهن کي جنگ جي سياسي ۽ معاشي نقصانن جو گهٽي حد تائين احساس ٿي ويو هو جنهن کي ڪانگريس مان جنگي نقصان جي پوراءِ لاءِ اضافي 80 ارب ڊالر حاصل ڪرڻ وڏو مسئلو بڻجي ويو آهي. هن آخرڪار سياسي ۽ اقتصادي دليلن کي بنياد بڻائي معاهدي جي حمايت جو فيصلو ڪيو ته جيڪڏهن ايران جا منجمد اثاثا بحال نه ڪيا ويندا ته عالمي مالي مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر تي اعتماد متاثر ٿي سگهي ٿو جيڪو آمريڪي معيشت لاءِ وڏو خطرو بڻجي سگهي ٿو. هو اهو به موقف اختيار ڪندو رهيو ته ايران کي پنهنجي دفاعي ضرورتن تحت ميزائل پروگرام جاري رکڻ جي محدود اجازت هجڻ گهرجي، ڇو ته عالمي سطح تي ٻين ملڪن وٽ به اهڙا نظام موجود آهن.

انهن بحثن کان پوءِ ڌرين ۾ ٽياڪڙي ڪندڙ پاڪستان مان وزيراعظم شهباز شريف 'اسلام آباد مفاهمتي يادداشت' جو اعلان ڪيو. ۽ پوءِ ان معاهدي اليڪٽرانڪ ڪاپيءَ تي صدر ٽرمپ، ايران جي صدر مسعود پزڪشيان

تان صحيحون ڪيون. جنهن بعد روبرو صحيحون ڪرڻ لاءِ سوئٽزرلينڊ ۾ گڏجاڻي ٿيڻي هئي، جتي عالمي ميڊيا، سفارتي نمائندا ۽ مختلف ملڪن جا وفد وڏي انگ ۾ شرڪت ڪرڻ وارا هئا. پاڪستان هن تقريب لاءِ مڪمل انتظامي تياريون پڻ مڪمل ڪري ورتيون هيون. پر پوءِ آمريڪا ڪجهه سببن جي ڪري اها تقريب ملتوي ڪري ڇڏي آهي.

ٻڌايو وڃي ٿو ته جنگبنديءَ کي برباد ڪرڻ لاءِ اسرائيلي وزير اعظم لبنان ۾ حملا تيز ڪري ايران کي به انهن حملن جو جواب ڏيڻ تي مجبور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر ايران آمريڪا تي واضح ڪري ڇڏيو ته لبنان تي حملا بند ڪرڻ جي ضمانت ڏني وڃي. جڏهن ته آمريڪا وٽ اهڙي ڪا به ضمانت نه هئي، ڇاڪاڻ ته يهودي لابي جو آمريڪي ايوانن ۾ اثر صدر ٽرمپ کي بيوس ڪري رهيو هو. بهرحال چيو وڃي ٿو ته بند دروازن پٺيان ڳالهين جو سلسلو مڪمل طور ختم ناهي ٿيو. خاص طور تي جنيوا ۾ آمريڪي نمائندا، جن ۾ جيرڊ ڪشنر ۽ اسٽيو وِٽڪوف شامل آهن، ايراني اختيارين سان ٽيڪنيڪل ۽ سفارتي سطح تي رابطن کي اڳتي وڌائي رهيا آهن، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته عمل مڪمل طور رڪيو ناهي.

پوءِ به مجموعي طور تي موجوده صورتحال هڪ اهڙي عبوري مرحلي جي نشاندهي ڪري ٿي، جتي بند دروازن پٺيان ٿيندڙ ڳالهيون يا ته هڪ پائيدار امن ڏانهن وڌي سگهن ٿيون يا وري خطي کي ٻيهر نئين عسڪري ڇڪتاڻ طرف ڌڪي سگهن ٿيون.

ايندڙ سٽ ڏينهن هن فريم ورڪ جي مستقبل لاءِ انتهائي فيصلائتا ثابت ٿي سگهن ٿا، جن ۾ واضح ٿيندو ته هي عمل تاريخي امن جي شروعات آهي يا رڳو عارضي

قانون سازي يا شهري حقن جي لتاڙ...؟

مجيب ناريجو

ملڪ جي قانوني ۽ سياسي تاريخ ۾ عوامي حقن کان وڌيڪ ڪارپوريٽ مفادن کي ترجيح ڏيڻ جو رجحان وڌندو پيو وڃي. تازو ان جو هڪ مثال تڏهن سامهون آيو جڏهن قومي اسيمبليءَ مان پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن ترميمي بل منظور ڪيو ويو. آئي ٽي وزارت پاران پيش ڪيل هن بل ملڪ ۾ قانوني ۽ عوامي بحث کي نئون رخ ڏئي ڇڏيو آهي. جنهن تي خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي ته ٽيليڪام ڪمپنين کي نجي ملڪيتن تي موبائل ٽاور، فائبر آپٽڪ ڪيبل ۽ ٻيو مواصلاتي ڍانچو لڳائڻ لاءِ وڌيڪ اختيار ملي سگهن ٿا.

سرڪاري موقف مطابق اهو قدم ڊجيٽل پاڪستان ۽ 5G لاءِ ضروري آهي. پر تنقيد ڪندڙن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن ڪنهن شهريءَ جي گهر، زمين يا ڇت بابت آخري فيصلو مالڪ بدران ٻيو ڪو ڪرڻ لڳي، ته پوءِ معاملو صرف ترقيءَ جو نه، پر ملڪيت جي حقن ۽ شهري آزاديءَ جو بڻجي وڃي ٿو.

تازي پارلياماني معلومات مطابق بل قومي اسيمبليءَ مان منظور ٿيڻ بعد سينيٽ ڏانهن موڪليو ويو آهي، جتي ان کي حتمي منظوريءَ کان اڳ اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ ڏانهن نظرثاني لاءِ اماڻيو ويو آهي. مطلب اهو آهي ته قانون اڃا حتمي نه ٿيو آهي، پر هن وقت جائزي ۽ ترميمي مرحلي ۾ آهي. هر حڪومت عوام کي اهو يقين ڏياريندي رهي ٿي ته نوان قانون ترقي ۽ ڀلائي لاءِ آهن. پر عملي طور ڪيترائي ڀيرا ترقيءَ جو بار عوامي حقن تي اچي ڪِري ٿو. ان بل به اهڙا سوال ٻيهر سامهون آندا آهن. جن کي رڳو سياسي افواهه چئي رد نٿو ڪري سگهجي.

ملڪ کي جديد مواصلاتي نظام، تيز انٽرنيٽ ۽ 5G جي ضرورت ضرور آهي. پر سوال اهو آهي ته ڇا ترقيءَ جو مطلب اهو آهي ته شهري پنهنجي ملڪيت تي فيصلي جي حق کان محروم ٿي وڃن؟ جيڪڏهن نجي ملڪيت تي فيصلا مالڪ جي رضامنديءَ بدران ٻين ڌرين جي سهولت مطابق ٿيڻ لڳن ته پوءِ اهو صرف بنيادي ڍانچي جو معاملو نه رهندو پر ملڪيت ۽ آزاديءَ جو بنيادي سوال بڻجي ويندو. آئين آرٽيڪل 23 ۽ 24 تحت ملڪيت جي تحفظ جي ضمانت ڏئي ٿو جڏهن ته آرٽيڪل 10_A انصاف پري پڌڙيءَ جو حق فراهم ڪري ٿو. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن ڪنهن قانون سان اهو تاثر پيدا ٿئي ته مالڪ جي رضامندي يا اعتراض کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي، ته حڪومت تي لازم آهي ته شفاف وضاحت ڏئي، نه ڪي تنقيد کي ترقيءَ خلاف موقف قرار ڏئي.

حقيقت اها آهي ته جمهوري نظام ۾ عوامي مفادن ۽ نجي حقن ۾ توازن ضروري هوندو آهي. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ اهڙن منصوبن لاءِ واضح قانوني طريقا، معاوضي جا اصول ۽ اپيل جا حق موجود هوندا آهن ته جيئن شهري بي وس نه بڻجن.

اصل سوال اهو آهي ته جيڪڏهن ڪنهن شهري جي "نه" چوڻ جي اهميت ئي ختم ٿي وڃي، ته پوءِ اهو رضامندي آهي يا جبر؟ جمهوريت ۾ رياست دليل سان قائل ڪندي آهي، نه ڪي طاقت سان فيصلا مڙهيا ويندا آهن. هتي مسئلو رڳو ٽاورن يا فائبر جو ناهي، پر فيصلي جي اختيار جو آهي. جيڪڏهن قانون ڪمپنيءَ جي سهولت کي ترجيح ڏئي ۽ شهريءَ جي رضامندي رسمي رهجي وڃي، ته پوءِ سوال اٿندو ته رياست عوام جي نمائندگي ڪري ٿي يا ڪارپوريٽ مفادن جي. اسان جي قانون سازيءَ جو معيار به هر نئين تڪرار سان سوالن هيٺ اچي رهيو آهي. ڪيترائي ڀيرا اهو تاثر ملي ٿو ته قانون اڳ منظور ٿين ٿا ۽ بحث پوءِ ٿئي ٿو. عوام حيران آهي ته ڇا واقعي هر شق جو تفصيلي جائزو ورتو ويو يا پارليامينٽ رڳو منظوريءَ جي مشين بڻيل آهي. سينيٽ ۾ بل جي حوالي سان پيدا ٿيل سوال اهو ظاهر ڪن ٿا ته معاملو ايترو سادو ناهي، جيترو بيانن ۾ پيش ڪيو پيو وڃي. تنهنڪري وڌيڪ شفافيت ۽ وضاحت جي ضرورت آهي.

صحت بابت خدشا به موجود آهن. جيتوڻيڪ سائنسي طور موبائل ٽاورن ۽ بيمارين جو قطعي تعلق ثابت ناهي، پر ڪيترائي ملڪ احتياطي اصول تحت رهائشي علائقن ۾ سخت ضابطا لاڳو ڪن ٿا. حڪومت جو فرض آهي ته مڪمل معلومات سان عوام کي اعتماد ۾ وٺي. اقتصادي طور تي به ملڪيت صرف اثاثو ناهي، پر ماڻهن جي زندگيءَ جي بچت ۽ مستقبل آهي. جيڪڏهن ماڻهن کي محسوس ٿيڻ لڳي ته سندن ملڪيت غير يقيني بڻجي وئي آهي، ته پوءِ اهو صرف قانون نه پر سڄي نظام تي اعتماد جو مسئلو بڻجي ٿو.

آخر ۾ ڳالهه اها آهي ته ترقي ۽ شهري حق هڪ ٻئي جا مخالف نه آهن. 5G فائبر ۽ ڊجيٽل معيشت ضروري آهن. پر انهن کي آئيني حقن جي قيمت تي حاصل نٿو ڪري سگهجي. جيڪڏهن ترقيءَ جو مطلب شهرين جي "ها" ۽ "نه" کي غير اهم بڻائڻ آهي، ته پوءِ سوال ضرور اٿندو ته اسان ترقيءَ ڏانهن وڃي رهيا آهيون يا حقن جي نئين حدبندي ڏانهن؟

حڪومت تي لازم آهي ته واضح جواب ڏئي: رضامندي جو حق ڇا هوندو؟ معاوضو ڪيئن طئه ٿيندو؟ اعتراض جو طريقو ڪهڙو هوندو؟ ۽ آئين سان مطابقت ڪيئن يقيني بڻائي ويندي؟ ڇو ته آخرڪار قانون جي آزمائش بيانن ۾ نه، پر عام شهري جي دروازي تي ٿيندي آهي. ۽ مضبوط رياست اها ناهي جيڪا صرف فرمانبرداري گهري، پر اها آهي جيڪا سوالن جا جواب دليل ۽ شفافيت سان ڏئي، ڇو ته اعتماد ئي سڀ کان وڏو قومي سرمايو آهي.

پيرل پياسي سان مبينا پوليس زيادتي ميرپوربٺوري جي صحافين جو احتجاج

اجلاس نور محمد ترڪ جي صدارت هيٺ ٿيو، صحافين پاران واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت

واقعي جي شفاف جاچ ڪري ذميوار اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي: صحافي

ميرپوربٺوري پيرل پياسي سان مبينا پوليس زيادتي قلم ڪٿي احتجاجي مظاهرو ڪندي

ميرپوربٺوري (رپورٽ غلام قادر وسير) ميرپوربٺوري پريس ڪلب جو اجلاس پريس ڪلب ميرپوربٺوري جي صدر نور محمد ترڪ جي صدارت ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ صحافي غلام قادر وسير، صحافي عاشق ترڪ، صحافي زاهد ملاح، صحافي قلب علي لغاري، صحافي محمد بخش رڳهيس، صحافي گل محمد رڳهيس، صحافي شوڪت علي نوناڻي، صحافي محبوب خاصخيلي، صحافي ذيشان ترڪ، صحافي غلام شبير ڪلهوڙو، صحافي عمران لغاري، صحافي محبوب لغاري، صحافي معشوق علي رڳهيس، صحافي امجد علي رڳهيو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي سينئر صحافي ۽ غلام الله پريس ڪلب جي صدر پيرل پياسي کي مبينا طور پوليس طرفان تشدد جو نشانو بڻائڻ، غير قانوني طور حراست ۾ رکڻ ۽ بعد ۾ جهمپير ٿاڻي ۾ ڪوڙو ڪيس داخل ڪري گرفتار ظاهر ڪرڻ واري عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو ته جيڪڏهن ڪنهن شهري يا صحافي خلاف ڪو الزام موجود هجي ته ان جي خلاف آئين ۽ قانون موجب شفاف ۽ قانوني ڪارروائي ٿيڻ گهرجي، پر ڪنهن شخص کي بغير قانوني جواز جي ڪنهي وجهڻ، ڪيس تشدد جو نشانو بڻائڻ ۽ بعد ۾ مختلف ڪيسن ۾ ظاهر ڪرڻ قانون جي حڪمراني ۽ بنيادي انساني حقن جي کليل ڀڃڪڙي آهي. هنن چيو ته صحافي سماج جون اکيون ۽ ڪن هوندا آهن، جيڪي عوامي مسئلن کي اجاگر ڪندي رياستي ادارن ۽ عوام جي وچ ۾ پل جو ڪردار ادا ڪندا آهن. صحافين کي هراسان ڪرڻ، سندن آواز دٻائڻ يا ڪين انتقامي ڪارروايون جو نشانو بڻائڻ ڪنهن به مهذب سماج لاءِ سلو سنئون ناهي. صحافين مطالبو ڪيو ته پيرل پياسي سان پيش آيل واقعي جي اعليٰ سطحي شفاف ۽ غير جانبدار جاچ ڪرائي وڃي. مبينا تشدد ۽ غير قانوني حراست بابت سمورا حقيقتون عوام آڏو آنديون وڃن ۽ جيڪڏهن ڪنهن اهلڪار پنهنجي اختيارن جو ناجائز استعمال ڪيو آهي ته ان خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. هن وڌيڪ چيو ته انساني حقن جي تنظيمن، وڪيل برادري ۽ صحافتي ادارن کي گڏجي اهڙن واقعن خلاف آواز بلند ڪرڻ گهرجي ته جيئن آئين، قانون ۽ بنيادي انساني حقن جو تحفظ يقيني بڻائي سگهجي. آخر ۾ هنن قلم ڌڻين صحافي پيرل پياسي سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪندي چيو ته صحافت جي آزادي، انساني وقار ۽ قانون جي بالادستي لاءِ هر قانوني، آئيني ۽ جمهوري فورم تي آواز بلند ڪئي ويندي ۽ هر قسم جي ناانصافي خلاف جدوجهد جاري رکي ويندي

سيٺارجا مان اغوا ٿيل شاگرديائي آصفه مغل جي بازيابي لاءِ جسقم جو احتجاج

جسقم آريسر سميت مختلف تنظيمن ۽ وارثن جو حسين آباد کان خيرپور طرف مارچ ڪيو

چار مهينا گذرڻ باوجود بازيابي نه ٿيڻ ۽ پوليس تي جوابدارن جي گرفتاري ۾ ناڪامي جا الزام

پيادل مارچ دوران مختلف هنڌن تي شاندار استقبال، ڌرڻي ۽ احتجاج جاري رکڻ جو اعلان

ڪنڊيجي (ن ع) جسقم آريسر ۽ مختلف تنظيمن سيٺارجا جي حسين آباد محلي مان چار مهينا اڳ اغوا ٿي ويل آصفه مغل جي بازيابي لاءِ وارثن جو ايس پي خيرپور جي آفيس ڏانهن پيادل مارچ شروع ڪيو آهي پوليس جوابدارن ۽ سهولتڪارن کي گرفتار نه پئي ڪري. وارث تفصيل موجب سيٺارجا جي حسين آباد محلي مان ڏهين جماعت جي شاگرديائي آصفه مغل اسڪول ويندي چار مهينا اڳ اغوا ٿي وئي هئي جنهن کي پوليس ڪيس داخل هجڻ جي باوجود اڃان تائين بازياب نه ڪرائي سگهي آهي جسقم آريسر ضلعي خيرپور جي نائب صدر ڊاڪٽر نذير ڪوکر، رٽائرڊ فوجي ارشد مغل، تحسين مغل، بلقيس مغل، جنيد ارشد مغل، پرويز سهتو، غازي امداد لاڙڪ، شوڪت گهانگهرو، قلب عباس سولنگي، فرحان منگي، طالب سهتو جي اڳواڻي ۾ بينر کڻي ايس پي خيرپور جي آفيس ڏانهن پيادل مارچ شروع ڪيو ويو آهي پيادل مارچ ڪندڙن سخت گرمي ۽ اس ۾ سخت نعريبازي ڪندا شاهه جي مشين ۽ ڪنڊيجي پهتا ته سندن جو شاندار استقبال ڪيو ويو ۽ پنهنجي منزل طرف روان دوان هئا پيادل مارچ ڪندڙن کي مختلف هنڌن تي ٿڌو پاڻي پياريو ويو ان موقعي تي هنن چيو ته سنڌ ۾ هڪ سوچيل سمجهيل منصوبي تحت نياڻين جي گينگ اغوا ڪري رهيا آهن جن کي پوليس ۽ اقتدار ڌرين جي پشت پناهي حاصل آهي سيٺارجا مان اغوا ٿي ويل ڏهين جماعت جي شاگرديائي آصفه مغل جي بازيابي لاءِ وارث ۽ سچاهه وند مسلسل جدوجهد جاري رکي آهي آصفه مغل جي اغوا ۾ گينگ ملوث آهي جيڪي مختلف بهانن سان آصفه مغل جي وارثن کي لٽيندا رهيا آهن سيٺارجا پوليس ان گينگ جي پشت پناهي ڪري رهي آهي هنن چيو ته سومر ڏينهن ايس پي خيرپور جي آفيس آڏو ڀرپور احتجاج ڪري ڌرڻو هنيو ويندو ۽ آصفه مغل جي بازيابي تائين جاري رهندو

حيدرآباد ۾ ناري جو ساهورن خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

ڀائرن کي ڪوڙي ڇهيڙي ڪيس ۾ جيل موڪلي ويو آهي: ناري

چيف جسٽس، سيشن جج ۽ ايس ايس پي نوٽيس وٺي ڪوڙا ڪيس ختم ڪرائي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ۾ ناري سهري ۽ ڏير پاران مبينا طور جنسي زيادتي جي ڪوشش عدالت ۾ خلع لاءِ درخواست داخل ڪرائڻ تان پوليس مخالفن جي ونگاري بڻجي وئي 2ڀائرن کي مبينا ڪوڙي ڇهيڙي جي ڪيس ۾ جيل موڪلي ڇڏيو ننڍي ڀاءُ ۽ مامي کي ڪنهن 30هزار رشوت وٺي هٿ ڪيا. موتمار ڌمڪيون متاثرين جو احتجاج حيدرآباد جي پيپلز ڪالوني لطيف آباد جي رهواسڻ 17ورهين جي اسماءُ زال وسيم چانڊيو ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته سندس جي سال اڳ وسيم پٽ دلمراد چانڊيو سان مائٽن جي مرضيءَ سان شادي ٿي هئي شادي ڪانپوءِ مڙس ڏير سهرو ۽ سس ناحق تشدد جو نشانو بڻائيندا رهيا ۽ پستول ۽ خاڪو سان حملو ڪري قتل ڪرڻ جي به ڪوشش ڪئي هن الزام هنيو ته سهري ۽ ڏير ياسين علي نواز حسين ۽ ٻين عدالتي ٻڌڻي دوران پڪائي نگر پوليس ذريعي منهنجي ڀائرن نياز ۽ مختيار کي ڪوڙي ڇهيڙي ڪيس ۾ گرفتاري ظاهر ڪري جيل موڪلي ڇڏيو جڏهن منهنجي ننڍي ڀاءُ رضا محمد ۽ مامي کي پوليس موبائل ۾ وجهي مختلف هنڌن تي رولائي هراسان ڪري اسان گهر وارن کان 25هزار روڪ ۽ ڀاءُ ۽ مامي جي کيسي ۾ پيل 5هزار کيسي مان ڪڍي ٽوٽل 30هزار رشوت وٺي اسان مان هٿ ڪڍيا. هن چيو ته مخالف طاقتور ۽ پيسي وارا آهن جڏهن ته منهنجا ڀائر محنت مزدوري ڪري گهر جو گذر سفر ڪندا آهن هن چيو ته مونکي ۽ منهنجي ڀائرن کي ساهرن پاران وڌيڪ جاني ۽ مالي خطرو آهي هن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ سيشن جج حيدرآباد، ايس ايس پي حيدرآباد کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽس وٺي ڪوڙي ڪيس ۾ گرفتار منهنجي ڀائرن کي

حيدرآباد ۾ بلديا ڪالوني جي رهواسين جو پوليس زيادتين خلاف احتجاج

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي بلديا ڪالوني جي رهواسين پوليس زيادتين خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون گلفام پالاري، گل حسن پالاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي هنن الزام هڻندي چيو ته بلديا ٿاڻي جي پوليس ميرپوري ۽ گهوٽڪي جي منتقلي بند ٿيڻ ڪانپوءِ شهرين تي ڇهرجي پئي آهي فقط بلديا ڪالوني مان ايس ايڇ او بلديا منتقلي نه ملڻ تي دڪان هلائيندڙ ٻن ڄڻن سوڊو 3 ڄڻن خلاف ڪوڙيون ايف آءِ آر داخل

سڪرنڊ ۾ شهداءِ ڪربلا جي ياد ۾ روحاني اجتماع جو اهتمام

الله پاڪ جلشانه قرآن پاڪ ۾ اهلبيت جو شان بيان ڪيو آهي: فيض محمد سڪندري

امداد حسين ۽ حافظ ذبير عطاري آقا ڪريم ﷺ جن جي شان ۾ نعت شريف جا نذرانا پيش ڪيا

سڪرنڊ (رپورٽ قاضي جاويد سنائي) شهداءِ ڪربلا جي ياد ۾ ڏهه روزه ذڪر حسين رضي الله عنه جي سلسلي ۾ مڪسي مسجد ليلا آباد ۾ روحاني اجتماع جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ علماءِ ڪرام، حفاظ ڪرام ۽ آئمه ڪرام ڪانسواءِ علائقي جي معزز شخصيتن پڻ شرڪت ڪئي جن ۾ حاجي نظير مڪسي، حافظ محمد علي، عبدالڪريم رستماڻي، عبدالرحمان پيو مڪسي، حاجي صغير احمد قادري ۽ قاضي ايم اشرف ميمڻ شامل هئا ان موقعي تي سنڌ جي مشهور عالم دين مناظره اسلام حضرت علامه مفتي فيض محمد سڪندري بيان ڪندي چيو ته الله پاڪ جلشانه قرآن پاڪ ۾ اهلبيت جو شان بيان ڪيو آهي هن چيو ته اهلبيت قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ ڪن قسمن تي آهي جنهن ۾ نسب وارا اهلبيت، پاڪ گهرواريون، اولاد ۽ خاص طرح جن کي آقا ڪريم ﷺ پنهنجي چادر مبارڪ هيٺان آڻي دعا فرمائي هئي هن وڌيڪ چيو ته امام حسين رضي الله عنه جن جي جڏهن ولادت ٿي تڏهن ملائڪن پڻ مبارڪون ڏنيون هيون جيڪي سيده فاطمه الزهره رضي الله عنها جن جي گهر تشريف فرما ٿيا هئا هن وڌيڪ چيو ته امير عمر رضي الله عنه ۽ امام عالي مقام حسين رضي الله جن جي پاڻ ۾ محبت جو حال اهو هو جو جڏهن به پاڻ ۾ ملاقات ٿيندي هئي ته سلام ۾ امير عمر رضي الله عنه پهل ڪندا هئا مفتي فيض محمد سڪندري وڌيڪ بيان ڪندي چيو ته سهڻي مدني آقا ﷺ فرمايو ته الله تعاليٰ سان محبت ڪيو ڇاڪاڻ جو هن نعمتن سان نوازيو آهي مونسان محبت ڪيو ڇاڪاڻ جو الله سائين مونسان محبت ڪري ٿو ۽ منهنجي اولاد سان محبت ڪيو ڇاڪاڻ جو هو منهنجو اولاد آهي مان ان سان محبت ڪيان ٿو ان موقعي تي عمر دراز اخترالقادري پڻ بيان ڪيو جڏهن ته امداد حسين عطاري ۽ حافظ ذبير عطاري آقا ڪريم ﷺ جن جي شان ۾ نعت شريف جا نذرانه پيش ڪيا اجتماع دوران حافظ محمد اشرف سڪندري آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو آخر ۾ حاجي سجڻ علي مڪسي ۽ حاجي رجب علي مڪسي آيل مهمانن جي شاندار مهمان نوازي ڪئي.

سڪرنڊ روحاني اجتماع ۾ فيض محمد سڪندري خطاب ڪندي

چوهڙجمالي لڳ قتل ڪيل نوجوان جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف وارثن جو احتجاج

عبدالله لاڪاٽيو پنهنجي ڀائيٽي نظير کي معمولي تڪرار تان قتل ڪري فرار ٿيل آهي: وارث

پوليس اڃان تائين جوابدار کي گرفتار نه ڪيو آهي هو تمام گهڻو وحشي ٿي چڪو آهي

چوهڙ جمالي (ن ع) چار ڏينهن اڳ چوهڙ جمالي لڳ مريد ڪوسو ٿاڻي جي حد ڳوٺ عارو لاڪاٽيو ۾ چاچي هٿان قتل ٿيل نظير لاڪاٽيو جي وارثن ڀيءُ حاجي لاڪاٽيو محمد يوسف لاڪاٽيو، حسين لاڪاٽيو مسمات بچان لاڪاٽيو ۽ ٻين چوهڙ جمالي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته اسان جو ڀاءُ عبدالله لاڪاٽيو پنهنجي نوجوان ڀائيٽي نظير لاڪاٽيو کي معمولي گهرو تڪرار تان قتل ڪري رائيفل سميت فرار ٿيل آهي اسان پنهنجي نوجوان نظير لاڪاٽيو جي قتل جي ايف آءِ آر جاتي ٿاڻي تي ڪرائي آهي پر جاتي پوليس اڃان تائين جوابدار کي گرفتار نه ڪيو آهي هو تمام گهڻو وحشي ٿي چڪو آهي جنهن اسان جي نوجوان کي قتل ڪري ڇڏيو اسان اهڙي وحشي ڀاءُ کان سڀ ڀائر ۽ سوٽ لاتعلقي ڪيون ٿا اسان جو وحشي جوابدار سان ڪوبه تعلق ناهي سڀاڻي جيڪڏهن هو ڪنهن جو به جاني يا مالي نقصان ڪيو ته ان جو ذميوار هو پاڻ هوندو اسين آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي سجاول کان پرزور مطالبو ڪيون ٿا ته اسان جي ڳڀرو نوجوان کي قتل ڪندڙ جوابدار عبدالله لاڪاٽيو کي فوري طور گرفتار ڪري اهڙي وحشي انسان کي سخت کان سخت سزا اسان غريبن سان انصاف ڪيو وڃي

چوهڙ جمالي پريس ڪ... سجاول

چوهڙجمالي لڳ قتل ڪيل نوجوان جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف وارثن جو احتجاج

گمبٽ ۾ محرم الحرام جون مجلسون جاري، "يا حسين يا حسين" جون صدائون بلند

شهر ۽ ڀرپاسي علائقن ۾ امام بارگاهن ۾ عشري جون مجلسون وڏي عقيدت سان منعقد

گمبٽ (ن _ع) محرم الحرام جي سلسلي ۾ گمبٽ شهر سميت ڀرپاسي جي علائقن

پيش ڪرڻ لاءِ گمبٽ شهر ۽ آس پاس جي ڳوٺن ۾ مجلس عزا ۽ نوحه خواني جو

محرم الحرام دوران عزادارن کي بهتر سهولتن فراهم ڪرڻ انتظاميه جي اولين ترجيح آهي: ڊي سي مٽياري

عزادارن لاءِ سيڪيورٽي سان گڏ طبي ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي يقيني بڻائي پئي وڃي: محمد يوسف شيخ

پوليس، رينجرز ۽ انتظاميه جا گڏيل دورا، امام بارگاهن، جلوسن جي رستن ۽ حساس هنڌن جو تفصيلي جائزو

علمائن ۽ امام بارگاهن جي انتظاميه پاران انتظامن تي اطمينان، افواهن کان بچڻ ۽ امن قائم رکڻ جي اپيل

مٽياري (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ چيو آهي ته محرم الحرام دوران امن امان جي قيام عزادارن کي بهتر سهولتن جي فراهمي جلوسن ۽ مجلسن جي پرامن انعقاد کي يقيني بڻائڻ ضلعي انتظاميه جي اولين ترجيح آهي هن چيو ته سيڪيورٽي انتظامن سان گڏ هيٺ ريو جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي عزادارن لاءِ طبي سهولتون صاف سٿرائي، روشني ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي کي به يقيني بڻايو پيو وڃي. محرم الحرام جي انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ ضلعي انتظاميه مٽياري، پوليس، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن طرفان ضلعي جي اهم امام بارگاهن، مجلسن جي هنڌن، جلوسن جي رستن ۽ حساس علائقن جا گڏيل دورا ڪيا ويا. ان موقعي تي هالا ۾ مرڪزي امام بارگاهه ڪربلا مولا جو تفصيلي معائنو ڪيو ويو جتي ڊپٽي ڪمشنر محمد يوسف شيخ انتظامن جو جائزو وٺندي لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته عاشوري جي ڏينهن دوران هر ممڪن سهولت ۽ سيڪيورٽي انتظام مڪمل رکيا وڃن. ضلعي پوليس سربراهه ايس ايس پي مٽياري محمد عليم بلو ان موقعي تي ٻڌايو ته پٽ شاهه سميت ڪجهه ٻين حساس هنڌن کي خاص طور تي سيڪيورٽي جي حوالي سان فوڪس ۾ رکيو ويو آهي. هن چيو ته ڊي ايس پيز کي اضافي پوليس اهلڪار فراهم ڪيا ويا آهن جڏهن ته رضاڪارن کي به باقاعده تربيت ڏني وئي آهي ته جيئن عزادارن کي فول پروف سيڪيورٽي فراهم ڪري سگهجي. هن وڌيڪ چيو ته پوليس ۽ ٻيا قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ مڪمل طور تي تيار آهن. دوري دوران شيعا علماءِ ڪرام، امام بارگاهن جي انتظاميه ۽ مرڪزي جلوسن جي اڳواڻن سان پڻ ملاقاتون ڪيون ويون. ضلع ۾ موجود تقريبن 12 مرڪزي جلوسن ۽ 40 کان 45 مجلسن جي هنڌن بابت انتظامن جو جائزو ورتو ويو. شيعا برادري جي اڳواڻن ۽ علماءِ ڪرام ضلعي انتظاميه، پوليس ۽ ٻين ادارن پاران ڪيل انتظامن کي ساراهيو ۽ انهن تي اطمينان جو اظهار ڪيو. ضلعي انتظاميه موجب پاڪ فوج، پاڪستان رينجرز ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن طرفان اڳواٽ ئي اهم ۽ حساس هنڌن جي نشاندهي ڪري سيڪيورٽي ڪوريج ۽ بيڪ اپ پلان تي عملدرآمد لاءِ تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن. عاشوري جي ڏينهن دوران گڏيل حڪمت عملي تحت سيڪيورٽي انتظامن کي وڌيڪ مؤثر بڻايو ويندو.

مٽياري ڊي سي محمد يوسف شيخ ۽ ايس ايس پي محرم الحرام جي حوالي سان انتظامن جو جائزو وٺندي

ميرپوربٺوري پينس ڪالوني روڊ تي وڏا کڏا پئجي ويا، مسافر تڪليف ۾ مبتلا

ڪالوني ڏانهن ويندڙ ٻه ڪلو ميٽر شروعاتي روڊ تباهه حال بڻيل، حادثن جو خطرو وڌي ويو

روزانو سفر ڪندڙ هزارين ماڻهو سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن، لاڳاپيل ادارا بي خبر بڻيل

شهرين جو هنگامي بنيادن تي مرمت ۽ تعمير لاءِ فنڊ جاري ڪري ڪم شروع ڪرائڻ جو مطالبو

ميرپوربٺوري (ن ع) ميرپوربٺوري کان حيدرآباد پينس ڪالوني ڏانهن ويندڙ لڳ ڀڳ ٻه ڪلو ميٽر شروعاتي روڊ تباهه حال بڻيل. روڊ جي ٻنهي طرف وڏا کڏا پوڻ سبب شهرين کي روزانو سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. روڊ جا ٻئي پاسا تباهه ٿيل آهن ۽ روڊ ۾ ٻنهي پاسن کان وڏا وڏا کڏا پيل آهن جنهن ڪري هن وقت تائين ڪيترائي ننڍا وڏا حادثا به ٿي چڪا آهن روزانو سفر ڪندڙ هزارين ماڻهو سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن روڊ ۾ وڏا کڏا پئجي وڃڻ ۽ روڊ ٽٽڻ سبب آمدرفت انتهائي مشڪل بڻجي وئي آهي خصوصاً شاگردن مريضن عورتن ۽ واپارين کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو پر لاڳاپيل ادارا اڃا تائين بي حسيءَ جو مظاهرو ڪري رهيا آهن شهرين مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور روڊ جي تعمير ۽ مرمت لاءِ هنگامي بنيادن تي فنڊ جاري ڪري ڪم شروع ڪرايو وڃي جيئن علائقي جي ماڻهن ۾ وڌندڙ بيچيني ختم ٿي سگهي ڪين محفوظ ۽ بهتر سفري سهولتون فراهم ٿي سگهن

اڱڙا ۾ منشيات ڪيس تڪراري بڻجي ويو، گرفتار نوجوان جي وارثن جو انتقامي ڪارروائي جا الزام

پوليس جو محمد سومر منگي کان 3 ڪلو ڀنگ هٿ ڪرڻ جو دعويٰ، منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل

گرفتاري ذاتي رنجش ۽ پراڻن حسابن جي نتيجي ۾ عمل ۾ آندي وئي آهي: وارث

راضيديرو (ن ع) نشو ناسور بڻجي ويو آهي سموري سنڌ اندر منشيات فروشن ۽ منشيات فروشن جي سهولتڪاري ڪندڙن خلاف وٺ پڪڙ جو عمل تيز ٿي ويو آهي پوليس جي اهڙي عمل ڪرڻ سان حقي ۽ ناحقي ماڻهو به ڦاسايا پيا وڃن جنهن کي انتقامي ڪارروايون ۽ پراڻا حساب ڪتاب چڪتو ڪرڻ ۽ پلاٽ ورتا پيا وڃن اڱڙا ٿاڻي تي مقرر ايس ايڇ او ۽ سندس جي نفريءَ ڪارنامو سرانجام ڏيندي حد اندر گشت ۾ نڪري پيو ۽ ناڪابندي ڪري هر ايندڙ ويندڙ ماڻهن کي چيڪ ڪندو رهيو نيٺ وڃي همراهه کي هٿيڪو ڪري ورتو جنهن کان مبينه ٽي هزار گرام ڀنگ هٿ ڪري مٿس منشيات رکڻ جي الزام تحت ڪيس داخل ڪري لاڪپ ڪري ايس ايس پي خيرپور کي آگاهه ڪري ڇڏيو جنهن قلمن جي ڀرمار ڪري ڏني ۽ ايف آءِ آر قلم لڳائي 2026:28 يو ايس 9(1) 1(بي) پي ايس اڱڙا پوليس جنهن کان منشيات هٿيڪي ڪئي ان جو نالو محمد سومر منگي آهي جنهن لاءِ ذريعن وٽان معلوم ٿيو آهي ۽ علائقي ۾ چوبول آهن ته ڪجهه پوليس اهلڪار آهن جيڪي مختلف پوليس

واپرائيندا آهن ۽ نشو ڪيائيندا به آهن ۽ منشيات فروش پيدا به ڪندا آهن منشيات جو ڌنڌو به ڪندا آهن اهو به ٻڌڻ ۾ اچي پيو ته اڱڙا پوليس پاران پڪڙيل محمد سومر منگيءَ مبينه پوليس واري کي منع ڪئي هئي ذريعن مان اهو به معلوم ٿيو آهي ته پوليس وارن کي ان محلي جي اندر جڳهون پڻ ورتيون آهي جتي هو نشي ڪيائڻ جو ڌنڌو ڪيو ڪندا آهن ته ان تي انهن منع ڪئي ته تون هتي آئيس نشي جهڙو موذي مرض نه ڦهلاءِ تنهن تي وائرليس آپريٽر ۽ ڏنڊوڙي پوليس اهلڪار انهن محلي وارن تي ڏمرجي پيا ۽ انتقامي ڪارروائي ڪرائيندي همراهه کي سوگهو ڪرائي ورتو آهي ياد رهي ته منشيات جهڙي موذي مرض کي ڦهلائڻ ۾ اڪيلو پوليس اهلڪار ئي هر هنڌ ڪاروبار ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿي رهيا آهن ۽ رهن پيا ياد رهي ته وائرليس آپريٽر جو پاڻ ۾ به تڪرار ٿي پيو آهي نشي وڪري ڪرڻ تي ان ڏس ۾ ته هڪ اهلڪار نشو ورهايو آهي ته تون ڀنگ سميت چرس آئيس هيروئن آفيم ڪيائيندي باقي مان شراب ۽ ان سان گڏ ٻيا نشا وڪرو ڪندس اهڙو چوبول هلندڙ آهي

شهيد رب ڏنو جت جي قاتلن کي هڪدم گرفتار ڪيو وڃي: محمد يوسف

چوهڙجمالي (ن ع) ساگر عبدالرحمان ميمڻ ۽ ٻين پي پي تعلقي شاهه بندر جي آفيس

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ٻلاول پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ ڳاڙي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
آچر 21 جون 2026ع

بجيٽ کان سفارتڪاريءَ تائين: قومي اسيمبليءَ ۾ اهم بحث!

ڪالهه قومي اسيمبليءَ ۾ وفاقي بجيٽ 2026-27 تي جاري بحث دوران ملڪ جي معاشي حالتن، عوامي مسئلن، پارلياماني روايتن ۽ پاڪستان جي تازي سفارتي ڪاميابين بابت جيڪي ڳالهيون سامهون آيون آهن سي نه رڳو حڪومتي ترجيحن جو اظهار آهن پر ملڪ کي درپيش وڏن چئلينجن ۽ موقعن جي به عڪاسي ڪن ٿيون. بجيٽ هر سال رڳو آمدني ۽ خرچن جو حساب ڪتاب نه هوندي آهي پر اها معاشي پاليسين ۽ عوام سان ڪيل واعدن جو به اظهار هوندي آهي. ان ڪري بجيٽ تي ٿيندڙ بحث کي جمهوري عمل جو هڪ اهم حصو سمجهيو ويندو آهي.

هن ڀيري به قومي اسيمبليءَ ۾ حڪومت ۽ مخالف ڌر جي ميمبرن پنهنجي پنهنجي نظر سان بجيٽ جو جائزو ورتو ۽ اهو اسيمبليءَ اڳيان پيش ڪيو اڳوڻي وزيراعظم راجا پرويز اشرف پاران سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۽ پينشن ۾ 7 سيڪڙو واڌ کي 'ناڪافي قرار ڏيڻ' ۽ گهٽ ۾ گهٽ 10 سيڪڙو اضافي جو مطالبو دراصل انهن لکين خاندانن جي احساسن جي ترجماني آهي، جيڪي وڌندڙ مهانگائيءَ جي ڪري سخت معاشي دٻاءُ هيٺ آهن. ملڪ ۾ خوراڪ، بجلي، گئس، فيول ۽ روزمره جي ضرورتن جي شين جا اگهه گذريل ڪجهه سالن دوران مسلسل وڌيا آهن. جڏهن ته آمدنيءَ ۾ ان حساب سان واڌ نه ٿي سگهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ عوام جي اها اميد فطري آهي ته بجيٽ کين ڪجهه رليف فراهم ڪندي. زراعت پاڪستان جي معيشت جو اهم ۽ بنياد آهي پر هاري ۽ آبادگار اڄ به ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن. پاڻيءَ جي کوٽ، زرعي دوائن ۽ ٻاڻ جي وڌندڙ قيمتن، پيداوار جي گهٽ اگهن ۽ موسمياتي تبديلين سبب زراعت جو شعبو دٻاءُ هيٺ آهي. اهڙي وقت ۾ جيڪڏهن بجيٽ ۾ زرعي شعبي لاءِ وڌيڪ سهولتون هجن ته ان سان نه رڳو هارين کي فائدو ٿيندو. قومي اسيمبليءَ ۾ بحث دوران هڪ ٻيو اهم پهلو پاڪستان جي سفارتي سرگرمين سان لاڳاپيل هو. آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ امن معاهدي جي آجيان ڪندي قومي اسيمبليءَ پاران متفق طور تي ٺهراءُ منظور ڪرڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته قومي مفادن جي معاملن تي پارليامينٽ هڪ گڏيل موقف اختيار ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي. جيڪڏهن پاڪستان ٻن اهم ملڪن وچ ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۽ ڳالهين جي عمل کي اڳتي وڌائڻ ۾ ڪو مثبت ڪردار ادا ڪيو آهي ته اها يقيناً هڪ قابلِ ذڪر سفارتي ڪاميابي آهي.

اڄ جي دنيا ۾ جنگين، تڪرارن ۽ سياسي بحرانن جو حل فوجي محاذن بدران سفارتڪاري، ڳالهين ۽ مفاهمت ذريعي ڳولڻ کي ترجيح ڏني پئي وڃي. پاڪستان گذريل ڪجهه ڏهاڪن کان خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي ڳالهه ڪندو رهيو آهي. ان ڪري جيڪڏهن ملڪ عالمي سطح تي هڪ ذميوار، غيرجانبدار ۽ قابلِ اعتماد ثالث جي حيثيت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي رهيو آهي ته اهو سٺو سنوڻ آهي. قومي اسيمبليءَ ۾ مختلف سياسي ڌرين پاران سياسي ۽ عسڪري قيادت کي ڀيٽا پيش ڪرڻ پڻ ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو ته ڪجهه قومي معاملن تي اختلافن کان مٿاهون ٿي گڏيل سوچ اختيار ڪرڻ ممڪن آهي. بهرحال سفارتي ڪاميابيون تڏهن وڌيڪ معنيٰ خيز بڻجن ٿيون، جڏهن انهن جا فائدا ملڪ ۾ به محسوس ڪيا وڃن. پاڪستان کي اڄ جن وڏن مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي انهن ۾ معاشي سست رفتاري، بيروزگاري، مهانگائي، تعليم ۽ صحت جي شعبن جون ڪمزوريون، پاڻيءَ جي کوٽ ۽ توانائيءَ جا مسئلا سرفهرست آهن مخالف ڌر ۽ حڪومت وچ ۾ پارلياماني بحث دوران اختلاف هئڻ جمهوري نظام جو حصو آهي پر ان سان گڏ اهو به ضروري آهي ته پارليامينٽ کي قومي فيصلا سازيءَ جو مرڪز بڻايو وڃي. جيڪڏهن حڪومت ۽ مخالف ڌر قومي مقصدن لاءِ گڏجي ڪم ڪن ٿا ته نه رڳو عالمي سطح تي ملڪ وڌيڪ باوقار حيثيت حاصل ڪري سگهي ٿو پر ملڪي عوام کي به هڪ محفوظ، خوشحال ۽ ترقي يافته مستقبل فراهم ڪري سگهي ٿو.

مثالي ڪردار غلام محمد خان بلو جي شخصيت!

سليم جتوئي

بلا اصل ۾ جتوئي ذات جي هڪڙي نُخ يا پاڙو آهن جتوئي ذات جي ٻين پاڙن يا نُخن ۾ شر، زنگيجا، ترت، ڪوش، ڪرسي، سعيدخاڻاڻي، خروس، ڀهلڪاڻي، ڪمالاڻي، شادئجا، مصراڻي، عطراڻي، نجراڻي، بداڻي سميت ٻيا پاڙا يا وري نُخون ڪٺي ڇڻجن شامل آهن جن جو ذڪر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جي لکيل ڪتاب 'سنڌ جون ذاتيون'، ٿرپارڪر جي ناميارري تاريخدان راءِ چند راٺوڙ صاحب جي لکيل ڪتاب 'تاريخ ريگستان' جي ڀاڱي پهرين ۾ ۽ رحيم داد مولائي شيدائي سميت ٻين تاريخدانن جي لکيل ڪتابن ۾ ڏٺل آهي تاريخ جا ورق ورائبا ته سنڌ ۾ هن مهل به ڪيترين ئي ذاتيون پنهنجي پاڙي يا نُخ سان سڃاتيون ٿيون. مثال طور ابڙا، ڪٽي ڪماريا سڏائين ٿا. پاڻوچا، اُنڙ جي نُخ يا پاڙو آهي. اٿين ٿرپارڪر ۾ وڏي انگ ۾ نهڙيا ذات رهي ٿي، جن مان ڪجهه نهڙيا سڏائين ته ڪجهه وري پنهنجي نُخ يا پاڙو سڏائين مثال طور ساهڙ اونا وغيره ۽ ٻيون ڪوڙ ساريون ذاتيون پاڙن سان سڃاتيون ٿيون بهرحال گهٽي ڊيگهه بدران اصل موضوع تي ٿا اچون سنڌ جو سچو سپوت ۽ هڪ مثالي ڪردار غلام محمد خان بلو 20 جون 1927ع تي تعلقي ٽنڊوعاقل جي ڳوٺ ڪوٽ شير محمد بلو ۾ ارباب خان بلو جي گهر ۾ پيدا ٿيو غلام محمد بلو هڪ علمي ۽ ادبي شخصيت سان گڏ هڪ اقتصادي ماهر پڻ هو. هن پنهنجي ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ورتي. جڏهن ته بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ ڪيائين ۽ وڌيڪ تعليم پرائڻ بعد سنڌ جي ماليات کاتي ۾ ٽريزري آفيسر طور ڀرتي ٿيو غلام محمد بلو پنهنجي نوڪري عبادت سمجهي وڏي ايمانداري سان ڪئي. سندس ايمانداري جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته مرحوم تُوڙي جو ماليات کاتي جو اعليٰ آفيسر رهيو ۽ وڏن عهدن تي فائز رهيو پر ان هوندي به وٽس حيدرآباد ۾ پنهنجو گهر ڪونه هو. جڏهن سرڪاري نوڪري تان رٽائر ڪيائين ته حيدرآباد جي پوش هنڌ تي نه پر پٺاڻ ڪالوني جي پاسي ۾ اڏيل 'غريب آباد'، جتي رهڻ وارا پورهيت طبقو ۽ ٻيا غريب رهندا هئا، اتي هڪ پلاٽ وٺي پنهنجو گهر ٺهرايائين

وڏي ڳالهه اها ته رٽائرڊ ٿيڻ کانپوءِ جي پي فنڊ تي لڳندڙ انٽرسٽ جا پئسا ۽ ڪميوٽيشن وغيره تي جيڪو انٽرسٽ ملڻو هو. اهو به ڪونه ورتائون مرحوم بلو سرڪاري ملازمت تان رٽائرڊ ڪرڻ بعد آرام ڪرڻ بدران پنهنجي گهر ۾ آفيس قائم ڪري بي ڀارو مددگار ماڻهن جي خدمت جو اهڙو مثال قائم ڪيو، جيڪو صدين تائين ياد رهندو. حاضر سروس ملازم هجن يا آفيسر پر اهي پنهنجي اپيلن پگهارن جي فڪسيشن ۽ خزاني آفيس سان لاڳاپيل مسئلن لاءِ وٽس ايندا هئا. هن مٽيادار ماڻهي مڙس نه آدي ڏٺي، نه ماڻهي ڏٺو؛ هر ماڻهو جي وس آهر بنا ڪنهن لالچ مدد ڪندو رهيو سنڌ جي سمورن کاتن جا ڪامورا ۽ ننڍا ملازم روزاني جي حساب سان پنهنجون ڳنڍيون فائيلن سان ڀري اچي لهندا هئا ۽ واپسيءَ تي سڄو ڪم ڪار سٽو ڪرائي پوءِ گهر روانا ٿيندا هئا. سائين بلو وٽ اهي ماڻهو به ايندا هئا، جن جا سروس ميٽرس هوندا هئا؛ تن کي وٺي اپيلون لکرائيندا هئا. وري ڪي ماڻهو پينشن جا ڪاغذ ٺهرائڻ ايندا هئا. تن جا پينشن جا ڪاغذ ناهي اي جي آفيس مان فائنل ڪرائي اچي ملڪن جي هٿ ۾ ڏيندا هئا. هڪڙي ڀيري هو پندرهن ويهن ڏينهن تائين ڪراچي نه وڃي سگهيو، پڇڻ تي ٻڌايائون ته مسڪين ماڻهن جا ڪم نه تيار ڪري ڇڏيا اٿم پر پاڻي جا پئسا ڪونهن تنهن ڪري ڪراچي وڃڻ نه پيو ٿئي سندن اها سوچ هئي ته ڪم ڪار لاءِ ايندڙ ماڻهن کان ڪرايو يا پاڻي جو وٺان؟ هو سڀ ڪم الله سان ڪيل واعدي مطابق ڪري رهيو آهيان، جيڪي مونکي هر صورت ۾ ڪرڻا آهن واعدو ڪهڙو هو؟ 1970ع ۾ جڏهن پاڻ ميرپورخاص جا ٽريزري آفيسر هئا. تڏهن حج تي ويا هئا ۽ اتي ڪعبت الله تي پهرين نگاهه ۾ رب پاڪ سان مخاطب ٿيندي دعا لاءِ هٿ مٿي ڪنيا ۽ عرض ڪيائين ته 'يا الله جيڪي مونکي صلاحيتون ڏنيون آهن. اهي تنهنجي مخلوق جي خدمت طور حوالي ٿو ڪيان سي قبول فرماءِ' بلوچي آئو وقت به محتاج هو جيئن سچ چئن، ٿلا ۽ قرتي پنهنجي زمان ۽ مڪان جي محور ۾ مقرر رفتار ۽ وقت سان ڪم ڪندا رهن ٿا. تيئن ئي هن کي به خدائي ڏات مليل هئي جو سندس هر ڪرت پنهنجي پنهنجي مقرر وقت سان پوري ٿيندي پئي رهي سندس لکيل ڪتابن ۾ 'سيرت نبي ڪريم ﷺ'، 'حليهه حديثون'، هٽلر جي مشهور ڪتاب جو 'منهنجي جاکوڙ' جي عنوان سان ترجمو وغيره شامل آهن هن سنڌ گزيٽ ۾ دادو، جيڪب آباد ۽ حيدرآباد ضلعن بابت ضروري درستگيون پڻ ترتيب ڏنيون ڪجهه عرصو انگريزي- سنڌي ڊڪشنريءَ تي به ڪم ڪيائين ان ڪانسواءِ هن مختلف يونيورسٽين ۽ ادارن جا ڪوڊ آف ڪنڊڪٽ ۽ سروس اسٽرڪچر ترتيب ڏنا. کيس مذهب جي بهترين ڄاڻ هئي سائين پنهنجي اولاد کي سٺي ريت پڙهايو، سندس ٽن فرزندن ڪميشن جو ميرٽ تي امتحان پاس ڪري سرڪاري ملازمت اختيار ڪئي، جن مان سندس وڏو پٽ ابوبڪر صديق انڪم ٽئڪس ڪمشنر ٿي رهيو. ٻيو فرزند محترم عمر فاروق بلو عين پنهنجي والد محترم جي ڪاپي آهي. کيس ملڻ وقت سائين بلو جون سڪون لهي وينديون آهن محترم عمر فاروق بلو سنڌ سرڪار ۾ مختلف ضلعن ۾ ڊپٽي ڪمشنر، ڊائريڪٽر سيٽلمينٽ سروي اينڊ لينڊ رڪارڊ، ڊائريڪٽر جنرل مائنز، سيڪريٽري روينيو سميت ٻين اعليٰ عهدن تي فائز رهيو آهي محترم عمرفاروق بلو جي رڳن ۾ به سائين جو رت سمايل هجڻ ڪري سرڪار جي نظرڪرم کان هميشه اوجهل رهندو پئي آيو آهي. کيس ڪيترائي مهينا يا ته وٽس پوسٽنگ نه هوندي آهي يا وري جي پوسٽنگ ملندي اٿس ته اتي جتي ڪلارڪ وانگر سڄو ڏينهن ڪم ڪندو رهي ان باوجود هن جي منهن تي مون ڪڏهن مايوسي ناهي ڏٺي، رب پاڪ کيس اڄ ڏينهن بلو صاحب جو ٽيون پٽ عثمان غني پبلڪ

سنڌ بجيٽ 2026-27ع: انگن اکرن جي راند!

منظور ڪوسو

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه 35.6 ڪرب روپين جي 11هين بجيٽ اهڙي ماحول ۾ پيش ڪئي جتي حسبِ روايت مخالف ڌر جي احتجاج، تعريبازي ۽ بائيڪاٽ جو سلسلو جاري رهيو. هر سال وانگر هن ڀيري به بجيٽ کي ترقي، خوشحالي ۽ عوامي ڀلائيءَ جي دستاويز قرار ڏنو ويو، پر سوال اهو آهي ته ڇا هي بجيٽ واقعي عام ماڻهو جي زندگيءَ ۾ ڪا مثبت تبديلي آڻيندي يا وري اها رڳو انگن اکرن جي اهڙي مشق آهي جيڪا ڪاغذن تائين محدود رهندي؟ سنڌ جي معاشي ۽ سماجي صورتحال ڪنهن کان ڳجهي ناهي هڪ پاسي مهانگائي عام ماڻهوءَ جي زندگي مشڪل بڻائي ڇڏي آهي ته ٻئي پاسي بيروزگاري، غربت، صحت ۽ تعليم جهڙا بنيادي مسئلا ڏينهون ڏينهن سنگين ٿيندا پيا وڃن اهڙي صورتحال ۾ ماڻهن کي اميد هئي ته بجيٽ ۾ گهٽ آمدني وارن طبقن، مزدورن، هارين، سرڪاري ملازمن ۽ بيروزگار نوجوانن کي رليف ڏيڻ لاءِ ڪي نمايان قدم کنيا ويندا پر بجيٽ جي تفصيلن مان اهڙو ڪو واضح پيڪيج سامهون نه آيو، جنهن کي غريب طبقي لاءِ تاريخي يا غير معمولي قرار ڏئي سگهجي سرڪاري ملازم جيڪي ملڪ جي ٽيڪس نظام ۾ ٻين طبقن کان وڌيڪ ٽئڪس ڏين ٿا پنهنجي پگهارن ۽ الائونسز بابت واڌ جي اميد سان احتجاج ڪندا رهيا. سنڌ اسيمبلي کان وٺي پريس ڪلب تائين سندن نعرا ٻڌڻ ۾ پئي آيا پر نتيجو اهو نڪتو ته وفاقي سطح تي ملازمن لاءِ جيڪو فيصلو ٿيو، ساڳيو ئي سنڌ ۾ به برقرار رکيو ويو. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽ ۾ ته ملازمن جي حقن بابت تقريرون ڪندي رهي، پر سنڌ ۾ ساڳئي موقف تي عمل ڪندي نظر نه آئي. اهو تضاد يقيناً سوالن کي جنم ڏئي ٿو. اصل مسئلو رڳو پگهارن يا الائونسز جو به ناهي. سوال ترجيحن جو به آهي ته آخر پيڙهيل طبقو ڇو سرڪار جي ترجيحن ۾ شامل ناهي؟ جڏهن سنڌ ۾ 43 سيڪڙو کان وڌيڪ آبادي غربت جي لڪير کان هيٺاهين زندگي گذاري رهي هجي. لکين نوجوان ڊگريون کڻي نوڪرين جي تلاش ۾ دربدر هجن. جڏهن ٻارن جو وڏو انگ غذائي کوٽ جو شڪار هجي. هڪ رپورٽ موجب 10 مان 9 ٻارڙن ۾ آئرن جي گهٽتائي نوٽ ڪئي وئي آهي. لکين ماڻهو رات جو بکئي پيٽ سمهندا هجن. تڏهن بجيٽ ۾ اهي ماڻهو وڌيڪ توجهه جي لائق هوندا آهن. پر کين هن بجيٽ ۾ به نظر انداز ڪيو ويو. جيڪڏهن سياستدان قوم سان مخلص هجن ته جيڪر ڪافي مسئلا حل ٿي وڃن پر بدقسمتيءَ سان اسان جي سياست ۾ عوامي مسئلن کان وڌيڪ سياسي مفادن کي اهميت ملندي رهي آهي چونڊن دوران عوام سان ويجهڙائپ، چهري تي سياسي مُرڪ سجائي ملڻ، تعزيتن ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ وڏا واعدا ڪرڻ عام ڳالهه هوندي آهي پر اقتدار ملڻ کانپوءِ عوام سان اهو رابطو آهستي آهستي ختم ٿيندو وڃي ٿو. اها صورتحال ڪا نئين ناهي گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان مفاد پرستي، اقرباپروري ۽ سياسي مصلحتن عوامي ڀلائيءَ جي جڳهه والاري ڇڏي آهي. مفادن جو زهر آهستي سياست ۾ سرايت ڪندي ڪندي اڄ مڪمل ان جي رڳ ريشي ۾ لهي چڪو آهي. تڏهن ئي ڏينهون ڏينهن قوم هر لحاظ کان تباهيءَ طرف پئي وڃي نيب ريفرنسز ۽ پبلڪ اڪائونٽس ڪاميٽين جي رپورٽن کي ڏسي خوب اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته قوم جو پئسو ڪيئن زيان پيو ٿئي سنڌ ۾ معمولي قسم جو آفيسر، اهو به غلط طريقي سان ڀرتي ٿيل 17 ارب روپين جي ڪرپشن ۽ ملي ڀڳت ضابطين ۾ ملوث نڪتو وزير محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ سنڌ، سعيد غني اڄ ڏينهن ڪراچي آرٽس ڪائونسل ۾ هڪ تقريب دوران ڳالهائيندي چيو ته سندس کاتي ۾ 20 ارب روپين جي ڪرپشن ٿي آهي ۽ ان حوالي سان مٿس سخت دٻاءُ آهي ته معاملو دٻايو وڃي. پر مان اهڙين ڌمن وزارتن کي به ٺڪرائي سگهان ٿو. پر اهڙو ڪم نٿو ڪري سگهان. جڏهن سياست عوامي مفادن جي بدران پنهنجن ذاتي مفادن جي تابع ٿيڻ لڳي ٿي ته پوءِ وس ويندي هر ڪو عوامي خزاني تي ڌاڙا هڻڻ کان وسان نه ٿو گهٽائي. هڪ بيوروڪريٽ نوڪري تان رٽائر ٿيو، ڇا هوندي هڪ 19/20 اسڪيل جي آفيسر جي ماهوار پگهار؟ ڪو خانداني اميريا ڪو زميندار به ناهي. سياست ۾ پير پاتائين اڄ اربين روپين جي ملڪيتن جو مالڪ آهي هنن کان ته ڪو پڇڻ وارو ئي ڪونهي ته هنن اهي اثاثا ڪٿان ٺاهيا ها؟ دولت، وسيلن، سياست مطلب ته هر شيءِ تي چند خاندانن جو قبضو آهي ۽ اهي ئي قوم جي قسمت جا فيصلا پيا ڪن. چوندا آهن ته اڳ ۾ توهان تي حق توهان جي ٻڪٽي پاءِ جو پوءِ پاڙيسري جو آهي. جڏهن سنڌ جي حالت اِها آهي ته لکين ماڻهن وٽ گهر ناهن ۽ ڪيترائي رات جو بکئي پيٽ سمهن ٿا پر سنڌ حڪومت جي فياضي ته ڏسو بجيٽ ۾ مالاڪنڊ ۾ وومين ووڪيشنل انسٽيٽيوٽ لاءِ 999.5 ملين روپيا رکي ڇڏيائين جڏهن ته پنهنجو حال اهو آهي ته سوين اسڪول جن کي نه چوديواري، نه پيئڻ جو صاف پاڻي ۽ نه ئي واش روم جي سهولت، صحبت پور ۽ جعفرآباد ۾ 4500 گهر اڏڻ لاءِ بجيٽ ۾ به ارب روپيا رکيا ويا، جڏهن ته پنهنجا ٻي گهر، قاتل خيمن ۽ وڻن هيٺان پيا زندگي جا ڏينهن گذارين بجيٽ ۾ دل ليٽيندڙ انگ اکر سڀ پنهنجي جاءِ تي سرڪار کي مبارڪ هجن پر فقط ان ڳالهه جي پڪ ڏني وڃي ته صحت کاتي لاءِ 338 ارب روپيا بجيٽ رکڻ کانپوءِ به ڇا سرڪاري اسپتالن ۾ غريبن جو علاج ٿيندو، دوائون ملنديون؟ مون هاڻي خبر پڙهي ته جمس اسپتال جيڪب آباد ۾ هڪ عورت کي ڌڪا ڏئي اسپتال کان ٻاهر ڪڍيو ويو، هن رڪشا ۾ ويم ڪيو. امن ۽ امان لاءِ 241 ارب 78 ڪروڙ روپيا رکڻ کانپوءِ ماڻهن کي امن ملندو يا منهنجي شهر شڪارپور جي شريف النفس ماڻهو آغا فيض الله دراني جيان وات ويندي ماريو ويندو جيڪڏهن بجيٽ عام ماڻهوءَ جي زندگي لاءِ سک چين آڻي ٿي ته واهه ته ته ٻي صورت ۾ هي انگن اکرن جي راند آهي

بينظير ڀٽو جي آخري ڪتاب ۽ سندس حياتيءَ جي سفر جون ڳالهيون!

نسيم بخاري

شهيد محترمه بينظير ڀٽو جيترا ڪتاب لکيا، جيتريون تحريرون قلمبند ڪيون، جيترا انٽرويو ڏنا يا عوامي جلسن ۾ جيڪي خطاب ڪيا، انهن سڀني ۾ ڪيل ڳالهين کي عملي طور تي پاڪستان پيپلز پارٽي ڪيتري حد تائين يقيني بڻايو آهي؟ پنهنجي منشور سان انهن کي هم آهنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيتري جاري رکي آهي؟ محترمه بينظير ڀٽو ڪتابن جي اهميت کان چڱيءَ ريت واقف هئي ۽ شايد اهوئي سبب هو جو سندس آخري ڪتاب سندس شهادت کان فقط ٻه ڏينهن اڳ مڪمل ٿيو. هن ڪتاب جو مختصر تعارف ۽ ان بابت مختلف رايا پيش ڪندي، محترمه جي حياتيءَ جي سفر تي به نظر وجهنداسين پر سوال اهو آهي ته روايتي طريقن کان هٽي ڪري، سندس عزم ۽ مشن کي اڳتي وڌائڻ جي حوالي سان پاڪستان پيپلز پارٽي پنهنجي حصي جو ڪردار ڪيتري ممڪن حد تائين ادا ڪيو آهي؟ محترمه شهيد بينظير ڀٽو جو ڪتاب 'مفاهمت'؛ اسلام، جمهوريت ۽ مغرب بابت مارڪ سيگل لکي ٿو ته پنهنجي ذات جي چوڌاري ڦرندڙ شورشن ۽ پارلياماني چونڊ مهم دوران پاڪستان جي وڏي سياسي جماعت پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت جون ذميواريون نڀائڻ باوجود، هن ڪتاب تي بينظير جي توجهه ڪڏهن به نه هٽي هن ان کي مڪمل ڪرڻ لاءِ اهڙي ثابت قدمي ۽ جذبي سان ڪم ڪيو. جهڙو هوءَ پنهنجي زندگيءَ جي ٻين اهم ڪمن کي پورو ڪرڻ وقت ڪندي هئي هن کي پختو يقين هو ته اسلام جي پيغام کي انتهاپسند ۽ جنوني سياسي رنگ ڏئي ان جو استحصال ڪيو پيو وڃي ۽ آمريت جي ڇانوَ هيٺ انتهاپسنديءَ جو لاوو پچي وڃي ته رڳو سندس وطن پاڪستان پر سڄي دنيا لاءِ خطرو بڻجي چڪو آهي جيتوڻيڪ مون هن ڪتاب جي تحقيق ۽ لکڻ ۾ بينظير جي مدد ڪئي پر شروع کان آخر تائين هيءُ ڪتاب سندس ئي آهي جيڪو مذهبن ۽ قومن وچ ۾ مفاهمت جو هڪ مثبت اظهار، اسلام جي حقيقي صورت جو بيباڪ بيان ۽ سماجن کي ويجهو آڻڻ لاءِ هڪ عملي راهه جو تعين آهي

مون لاءِ ڪنهن حد تائين اهو احساس تسڪين جو سبب آهي ته سندس آخري يادگار خون سان رڱيل قتل واري منظر سان نه پر هن ڪتاب جي ورثي سان جڙيل رهندي، جيڪو هڪ عظيم عورت جي مثبت سوچ، بصيرت ۽ قوتِ خيال کي عيان ڪري ٿو. سينيٽر ايڊورڊ ايم ڪينيڊي جو خيال آهي ته 'هيءُ ڪتاب انهن چئلينجن کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد فراهم ڪري ٿو، جيڪي اڄ اسان کي درپيش آهن ۽ اهو به واضح ڪري ٿو ته اسلامي دنيا سان هوشمنديءَ ڀريو مڪالمو آمريڪا ۽ دنيا لاءِ ڇو ضروري آهي' ميڊيلين البرائيٽ جا احساس آهن ته 'پاڪستان کي سمجهڻ کان سواءِ اڄ جي دنيا کي سمجهڻ ناممڪن آهي ۽ هن ڪتاب کي پڙهڻ کان سواءِ پاڪستان کي سمجهڻ به ناممڪن آهي المناڪ موت جو شڪار بڻجندڙ بهادر عورت اسان سان مفاهمت بابت ڳالهائي ٿي، اسان تي سندس ۽ پنهنجي ضمير جو اهو قرض آهي ته اسين سندس ڳالهه ٻڌون، سمجهون ۽ ان تي عمل ڪريون' پيٽر ڊبليو گيل ريٿ جي سوچ آهي ته 'دهشتگرديءَ خلاف سڏيل جنگ ۾ پاڪستان هڪ اهم محاذ بڻجي چڪو آهي 'مفاهمت' هڪ بهادر عورت جي جدوجهد جي ڪهاڻي آهي جنهن اسلام ۾ جمهوريت ۽ اعتدال پسنديءَ لاءِ جدوجهد ڪئي. بينظير ڀٽو انهن انتهاپسندن جي نه پر پاڪستاني مسلمانن جي وڏي اڪثريت جي نمائندگي ڪندي هئي. هي ڪتاب اسان کي ياد ڏياري ٿو ته اسان ڪيترو ڪجهه وڃائي ويٺا آهيون' شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ڪتاب کي اردو ۾ ترجمو ڪندڙ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سيڪريٽري جنرل جهانگير بدر جو چوڻ آهي ته هيءُ ڪتاب محترمه شهيد جي ورثي جي آخري ڪڙي ۽ حق جي نعري جهڙي اهڙي صدا آهي جنهن جي گونج ايندڙ زمانن ۾ به ٻڌڻ ۾ ايندي رهندي شهيد محترمه بينظير ڀٽو لکي ٿي ته 'مسلم دنيا اندر فرقن، نظرين ۽ اسلام جي پيغام جي مختلف تشريحن جي وچ ۾ هڪ اندروني خال ۽ سخت تڪراءُ موجود رهيو آهي هن طبقاتي ۽ فرقي واري ويڙهه پاڻ کي پاڻ جي خلاف بيهاري ڇڏيو آهي ۽ اهڙي روايت کي جنم ڏنو آهي جيڪا گذريل 1300 سالن کان قتل ۽ غارت ۽ ڦُرلٽ جو سبب بڻجندي رهي آهي هن فرقي واري ڇڪتاڻ مسلمانن جي نشاة ثانيه جي چمڪ دمڪ کي به ڏنڊلو ڪري ڇڏيو، جيڪا تاريخ جي عظيم دور ۾ ظاهر ٿي، جڏهن وڏيون يونيورسٽيون، سائنسدان، ڊاڪٽر ۽ فنڪار مسلمان هئا.' اڄ مسلمانن جي وچ ۾ فرقي وارو تشدد اهڙي گهري ويڙهه جي صورت ۾ صاف نظر اچي ٿو، جيڪا پنهنجي ئي پاڙن کي ڪمزور ڪري رهي آهي انتهاپسندن اسلامي عقيدن کي مغرب خلاف پنهنجي نام نهاد جهاد لاءِ جواز ۽ منطقي بنياد مهيا ڪرڻ خاطر ٽوڙي مروڙي پيش ڪيو آهي. زهريلا خيال اسلام ۽ اولهه جي تهذيبن ۾ تڪراءُ جي راهه هموار ڪن ٿا. اهي افيم وانگر ڪم ڪن ٿا، جيڪي مسلمانن کي ٻاهرين دشمنن خلاف هر وقت ڦرڪائي رکندا آهن ۽ کين پنهنجي علمي، سماجي ۽ معاشي زوال جي اندروني سببن کي ڳولڻ کان روڪيندا آهن حقيقت ۽ دانشورانه سوچ جي تقاضا آهي ته اسين معاملي جي ٻنهي پاسن تي نظر وجهون (هلندڙ)

---

05 محرم الحرام — ڪربلا جو واءِ ڏاڍو واقعو

زوار عبدالستار درس

قرآن حڪيم جي سوره الاحزاب جي آيت نمبر 57 ۾ ارشادِ خداوندي آهي ته "بيشڪ جيڪي ماڻهو خدا ۽ اُن جي رسولؐ کي اَذيت پهچائين ٿا، انهن تي خدا دنيا ۽ آخرت ٻنهي ۾ لعنت ڪئي آهي ۽ انهن جي لاءِ رُسوائيءَ وارو عذاب تيار ڪري رکيو آهي". سوره الاعراف آيت نمبر 157 جي آخري حصي ۾ هن طرح ارشادِ خداوندي آهي ته "بس (ياد رکو ته) جن ماڻهن هِن نبي (محمدؐ) تي ايمان آندو ۽ اُن جي تعظيم (عزت) ڪيائون، اُن جي مدد ڪيائون ۽ اُن نُورَ جي پيروي ڪيائون جيڪو اُن سان گڏ نازل ٿيو آهي ته اُهي ئي ماڻهو پنهنجي مُراد ماڻيندا" ۽ سوره آلِ عمران جي آيت نمبر 140 جي آخري حصي ۾ وري هن طرح فرمانِ خداوندي آهي ته "۽ خدا (پنهنجي حبيبؐ جي حُڪمَ کان) سرتابي ڪندڙن کي دوست نٿو رکي". جڏهن ته حضور ختمي المرتبت حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه واله وسلم جن جو فرمان آهي ته "منهنجو هر اُن شخص سان صلح آهي جيڪو حَسنين عہ سان صلح رکندو ۽ منهنجي هر اُن شخص سان جنگ آهي، جيڪو هنن سان جنگ ڪندو". ها هيءُ اهو ئي حُسين عہ هو جنهن سان جنگ کي حضور صہ جن پاڻ سان جنگ قرار ڏنو آهي. اُن حُسين عہ کي هاڻي جنگ جي ڪڪرن گهيرو ڪري ورتو هو.

مورخين لکن ٿا ته، 5 محرم الحرام جو ڏينهن اُڀريو ته "قاضي القضاه" قاضي شريح ڪُوفي دستور موجب دربار ۾ اچي ويٺو. ابنِ زياد هن جي چهري جي تاثرات جو جائزو ورتو، جنهن مان محسوس ڪيائين ته درهمن جي ٿيلهن ڪنهن حد تائين پنهنجو ڪم ڏيکاري ڇڏيو آهي. جائزو وٺڻ کانپوءِ هن قاضي شريح کان وري به ساڳي فتويٰ جي تقاضا ڪئي. قاضي شريح چيو ته، مون توهان جي فتويٰ واري ڳالهه تي سڄي رات سوچيو آهي ۽ نيٺ آئون اِن نتيجي تي پهتو آهيان ته حُسينؑ بن علي عہ واجب القتل آهي، ڇو جو هن وقت جي خليفي جي خلاف خُروج ڪيو آهي. ان بعد قاضي شريح اُن ئي قلمدان مان قلم کنيو. جيڪو قلمدان هڪ ڏينهن اڳ پنهنجي ٿي مٿي ۾ وهائي ڪڍيو هٽائين. قلم کڻي هن فرزندِ رسول صہ جي قتل جي فتويٰ لکندي لکيو ته "منهنجي ويجهو اهو امر ثابت ٿي ويو آهي ته حُسين عہ بن علي عہ وقت جي خليفي خلاف خُروج ڪيو آهي ۽ رسول صہ جي دين مان خارج ٿي چڪو آهي. ان ڪري هو واجب القتل آهي".

ابن عربي لکي ٿو ته، قاضي شريح پاران جاري ڪيل اهڙي فتويٰ کان پوءِ ابنِ زياد جي لشڪر جو حوصلو وڌي ويو ۽ ماڻهو ڪثرت سان ابنِ زياد جي لشڪر ۾ شامل ٿيڻ لڳا. جنهن کان پوءِ هن شبث ابن ربعي جي اڳواڻيءَ ۾ 4 هزار، ڪعب بن طلحه جي اڳواڻيءَ ۾ 3 هزار، عروه بن قيس جي اڳواڻيءَ ۾ 4 هزار، سنان بن انس جي اڳواڻيءَ ۾ 10 هزار، محمد بن اشعث جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ هزار ۽ عبدالله بن حصين جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ هزار سوارن جا لشڪر ڪربلا روانا ڪيا.

ڪوفي مان ڪربلا لشڪرن جي آمد جو سلسلو مسلسل جاري رهيو. جنهن سبب ڪربلا جو سڄو ميدان يزيدي فوج جي خيمن سان ڀرجي ويو. ان هوندي به ابنِ زياد جي دل تي امام حُسين عہ ۽ ان جي جان نثار سائين جي بهادري، شجاعت ۽ قوت جو ايترو ته خوف طاري ٿيل هو جو هن حصين بن تميم جي اڳواڻيءَ ۾ قادسيه ۾ ترسيل 3 هزار واري لشڪر کي به ڪربلا ڏانهن روانو ڪيو ۽ ڪوفي ۾ عام پرڙيءَ جو اعلان ڪرائي پاڻ ڪربلا ڏانهن ويندڙ رستي تي نخيله واري مقام تي اچي خيمه زن ٿيو ته جيئن پنهنجي اکين جي اڳيان وڌيڪ فوجي لشڪرن کي ڪربلا ڏانهن روانو ڪندو رهي. ڪوفي جي سردارن حجار بن ابحر عمرو بن الحجاج ۽ ٻين کي ڪربلا ڏانهن روانو ڪرڻ بعد هن سويد بن عبدالرحمان کي اهو حڪم ڏئي ڪوفي آماڻيو ته اتي جيڪو به شخص نظر اچي ان کي گرفتار ڪري فورن مون ڏانهن روانو ڪيو وڃي. اهڙيءَ ريت ڪوفي جي مڪمل آباديءَ کي ڪربلا جي ميدان ۾ آندو ويو ۽ ڪربلا جي زمين يزيدي فوج جي ڪثرت سبب ماڻهن جو ڇوليون هڻندڙ سمنڊ بڻجي وئي.

مورخين لکن ٿا ته ڪربلا ۾ يزيدي فوج جي سپهه سالار عمر بن سعد چاهيو ٿي ته، اگر امام حُسين عہ سان جنگ نه ڪرڻي پوي ته بهتر آهي. ان مقصد تحت هن امام حُسين عہ سان ڪجهه ملاقاتون به ڪيون. جڏهن ڪربلا جو ميدان يزيدي فوج جي ڪثرت سبب ٽمٽار ٿي ويو تڏهن خولي بن يزيد خط لکي ابنِ زياد کي پنهنجي خيالن کان هن طرح آگاهه ڪيو ته "مون کي نٿو لڳي ته عمر ابن سعد تنهنجي حڪم جي تعميل ڪندو هو ته روزانو رات جو امام حُسين عہ سان هڪ جدا مقام تي وڃي ڪچهريون ڪري رهيو آهي. عمر بن سعد کي چئو ته سپهه سالاريءَ واري ذميواري منهنجي حوالي ڪري پوءِ ڏسو ته آئون ڪيئن ٿو ان ڪم کي تُرت انجام تي پهچايان".

خولي بن يزيد جو لکيل خط جڏهن ابنِ زياد کي مليو ته خط پڙهي هو باهه ٿي ويو. هن کي عمر بن سعد تي سخت ڪاوڙ اچڻ لڳي، جيڪو هيترو وڏو لشڪر گڏ هجڻ جي باوجود اڃان تائين امام حُسين عہ ۽ سندن سائين تي حملو ڪرڻ کان لنوائي رهيو هو.

لطيفي لات ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

جَھيڙو لاهِه يزِيدَا! عَلِيءَ جي اولادَ سين،
ڪانَه پَسَنديَن عِيدَ، حَسنَ ۽ مِيرَ حُسَيِنَ ري،

جهيڙو= جنگ، جدل /لاهه= ختم ڪر، ڇڏي ڏي/يزيدا =اي يزيد ابن معاويه بني اميه جو ٻيو خليفو/ڪانه پسندين= ڪڏهن به ڪونه ڏسي سگهندين /عيد=خوشي، راحت، ذهني سڪون /ري= ڪانسواءِ، انهن کان بغير (سر- ڪيڏارو، مرتب ڀاڳون خان شيخ)

هتي يا هن شعر ۾ لطيف سائين، بنو اميه جي ٻئي خليفي يزيد بن معاويه کي ملامت ڪندي چئيس ٿو ته 'اي يزيدا! علي ع-س جي اولاد سان پنهنجي وڏن جي دشمني پاڻ لاءِ جيڪا جنگ جوٽي اٿئي سا ختم ڪر، ڇو ته جن سان يعني حضرت امام حسن عليه سلام ۽ حضرت امام حسين عليه سلام، جن کي تو تاراج ڪيو آهي سي حضرت امام علي عليه سلام جا فرزند، حضور نبي پاڪ جن جا ڏوهٽا ۽ جنت جي جوانن جا سردار آهن. سندن فضيلت تمام مٿانهين درجي واري آهي. انهن جي راضپي ڪانسواءِ تو کي ڪي به خوشيون راس نه اينديون. تون ڪڏهن به، ڪٿي به، نه هن جهان ۾ ۽ نه ئي هُن يعني اڳئين جهان ۾ پُرسڪون رهي سگهندين. پنهنجي روح کي پرمسرت رکڻو اٿئي ۽ دائمي خوشيون ماڻڻيون اٿئي ته عليءَ ع-س جي اولاد سان جنگ ختم ڪر.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اجوڪو ڏينهن ---- 21 جُون

بينظير ڀٽو

اڄ پاڪستان سميت اسلامي دنيا جي پهرين عورت وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي نياڻي شهيد بينظير ڀٽو جي سالگرهه جو ڏينهن آهي سنڌ جي هن عظيم نياڻيءَ جو جنم 21 جون 1953ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم ڪراچيءَ جي اسڪولن مان حاصل ڪئي ان بعد جيزز ۽ ميري ڪانوينٽ اسڪول مريءَ ۾ داخل ٿي جتان 1968ع ۾ او ليول جو امتحان پاس ڪيائين هن 1969ع کان 1973ع تائين هارورڊ يونيورسٽيءَ جي ريڊڪلف ڪاليج ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ بي اي جي سند حاصل ڪئي 1973ع ۾ هن انگلينڊ جي جڳ مشهور آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتي جتي فلاسافي، سياسيات ۽ معاشيات جا ڪورس پڙهيائين ۽ 1976ع ۾ بي اي جي ڊگري سند حاصل ڪيائين 1977ع ۾ ساڳي يونيورسٽيءَ مان بين الاقوامي قانون ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪيائين پنهنجي پڙهائيءَ دوران 1972ع ۾ هن پنهنجي پيءُ سان گڏ شملي ۾ اندرا گانڌيءَ سان ملاقات ڪئي هندستان ۽ پاڪستان جي اخبارن ۾ پهريون ڀيرو هن کي خوب ساراهيو ويو. 1974ع ۾ پاڪستان ۾ منعقد ٿيندڙ اسلامي سربراهي ڪانفرنس ۾ هن لبيا جي اڳواڻ معمر قذافيءَ، مصر جي انور سادات، شام جي حافظ الاسد، سعودي عرب جي شاهه فيصل ۽ ٻين اڳواڻن سان ملاقاتون ڪيون آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائيءَ دوران هوءَ ايشيا جي پهرين شاگرديائي هئي جنهن آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ جي ڊبيٽنگ سوسائٽيءَ جي صدر هئڻ جو اعزاز حاصل ڪيو تعليم پوري ڪرڻ بعد 1977ع ۾ هوءَ وطن واپس آئي سندس وطن واپسيءَ کان ٿورو عرصو پوءِ سندس والد شهيد ڀٽي جي حڪومت ختم ڪري ملڪ ۾ مارشل لا لاڳو ڪئي وئي ۽ 1979ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاسي ڏئي سندس عدالتي قتل ڪيو ويو. انهيءَ دوران بينظير ڀٽو فوجي ڊڪٽيٽر جنرل ضياءُ الحق سان مهاڏو اٽڪايو ۽ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ تاريخي جدوجهد ڪئي 1982ع ۾ هن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرپرسن جو عهدو سنڀالي پارٽيءَ کي سهارو ڏنو. 1979ع ۽ 1984ع دوران هن کي ڪيترائي ڀيرا گهر ۾ نظربند ڪيو ويو انهيءَ دوران ڊسمبر 1987ع ۾ آصف علي زرداريءَ سان سندس شادي ٿي 1988ع ۾ ضياءُ الحق جي موت کان پوءِ ملڪ ۾ عام چونڊون ٿيون، جن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي سوڀاري ٿي ۽ بينظير اسلامي دنيا جي پهرين عورت وزيراعظم طور پنهنجي عهدي جو قسم کنيو. 1990ع ۾ سندس حڪومت کي ختم ڪيو ويو. 1990ع واري چونڊن کان پوءِ هن قومي اسيمبليءَ ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ هئڻ جو ڪردار ادا ڪيو 1993ع واري چونڊن کان پوءِ هن ٻيهر پاڪستان جي وزيراعظم طور ملڪ جون واڳون سنڀاليون. 1996ع ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر سندس حڪومت کي ختم ڪيو ويو ان کان پوءِ هن تي ڪيترائي ڪوڙا ڪيس مڙهيا ويا ۽ هن پنهنجو گهڻو وقت جلاوطنيءَ ۾ گذاريو 1999ع ۾ جنرل پرويز مشرف ملڪ ۾ فوجي حڪومت قائم ڪئي. بينظير 1977ع واري فوجي مارشلا واتگيان هن تئين مارشل لا

جلسا ڪيا. 27 ڊسمبر 2007ع تي راولپنڊيءَ ۾ اهڙي ئي هڪ عوامي ميڙ ۾ هن شهادت جو جام نوش ڪيو.

مولانا عبدالغفور مفتون همايوني

مولانا عبدالغفور همايوني پنهنجي دور جو قادرالڪلام شاعر ۽ ديني علم هو سندس جنم جي تاريخ تي اختلاف آهي مخدوم طالب المولى پنهنجي ڪتاب 'ذڪر نايابِ عرف يادِ رفتگان' ۾ هن جي جنم جو سال 1845ع لکيو آهي جڏهن ته ڪجهه ٻين حوالن ۾ سندس جنم جي تاريخ 22 مارچ 1844ع پڻ لکي وئي آهي سندس ولادت شڪارپور جي ڳوٺ همايون ۾ ٿي سندس والد جو نالو مولانا محمد پيچوهو هو. جيڪو اصل ۾ بلوچستان جي جهت پٽ واري علائقي جو رهواسي هو. مولانا عبدالغفور ابتدائي تعليم پنهنجي والد کان حاصل ڪئي پر اڃا ٻارهين ورهين جو مس هو جو سندس والد وفات ڪئي ان بعد مولانا سلطان محمود سيتپوريءَ وٽ وڌيڪ ديني تعليم حاصل ڪري دستاربند ٿيو ڪجهه عرصو پنهنجي والد جي قائم ڪيل مدرسي ۾ ٻارن کي ديني تعليم ڏيندو رهيو پر بعد ۾ فقط ڪن خاص شاگردن کي پڙهائڻ شروع ڪيائين عمر جو آخري حصو گوشه نشينيءَ ۽ مطالعي ۾ گذاريائين هو پنهنجي دور جو قادرالڪلام شاعر ۽ صاحب فتويٰ عالم هو. کيس سنڌي، فارسي، عربي، هندي ۽ سرائڪي ٻولين تي عبور حاصل هو. انهن سمورين ٻولين ۾ شاعري ڪيائين سندس ڪلام روحانيت جي رنگن ۽ حضور ﷺ جي محبت سان ٽمٽار آهي سندس غزل ۽ ڪافيون اڄ به سموري سنڌ ۾ مشهور آهن خاص طور تي سندس غزل 'تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا، زندان هزارين مان نه رڳو' اڄ به تمام گهڻو مشهور آهي سندس ڪتابن ۾ 'فتويٰ همايوني' (فارسي)، 'فتويٰ همايوني' (سنڌي)، 'فتويٰ همايوني' (عربي، فارسي، هندي)، 'فرهنگ همايوني' ۽ 'ديوان مفتون' شامل آهن هن 21 جون 1918ع تي راهه رباني ورتي

لونگ خان سيتائي

اڄ مشهور شاعر لونگ خان سيتائيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن سيتا وليج لڳ ڳوٺ وريو سولنگيءَ ۾ 21 جون 1932ع تي محمد پريل سولنگيءَ جي گهر ۾ اکيون کوليون سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيائين ۽ استاد بڻجي سڄي عمر ٻارن کي تعليم ڏنائين ننڍي هوندي ئي شاعريءَ سان شوق هئس مشهور شاعر جمعي خان غريب ۽ عبدالله اثر جي صحبت ۽ سرپرستيءَ هن جي شاعريءَ کي چارچنڊ لڳائي ڇڏيا هو جميعت الشعراءِ سنڌ ۽ ٻين ادبي تنظيمن پاران منعقد ٿيندڙ مشاعرن ۾ جوش ۽ خروش

مختيار اٿر

ضلعي جي شهر هنون ۾ ٿيو، ان ڪري پاڻ کي هنوي سڏايائين سندس اصل نالو محمد رحيم ولد محمد خان ڪيچي سومرو هو. سيف سندس قلمي نالو هو 1962ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو پر 1972ع ۾ انهيءَ نوڪريءَ تان استعيفا ڏئي ڇڏيائين 1972ع کان 1974ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جي انگريزي شعبي ۾ پڙهيو پر پوءِ پڙهائي ڇڏي ڏنائين 1974ع کان 1976ع تائين وفاقي پرنٽنگ پريس ڪراچيءَ ۾ مينيجر ٿي ڪم ڪيائين 1976ع ۾ سنڌ نيوز حيدرآباد ۾ سب ايڊيٽر طور ڪم ڪيائين ان بعد مختلف اخبارن سان سلهاڙيل رهيو. شاعريءَ سان ننڍي هوندي کان ئي لڳاءُ رهيس ۽ شاعريءَ ۾ نالي واري شاعر ساقي سجاوليءَ کان رهنمائي وٺندو هو.



ڀٽائيءَ جي شاعريءَ سان عشق هئس 1996ع ۾ هن 'لطيف خواني' نالي هڪ تنظيم جوڙي، جنهن ۾ هو ڀٽائيءَ جي بيتن کي سمجهڻ ۽ صحيح اچارن جي ادائگيءَ لاءِ ڪلاسون ڪوٺائيندو هو. هو سنڌي ادبي سنگت جو ميمبر پڻ رهيو. سياسي طور تي هو سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن سان لاڳاپيل رهيو. 5 جنوري 2010ع تي لاڏاڻو ڪيائين

عبدالمنان ميمڻ



عبدالمنان ميمڻ جو جنم 21 جون 1944ع تي ٽنڊي ڄام ۾ ٿيو هن 1961ع ۾ مئٽرڪ ۽ 1964ع ۾ ٻارهين ڪلاس جو امتحان پاس ڪيو هن سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊي ڄام مان زرعي اڪنامڪس ۾ بي ايس سي جي سند 1974ع ۾ حاصل ڪئي ان بعد سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (صحافت) جي سند حاصل ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات زراعت کاتي ۾ ڪلارڪ طور ڪئي ان بعد ريڊيو پاڪستان تي نيوز ٽرانسليٽر ۽ لينگويج ايڊيٽر طور ڪم ڪيائين ۽ آخر ۾ پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ شعبي جي ڊائريڪٽر طور 2004ع ۾ رٽائر ڪيائين

سليمان سوالي

سليمان سوالي ڪراچيءَ جي اوائلي سنڌي شاعرن مان هڪ هو ماهوار نئين زندگيءَ جي سيپٽمبر 1955ع واري شماري ۾ هن بزرگ شاعر بابت حبيب الله فڪريءَ جو هڪ مضمون شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ سليمان سواليءَ کي ڪراچيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو پهريون شاعر قرار ڏنو ويو آهي محمد سومار شيخ پنهنجي ڪتاب 'تاريخ شعراءِ لاڙ' ۾ لکيو آهي

شامل آهن هن بزرگ شاعر جي وفات جي تاريخ 21 جون 1934ع آهي

آخوند هدايت الله مشتاق هالائي

آخوند هدايت الله مشتاق سنڌ جي مشهور شهر هالا جو رهواسي هو. پاڻ هڪ قادرالڪلام شاعر، نثر نويس ۽ ڪاتب هو. هن جا اکر تمام سهڻا هئا. ان ڪري هن ڪيترائي ڪتاب هڪ ڪاتب طور تحرير ڪيا. افسوس جو هن بزرگ جي زندگيءَ جو تفصيلي احوال نه ملي سگهيو آهي هن 1894ع ڌاري 'هدايت الانشا' نالي هڪ ڪتاب لکيو. جيڪو خطن تي مشتمل آهي تاريخ 21 جون 1935ع تي سندس لاڏاڻو ٿيو.

آسنداس پيرواڻي

آسنداس پيرواڻيءَ جو جنم 4 فيبروري 1920ع تي دادوءَ ۾ تانڪرام پيرواڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو هن هڪ سرگرم شاگرد، سياسي ڪارڪن ۽ سماج سڌارڪ طور پنهنجي زندگيءَ جا ڏينهن گهاري 21 جون 2002ع ۾ هي جهان ڇڏيو هو مئٽرڪ تائين دادوءَ ۾ پڙهيو ۽ ان کان پوءِ ڊي جي سنڌ نيشنل ڪاليج (هاڻوڪي گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي) حيدرآباد ۾ تعليم حاصل ڪيائين تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ هن نيشنل اڪيڊمي مانجهند ۾ هيڊماستر طور ڪم ڪيو. آسنداس اسڪول ۽ ڪاليج واري زماني ۾ هڪ سرگرم شاگرد طور ڪم ڪيو هو دادوءَ ۾ اسٽوڊنٽ يونين جو سيڪريٽري، خدمت خلق ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري ۽ آريا ٻلڪ منڊل جو آرگنائيزر هو. هن تحريڪ آزاديءَ ۾ به ڀرپور حصو ورتو. هن کي هندستان ڇڏيو تحريڪ ۾ حصو وٺڻ سبب شڪارپور ۽ سکر جي جيلن ۾ قيد به ڪاٽڻو پيو. 1945ع کان 1947ع تائين دادو ضلعي جي ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري رهيو. وطن جي ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۾ الهاس نگر جا وڻ وڃي وسايائين. هندستان ۾ هن سيتلداس ڪيمائيءَ سان گڏجي سنڌو ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جو بنياد رکيو. انهيءَ سوسائٽيءَ پاران پنج هاءِ اسڪول، ٽي جونيئر ڪاليج ۽ چار پرائمري اسڪول کوليا ويا. الهاس نگر ۾ هن ڪانگريس ڇڏي سوشلسٽ پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ ڪيترائي عام ڀلي جا ڪم ڪيا هو ڪيترين ئي سماجي ۽ فلاحي تنظيمن جو عهديدار رهيو. هن 21 جون 2002ع تي لاڏاڻو ڪيو.

علي محمد شاهه لڪياري

علي محمد شاهه لڪياري هڪ صحافي ليکڪ ۽ شاگرد اڳواڻ طور مشهور آهي هن جو جنم 3 اپريل 1954ع تي تعلقي موري جي ڳوٺ سيد جلال شاهه ۾ ٿيو پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين مئٽرڪ ۽ انٽر جا امتحان موري مان پاس ڪيائين سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي جي سند به حاصل ڪيائين سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ دوران جيئي سنڌ

“CLASSIFIED ADVERTISMENT”

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 549 سال 2026

مسمات Amina ڌيءُ محمد رحيم زال طالب حسين رهاڪو گهر نمبر C/236 يونٽ نمبر 08 لطيف آباد حيدرآباد ..پلينٽف .بخلاف. طالب حسين ولد علي اڪبر رهاڪو ڳوٺ غلام نبي لاشاري محرابپور ضلعو نوشهروفيروز ..ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 14-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 729 سال 2026

مسمات ريحانه ڌيءُ رمضان رهاڪو يونٽ نمبر 10 ڳوٺ فضل خان لغاري ڪچي آبادي لطيف آباد حيدرآباد ...پلينٽف .بخلاف. شاهنواز ولد قربان علي رهاڪو ڳوٺ علڻ ڪليري تعلقو ڪنڊيارو ضلعو نوشهروفيروز ..ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

سيڪنڊ سول / فيملي جج قاضي احمد
ايگزيڪيوشن سوٽ نمبر 06 سال 2026

مسمات Salmee ڌيءُ محرم خان رهاڪو ڳوٺ محمد خان چانڊيو تعلقو قاضي احمد ضلعو شهيد بينظير آباد ...پلينٽف .بخلاف. عبدالرشيد ولد اسماعيل چانڊيو رهاڪو ڳوٺ محمد خان چانڊيو تعلقو قاضي احمد ضلع شهيد بينظير آباد ..ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 08-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول / فيملي جج قاضي احمد

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي علي نواز ولد محمد صديق درخواست ڏني آهي ته (1) نالي فوتي محمد صديق (2) نالي فوتڻ مسمات آمنت ڌي محمد صديق جيڪي فوت ٿي ويل آهن فوتين کي ديهه ڏينگهر تپو ڀهمڃي تعلقو بدين ۾ سروي نمبر 17/7_18/4 52/3 AB مان ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ فتح محمد چانگ تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتين جا جائز وارث هيٺيان آهن (1) تفصيل نالي فوتي محمد صديق جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 علي نواز پٽ فوتي جو 2 علي گوهر پٽ فوتي جو 3 صدا آباد پٽ فوتي جو 4 آمنت ڌي فوتي جي 5 صغير حليمان ڌيءُ فوتي جي 6 مسمات بيوي زال فوتي جي(2) تفصيل نالي فوتڻ مسمات آمنت ڌي محمد صديق جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 محمد قاسر پٽ فوتڻ جو 2 محمد اسماعيل پٽ فوتڻ جو 3 خيران ڌيءُ فوتڻ جي 5 حوا ڌي فوتڻ جي جائز وارث چڙيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ڪجي ٿو ته مٿين ڄاڻايل وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي غلام رسول ولد محمد رحيم درخواست ڏني آهي ته (1) نالي فوتي جعفر ولد ڪرم علي (2) نالي فوتي ڪرم علي ولد جعفر (3) نالي فوتي محمد رحيم ولد ڪرم علي (4) نالي فوتي قاسر ولد ڪرم علي (5) نالي ابراهيم ولد قاسر جيڪي فوت ٿي ويل آهن فوتين کي ديهه ڪنهرو تپو مرزا پور تعلقو بدين ۾ سروي نمبر 544_545_546 ۽ ٻين مان ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ ڪرم علي جمالي تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتين جا جائز وارث هيٺيان آهن (1) تفصيل نالي فوتي جعفر ولد ڪرم علي جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 ڪرم علي پٽ فوتي جو 2 ولي محمد پٽ فوتي جو 3 سليمان پٽ فوتي جو 4 اسماعيل پٽ فوتي جو 5 زينب ڌيءُ فوتي جي (2) تفصيل نالي فوتي ڪرم علي ولد جعفر جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 محمد رحيم پٽ فوتي جو 2 محمد قاسر پٽ فوتي جو 3 آسيت ڌيءُ فوتي جي (3) تفصيل نالي فوتي محمد رحيم ولد ڪرم علي جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 غلام رسول پٽ فوتي جو 2 محمد اقبال پٽ فوتي جو 3 عبدالرسول پٽ فوتي جو 4 سڪينه ڌيءُ فوتي جي 5 شهر بانو ڌيءُ فوتي جي 6 خديجه ڌيءُ فوتي جي 7 آمنت ڌيءُ فوتي جي 8 سنيائي ڌيءُ فوتي جي (4) تفصيل نالي فوتي قاسر ولد ڪرم علي جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 محمد خان پٽ فوتي جو 2 محمد ابراهيم پٽ فوتي جو (5) تفصيل نالي فوتي ابراهيم ولد قاسر جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 وسيم پٽ فوتي جو 2 گلشن ڌيءُ فوتي جي جائز وارث چڙيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ڪجي ٿو ته مٿين ڄاڻايل وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

گمشده چيڪ بابت اطلاع

جيئن ته آئون نالي محبوب علي لاڪير ويٺل ڳوٺ محمد صفر لاڪير هن اطلاع موجب منهنجو يو بي ايل بئنڪ ميهڙ ۾ اڪائونٽ کليل آهي مان بئنڪ طرف پيسه ڪيراڻ لاءِ وڃي رهيو هيس ته منهنجو چيڪ نمبر 5105714 ڪنهن هنڌ ڪري پيو آهي جنهن به دوست کي هٿ اچي ته مهرباني ڪري مون سان رابطو ڪري چيڪ ڏئو وڃي ٻئي صورت ۾ هي چيڪ رڪارڊ تي رکيو وڃي جئين وقت سر ڪم اچي

محبوب علي لاڪير ويٺل ڳوٺ محمد صفر
لاڪيرفون نمبر 03082617259

گمشده ليٽر بابت اطلاع

جيئن ته منهنجي موٽر سائيڪل سي ڊي 70 ماڊل 2026 رنگ ڳاڙهو انجڻ نمبر V921973 چيچس نمبر HB685383 آهي جيڪا مون ضلعي گهوٽڪي مان خريد ڪئي آهي جنهن جو ليٽر گر ٿي ويو آهي جيڪو ٻيهر ناهي ڏنو وڃي ته شڪر گذار رهندس اهڙو اطلاع لاڳاپيل اداري کي پڻ ڏنو آهي

احسان گل ولد خير محمد ٻهلير ويٺل ڳوٺ الهورايو
ٻهلير اڳرا تعلقو گمبٽ ضلعو خيرپور
شناختي ڪارڊنمبر 4520249816019
موبائيل نمبر03173478796

بقايا 1 لاش مليو

محمد صديق هاليپوٽو کي پئسن جي لالچ ۾ اغوا ڪري ڪاٺش بئنڪ مان ڪڍايل رقم ڦر ڪري ڪيس تشدد ڪري قتل ڪري ڇڏيو ۽ وارثن موجب جوابدارن مقتول پيرسن کي بيدردي سان قتل ڪرڻ بعد سندس لاش سيوهڻ انڊس هاءِ وي پرسان ٻوڙن ۾ اڇلائي فرار ٿي ويا جتي جانور فوتيءَ جي هڪ هٿ جو ماس پڻ پٽي ويا. هوڏانهن علائقي واسين پاران اهڙو اطلاع ملڻ تي سيوهڻ پوليس پاران ڄاڻايل هنڌ تي پهچي پيرسن جو لاش ڪڍائي سيد عبد الله شاهه انسٽيٽيوٽ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي مقتول جي گهرواري پنهنجي مڙس جي مڙهه جي سڃاڻپ ڪئي. جنهن بعد مقتول جي سئوٽ اٿڙ ولد رجب هاليپوٽو جي فرياد تي سيوهڻ ٿاڻي تي ڏفعہ 302, 365, 34 پي پي سي تحت قتل جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي پر آخري اطلاعن تائين پوليس پاران ڪابه گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي هئي. جڏهن ته مقتول جو لاش سيوهڻ اسپتال مان پوسٽ مارٽم ۽ ٻي ضروري ڪاروائي مڪمل ڪرڻ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو. ٻئي طرف مقامي پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جو ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي. مقتول پيرسن جي وارثن ڊي آئي جي حيدرآباد, ايس ايس پي ڄامشورو ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي جديد ٽيڪنالاجي ذريعي جاچ ڪري ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪين انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 2 مجلسون جاري

ڳوٺن ۾ مجلس عزا ۽ نوحه خوانيءَ جو سلسلو جاري آهي. شهر جي امام بارگاهن ۾ امام بارگاهن ۾ عشري جي مجلس پڙهيون ويون جڏهن ته گمبٽ شهر جي مختلف پڙن تي مجلس عزائن جو سلسلو پڻ جاري آهن. درگاهه ريجهه علي شاهه تي مجلس عزا منعقد ڪئي وئي جنهن کي ذاڪرن خطاب ڪيو ۽ حضرت امام حسين عليه السلام ۽ سندس ساٿين جي ڪربلا جي ميدان ۾ ڏنل لازوال قربانين تي روشني وجهندي چيو ته وقت جي ضرورت آهي ته فڪر امام حسين عليه السلام عام ڪيو وڃي ۽ حضرت امام حسين عليه السلام جي ڏسيل حق جي راهه تي هلڻ گهرجي، نماز کي يقيني بڻايو وڃي، پاڙيوارن مسڪينن ۽ غريبن جي مدد ڪئي وڃي، جڏهن ته نوحه خوانيءَ ڪئي وئي جڏهن ته مجلسن ۽ ماتمي جلوسن جو سلسلو جاري آهي، شهر ۾ صفائي، سڻرائي ۽ سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا آهن.

بقايا 3 خالد ٻانڀڻ

بڻجي چڪي آهي جيڪو هڪ وڏو اعزاز آهي سکر آئي بي اي ۽ سکر پريس ڪلب وچ ۾ هڪ ايم او يو سائن ٿيو آهي جنهن ۾ آئي بي اي جي ميڊيا اسٽڊيز جي شاگردن کي انٽرنشپ تحت سکيا ڏني ويندي اهڙن خيالن جو اظهار سکر پريس ڪلب جي صدر خالد ٻانڀڻ , سنڌ وومين جرنلسٽس ايسوسيئيشن جي صدر سحرش کوکر , پريس ڪلب جي نائب صدر فريد سومرو , ڪئمرامين اينڊ فوٽو جرنلسٽس ايسوسيئيشن جي صدر عمران شيخ , سينيئر صحافين عبدالغفور شيخ , موروڙو مهر , بابر کوکر ۽ ٻين اجلاس ۾ ڳالهائيندي ڪيو اجلاس کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته سکر پريس ڪلب پنهنجي روايتن جي امين رهي آهي هتي سنڌ سميت ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان مظلوم ماڻهو پنهنجي دانهن ڪئي ايندا آهن ۽ سندس داد رسي ٿيندي آهي هنن چيو ته هاڻي سکر پريس ڪلب هڪ هائيڊ پارڪ هجڻ سان گڏوگڏ ميڊيا اسٽڊيز جي شعبي جي هڪ درسگاه به بڻجي ويو آهي جيڪو هڪ وڏو اعزاز آهي سکر آئي بي اي ۽ سکر پريس ڪلب وچ ۾ هڪ معاهدو طئه ٿيو آهي جنهن ۾ يونيورسٽي جي ماس ڪميونيڪيشن جي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي انٽرنشپ تحت ڇهن هفتن جو ڪورس ڪرايو ويندو جنهن ۾ ڪين سينيئر صحافي صحافتي اٿڪس جي حوالي سان نه رڳو سکيا ڏيندا پر ڪين فيلڊ ۾ وٺي وڃي اسٽوريز ۽ اشوز کي هاءِ لائيٽ ڪرائڻ جي سکيا ڏيندي ويندي اهڙي سکيا لاءِ ڪلاسز جي شروعات 22 جون کان ٿيندي جيڪا 31 جولاءِ تائين جاري رهندي ڪلاسز لاءِ ليڪچر سميت ٻين معاملن کي حتمي شڪل ڏني وئي جنهن لاءِ پرنٽ , اليڪٽرانڪ , سوشل ميڊيا , ڪئمراميني ۽ فوٽو گرافري جي مڪمل ڄاڻ ڏيڻ لاءِ سکر پريس ڪلب جي سينيئر صحافين ۽ ڪئمرامينن ۽ فوٽو گرافرن جون خدمتون حاصل ڪيون وينديو

بقايا 4 احتجاجي مظاهرو

آئي اڳواڻن حافظ علي اڪبر عباسي،مولانا رفيق ميرائي ،مفتي فيصل انڌهڙ،پ پ شهيد ڀٽو اڳواڻ اسحاق جسڪاڻي ۽ سنڌس ساٿي،پي ٽي آءِ اڳواڻ جادل منگي ۽ سنڌس ساٿي، ادبي شخصيتن بيخود بلوچ شرڪت ڪئي .ريلي جي مينيجمينٽ ٽيم ۾ فدا بلو ،وحيد چاچڙ ،عارف ڪوراڻي،تيمور شيخ ۽ ٻيا شامل هئا پريا ڪماري ۽ صبا ڪلهوڙو کي جلد کان جلد بازياب ڪرايو وڃي،مطالبو

بقايا 5 قتل ڪري ڇڏيو

ڪڍائي آئي جتي ڊاڪٽرن پاران مقتول جي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪري لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ان سلسلي ۾ مقتول جي والد حضور بخش بگٽي صحافين کي ٻڌايو ته اسين بلوچستان سوئي واري علائقي جا رهواسي آهيون منهنجي پٽ احمد بخش بگٽي کي ڀاءِ رحيم بخش بگٽي پيسن جو ضامن نه پوڻ جي ڳالهه تان قتل ڪري ڇڏيو آهي، هن چيو ته رحيم بخش پنهنجي ڀاءِ احمد بخش کي قتل ڪرڻ کان پوءِ سندس ڏيڍ لک روپيا روڪ رقم ۽ موٽر سائيڪل به کڻي فرار ٿي ويو آهي، ايس ايس پي جيڪب آباد واقعي جو نوٽيس وٺي جوابدار کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪري.

بقايا 6 اسپتال داخل

احمد، رقيه، زوبه التين ۽ ايعارن سبب ٿيم بيهوش ٿي ويا سلطانپور،ڳوٺ وارن جوٿاس اسپتال انتظاميا کي آگاهه ڪيو

بقايا 7 ڪرڻ جي دعويٰ

پنهنجي پوليس ٽيم سان گڏ ڪامياب ڪارروائي ڪندي ڦرلٽ ٿيل ٽريڪٽر برآمد ڪري ورتو ۽ مرڪزي جوابدار ڪامران سڪندر ڪلهوڙو کي گرفتار ڪري ورتو واقعي ۾ ملوث ٻين جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن، جڏهن ته وڌيڪ قانوني ڪارروائي جاري آهي. شڪارپور پوليس جو چوڻ آهي ته عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ ۽ ڏوهن جي خاتمي لاءِ هر ممڪن قدم کنيا پيا وڃن.

بقايا 8 سينا زني ڪئي وئي

ٿيو .جلوس روايتي روٽن کان ٿيندو امام بارگاهه در بتول تي ٺهر ٿيو. جڏهن ته ماتمي جلوس جي سيڪيورٽي انتهائي سخت ڪئي وئي داخلي خارجي رستي تي پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويا ٿاڻون انتظاميه روايتي روٽن تي صفائي جي نظام بهتر ڪيو ويو.جڏهن ته ماتمي جلو س ۾ سينا زني زنجير پڻ ماتم ڪيو ويو

بقايا 9 جي پل تي ڌرڻو

شيڊنگ ختم نه ٿي ته ٻيهر ڀرپور احتجاج ڪنداسين

بقايا 10 مارجي ويو

زمين جي مالڪي واري تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران فائرنگ سبب هڪ ڄڻو راشد شر مارجي ويو واقعي ڪاٺيوءِ آنڌل سندرائي پوليس مقتول جو لاش تحويل ۾ وٺي گهوٽڪي جي تعلقه اسپتال منتقل ڪيس جتي ضروري قانوني ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. پوليس موجب واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي، جڏهن ته جهيڙي جا سبب زمين جي مالڪي وارو پراڻو تڪرار ٻڌايو پيو وڃي.

بقايا 11 گهٽجڻ خلاف مظاهرو

سومرو، قربان بروهي، غلام علي ڏيرو، اعجاز بروهي ۽ ٻين شرڪت ڪري ٽرانسپورٽ مافيا ۽ مهانگائي خلاف سخت نعريبازي ڪئي. ان موقعي احتجاج ڪندڙن چيو ته جنگي حالتن دوران وفاقي حڪومت پاران پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ اضافي ڪاٺيوءِ ٽرانسپورٽرن ڪراين ۾ بي پناهه واڌ ڪئي هئي، پر هاڻي جڏهن حالتون معمول تي اچي چڪيون آهن ۽ حڪومت تيل جي اگهن ۾ خاطرخواهه گهٽتائي ڪئي آهي، تڏهن به ٽرانسپورٽ مافيا ڪرايا گهٽائڻ لاءِ تيار ناهي. هنن چيو ته ٽرانسپورٽ جي ڪراين ۾ گهٽتائي نه ٿيڻ سبب واپارين پڻ کاڌي پيتي ۽ روزمره استعمال جي شين جا اگهه برقرار رکيا آهن، جنهن ڪري عوام اجان تائين مهانگائيءَ جي بوجهه هيٺ دٻيل آهي. هنن مطالبو ڪيو ته ٽرانسپورٽ مافيا خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ضلعي انتظاميه، اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ ڊپٽي ڪمشنرن کي هدايتون جاري ڪري ٽرانسپورٽ ڪراين سميت ضروري شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي يقيني بڻائي عوام کي فوري رليف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 12 ڪري ويا

ٿيو آهيان آئون مڪمل طور تي ٺيڪ آهيان ۽ پنهنجي زميندار سنڀاليان پيو. هن چيو ته گذريل ڏينهن محسن منهنجي لنڌي واري زمين تي وڃي ٺيڪيدار کي چيائين ته ڦارؤا اٿب. ڪيلو ۽ ڪمند منهنجو آهي ۽ ٺيڪيدار کان ڪروڙين رپيا وٺي ويو آهي. هن چيو ته محسن جو لنڌي واري ست سئو ايڪڙ زرعي زمين مان صرف هڪ سئو چوڏهن ايڪڙن جو کاتو آهي باقي پيو سڀ کاتو اسان جو آهي. هن چيو ته محسن دعوا ٿو ڪري ته پيءُ جي اڳيان ملڪيت جي حيثيت ٽڪي جي آهي جنهن جي ڪجهه ڏينهن بعد لنڌي واري زمين تي خبر پئجي ويندي. مخدوم فضل جو چوڻ هو ته منهنجي اسپتال ۾ هجڻ دوران محسن چار ڪروڙ رپين جي ڪٽڪ ڪپائي جنهن جو حساب گهرڻ تان لنوائڻ لڳو. هن چيو ته اگر محسن پنهنجي حرڪتن کان باز نه آيو ته هن کان ڪراچي وارو بنگلو گاڏيون. پيٽرول پمپ. زرعي زمين سڀ واپس کسي ڇڏيندس پوءِ محسن کي جيڪو وڻي اهو ڪري. ان موقعي تي سندس ننڍو پٽ مخدوم حسنين پڻ ساڻس گڏ هو.

بقايا 13 ڊي سي مٽياري

کي بهتر سهولتن جي فراهمي، جلوسن ۽ مجلسن جي پرامن انعقاد کي يقيني بڻائڻ ضلعي انتظاميه جي اولين ترجيح آهي. هن چيو ته سيڪيورٽي انتظامن سان گڏ هيٽ ويو جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي عزادارن لاءِ طبي سهولتون، صاف سڻرائي، روشني ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي کي به يقيني بڻايو پيو وڃي. محرم الحرام جي انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ ضلعي انتظاميه مٽياري، پوليس، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن طرفان ضلعي جي اهم امام بارگاهن، مجلسن جي هنڌن، جلوسن جي رستن ۽ حساس علائقن جا گڏيل دورا ڪيا ويا. ان موقعي تي هالا ۾ مرڪزي امام بارگاهه ڪربلا مولا جو تفصيلي معائنو ڪيو ويو جتي ڊپٽي ڪمشنر محمد يوسف شيخ انتظامن جو جائزو وٺندي لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته عاشوري جي ڏينهن دوران هر ممڪن سهولت ۽ سيڪيورٽي انتظام مڪمل رکيا وڃن. ضلعي پوليس سربراهه ايس ايس پي مٽياري محمد عليم بلو ان موقعي تي ٻڌايو ته پٽ شاهه سميت ڪجهه ٻين حساس هنڌن کي خاص طور تي سيڪيورٽي جي حوالي سان فوڪس ۾ رکيو ويو آهي. هن چيو ته ڊي ايس پيز کي اضافي پوليس اهلڪار فراهم ڪيا ويا آهن. جڏهن ته رضاڪارن کي به باقاعده تربيت ڏني وئي آهي ته جيئن عزادارن کي فول پروف سيڪيورٽي فراهم ڪري سگهجي. هن وڌيڪ چيو ته پوليس ۽ ٻيا قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ مڪمل طور تي تيار آهن. دورن دوران شيعا علماءِ ڪرام، امام بارگاهن جي انتظاميه ۽ مرڪزي جلوسن جي اڳواڻن سان پڻ ملاقاتون ڪيون ويون. ضلع ۾ موجود تقريبن 12 مرڪزي جلوسن ۽ 40 کان 45 مجلسن جي هنڌن بابت انتظامن جو جائزو ورتو ويو. شيعا برادري جي اڳواڻن ۽ علماءِ ڪرام ضلعي انتظاميه، پوليس ۽ ٻين ادارن پاران ڪيل انتظامن کي ساراهيو ۽ انهن تي اطمينان جو اظهار ڪيو. ضلعي انتظاميه موجب پاڪ فوج، پاڪستان رينجرز ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن طرفان اڳوات ئي اهم ۽ حساس هنڌن جي نشاندهي ڪري سيڪيورٽي ڪوريج ۽ بيڪ اپ پلان تي عملدرآمد لاءِ تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن. عاشوري جي ڏينهن دوران گڏيل حڪمت عملي تحت سيڪيورٽي انتظامن کي وڌيڪ مؤثر بڻايو ويندو. ڊپٽي ڪمشنر مٽياري وڌيڪ چيو ته 8 جون تي ٿيل ضلعي سطح جي ڪوآرڊينيشن اجلاس دوران سمورن مذهبي اڳواڻن ۽ منتظمن کي آگاهه ڪيو ويو هو ته سوشل ميڊيا ۽ سائبر پيغامن ذريعي پيدا ٿيندڙ افواهن يا اشتعال انگيز مواد کان هوشيار رهڻ جي ضرورت آهي. هن زور ڀريو ته اهڙن معاملن ۾ صبر برداشت ۽ قانوني طريقه ڪار اختيار ڪيو وڃي ته جيئن امن امان جي صورتحال برقرار رهي. گڏيل دورن دوران هالا ۽ پٽ شاهه جي انتظامن جو جائزو وٺڻ بعد وفد امام بارگاهه حسينيه سجاديه پهتو جتي روايتي آگ جو ماتم منعقد ڪيو ويندو آهي. اتي پڻ سيڪيورٽي، طبي سهولتن، ايمرجنسي ريسپانس، صفائي ۽ ٻين انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. دورن دوران لاڳاپيل اسسٽنٽ ڪمشنرن، ڊي ايس پيز ۽ ٻين آفيسرن پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ ڪيل انتظامن بابت بريفنگ ڏني. جڏهن ته ڊپٽي ڪمشنر ۽ ايس ايس پي مٽياري طرفان انتظامن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ ضروري هدايتون پڻ جاري ڪيون ويون. ضلعي انتظاميه ان عزم جو اظهار ڪيو ته محرم الحرام جا سمورا پروگرام مڪمل امن، مذهبي هم آهنگي ۽ بهتر انتظامن سان منعقد ڪرايا ويندا.

بقايا 14 انتظام مڪمل

ٽالي سان ماتمي جلوس محرم جي پنجين ڏينهن پراڻي سکر ۾ منعقد ٿيندو. اهو (اڄ) پراڻي سکر جي لال علائقي کان نڪرندو اهو جنت بلڊنگ، شاهي بازار، معصوم امام بارگاهه ۽ ٻين علائقن مان گذرندو ۽ داتال شاهه قبرستان تي ختم ٿيندو. مسجد جي ٽالي سان ماتمي جلوس سان گڏ، ڪيترائي ننڍا ۽ وڏا ماتمي جلوس، الپاڪ ۽ ذوالجناح پڻ ماتمي جلوس ۾ موجود هوندا. ماتمي جلوس جي حساسيت ۽ ماتمي جلوسن جي وڏي تعداد کي نظر ۾ رکندي، سکر انتظاميا پاران سخت سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويندا. ضلعي انتظاميا پاران ڪيل انتظامن ۽ سيڪيورٽي جو جائزو وٺڻ لاءِ، آفيسرن ماتمي جلوس جي نگراني لاءِ قائم ڪنٽرول روم جو دورو ڪيو جنهن ۾ جلوس جا رستا به شامل آهن. ۽ عملي کي انتظامن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي هدايت ڪئي. اهو نوٽ ڪيو ويو ته سول ڊفينس، اسڪائوٽس ۽ سماجي تنظيمن پاران جنت بلڊنگ ۾ ڪئمپ پڻ قائم ڪيا ويندا ته جيئن ماتمي جلوس دوران ماتمي جلوسن کي طبي امداد فراهم ڪري سگهجي.

بقايا 15 ٻارڙا جو مظاهرو

مقتول ڌر وٽ ميڙ کڻي ويا آهيون. پر ان باوجود مقتول ڌر ميڙ کي مان نه ڏيندي اسان مٿان ظلم جي انتها شروع ڪري ڏني آهي،تنيا برادري جي هٿياربندن جو سندن گهرن ۾ گهڙي ڦرلٽ فائرنگ ڪري عورتن ۽ ٻارڙن کي حراسان ڪرڻ روز جو معمول بڻيل آهي، اسان جي گهرن جي دروازن کي ٻاهران تالا هڻي ڪين عملي طور قيد بڻائي ڇڏيو آهي، گذريل ويهن ڏينهن کان هو گهرن ۾ محصور بڻيل آهن، نه ڪين ٻاهر نڪرڻ ڏنو پيو وڃي ۽ نه وري ڪنهن کي اندر اچڻ، کاڌڻ پيئڻ لاءِ راشن به ختم ٿي ويو آهي، معصوم ٻارڙا بکون ڪاٽڻ تي مجبور بڻيل آهن، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ايس ايس پي لاڙڪاڻو کي نوٽيس وٺي تحفظ فراهم ڪرڻ جي اپيل. خبر موجب، ڪجهه هفتا اڳ باڊرائي تعلقي جي يونيورسٽي ٿاڻي جي حد ڳوٺ ابو صمد تنيو ۾ ٻارڙن جي معمولي ڳالهه تان پيش آيل جهيڙي دوران قتل ٿي ويل عبدالفتاح تنيو واري قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدار ڌرجي عورتون ۽ ٻارڙا پريس ڪلب باڊرائي پهچي، تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ احتجاج ڪندي مقتول ڌر جي تنيا برادري مٿان گهرن مان ڦرلٽ، فائرنگ، عورتن ۽ ٻارڙن کي گهرن ۾ بند ڪري قيد ڪرڻ جو الزام هنيو آهي ، ان موقعي تي مسمات، نظيران جوڻيجو، صدورا خاتون ،فوزيه ۽ نجمه جوڻيجو پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو ته 20 ڏينهن اڳ ٻارڙن جي ڳالهه تان شروع ٿيل جهيڙي دوران ٻنهي ڌرين وچ ۾ فائرنگ ٿي هئي، جنهن دوران گولي لڳڻ سبب عبدالفتاح تنيو فوت ٿي ويو هو ، جڏهن ته واقعي کان پوءِ داخل ٿيل ايف آءِ آر سندن مردن خلاف داخل ڪرائي وئي، جنهن ۾ يونيورسٽي پوليس سڌير بروهي، مير جوڻيجو ۽ نعيم جوڻيجو کي گرفتار ڪري چڪي آهي، عورتن جو چوڻ هو ته معاملي کي پرامن نموني حل ڪرڻ لاءِ تنيا برادري ڏانهن ٽي پيرا قرآن پاڪ، سيدن، علائقي جي معززن ۽ ٽياڻين کي ساڻ ڪري ميڙ کڻي ويا آهيون پر ان باوجود مقتول ڌر ميڙ کي مان نه ڏيندي اسان مٿان انتقامي ڪارروائيون تيز ڪري ڇڏيون آهن، هنن الزام لڳايو ته تنيا برادري جي هٿيار بندن سندن گهرن ۾ گهڙي ڦرلٽ ڪئي، فائرنگ ڪري ڪري عورتن ۽ ٻارڙن کي حراسان ڪرڻ روز جو معمول بڻيل آهي ۽ گهرن جي دروازن کي ٻاهران تالا هڻي ڪين عملي طور قيد بڻائي ڇڏيو آهي، هنن وڌيڪ چيو ته سندن ڪجهه مرد جيل ۾ آهن ته ڪجهه روپوش آهن، جڏهن ته گهرن ۾ صرف عورتون، ٻارڙا ۽ هڪ بيمار پيرسن ترسيل آهي، سندن چوڻ موجب گذريل ويهن ڏينهن کان هو گهرن ۾ قيد بڻيل آهن، نه ڪين ٻاهر نڪرڻ ڏنو پيو وڃي ۽ نه وري ڪنهن کي اندر اچڻ جي اجازت آهي، عورتن الزام هنيو ته بيمارن کي علاج لاءِ اسپتال وڃڻ کان به روڪيو پيو وڃي، جڏهن ته کاڌ خوراڪ ۽ روزمره استعمال جو راشن پڻ ختم ٿي چڪو آهي، جنهن سبب ٻارڙا بک ۽ ڏکن کي منهن ڏئي رهيا آهن، متاثر عورتن ٻڌايو ته هو اڄ سوير ڪنهن نه ڪنهن ريت گهرن مان نڪري پريس ڪلب باڊرائي پهتا آهن ته جيئن پنهنجو آواز اعليٰ اختيارين تائين پهچائي سگهن،هنن الزام هنيو ته سندن خاندان سان ظلم ۽ زيادتي جي انتها ڪئي وئي آهي ۽ ڪين سخت ذهني اذيت جو شڪار بڻايو ويو آهي، هنن ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ايس ايس پي لاڙڪاڻو ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کي اپيل ڪئي ته خدارا معاملي جو فوري نوٽيس وٺي سندن جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي، گهرن ۾ مبينا طور قيد بڻايل ماڻهن کي آزاد ڪرايو وڃي.

بقايا 16 ابرار احمد رحماني

جنهن ۾ عالمن، عالمن ۽ مشائخن، نعت خوانن، سماجي شخصيتن ۽ مرحوم جي عقيدتمندن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. اجتماع جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ٿي. ڪراچي کان آيل نعت خوان امان الله عباسي گلن جي چادر چاڙهي. ان موقعي تي پير عطاءِ الرحمان قادري، حاجي شڪيل احمد صديقي عبدالرحمان فيضوي، اسد آفريدي، محمد امين ڪوڪن سروس امام ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. شرڪت ڪندڙن مرحوم جي پٽن محمد اويس خان، محمد جنيد خان سان دلي تعزيت جو اظهار ڪيو جنهن کان پوءِ شرڪت ڪندڙن محمد احمد خان قادري فيضوي جي درجن جي بلندي لاءِ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪئي. ان موقعي تي اجتماعي طور تي قرآن پاڪ جي تلاوت، درود پاڪ ۽ ذڪر ۽ ياد جو خاص انتظام ڪيو ويو جيڪو تمام گهڻو متاثر ڪندڙ هو ان موقعي تي خطاب ڪندي جماعت اهلسنت پاڪستان ڪراچي جي اڳواڻ علامه ابرار احمد رحماني، جماعت اهلسنت پاڪستان سپريم ڪائونسل جي ميمبر مفتي محمد عارف سعيدي ۽ ميلاد مصطفيٰ ڪميٽي پاڪستان جي باني چيئرمين غياث الدين قادري مرحوم جي علمي، ادبي ۽ مذهبي خدمتن تي روشني وڌي. مقررين پنهنجي خطاب ۾ چيو ته محمد احمد خان قادري فيضوي جو انتقال سکر جي ماڻهن ۽ نعت خوانن لاءِ هڪ وڏو نقصان آهي. هو پاڻ ۾ هڪ برادري هو ۽ پنهنجي زندگي جو هڪ وڏو حصو ذڪر مصطفيٰ جي محفلن کي سينگارڻ ۽ نعت رسول مقبول جي ترويج لاءِ وقف ڪيو هو سندس بهترين موازنه ۽ منظم سوچ هميشه نوجوان نسل کي رسول جي محبت سان ڳنڍڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

بقايا 17 مڙس گرفتار

اطلاع تي پوليس پهچي لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ضروري ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو جڏهن ته وارث به اسپتال پهچي ويا جتي ٿاري جي مڙس ۽ وارثن وچ ۾ منهن ماري ۽ ڇڪتاڻ ٿيندي رهي، فوتي عورت جي مڙس ڪريم بخش هير معاملي کي آپگهات قرار ڏيندي چيو ته گهر واري سان ڪنهن ڳالهه تان منهن ماري ٿي پئي، هو گهر ۾ ويهڻ بدران پنهنجي پيءُ ڏي بار بار ويندي هئي مون پنهنجي زال کي بار بار گهر مان وڃڻ تي منع ڪري ڪاوڙ ۾ ٻاهر نڪتس ته هن پويان انتهائي غلط قدم کڻي ڦاهو کائي پنهنجي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو آهي. ٻئي طرف ٿاري جي امڙ ۽ ڀاءِ برڪت هير آپگهات کي رد ڪندي واقعي کي قتل قرار ڏيندي چيو ته ڪريم بخش هير سان سميرا جي 3 سال اڳ شادي ٿي، هو سميرا تي هميشه شڪ ڪندو هو ۽ ڪيس تشدد جو نشانو بڻائيندو هو، 3 ڏينهن اڳ به هن اسان کي چيو هو ته سميرا کي پنهنجي گهر وٺي وڃو اسان ٿياڻي جو گهر برباد ڪرڻ نه پيا چاهيون پر اسان سان ظلم ڪيو ويو آهي، معاملي جو نوٽيس وٺي ڪيس داخل ڪري سندس مڙس کي گرفتار ڪيو وڃي. ٻئي طرف سائيٽ ٿاڻي جي ايس، ايچ او خير محمد ملاح رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته واقعو آپگهات آهي يا قتل، ان بابت جاچ ڪئي پئي وڃي، پر هتي انتهائي اهم ڳالهه اها آهي ته وارث پوسٽ مارٽم ڪرڻ نه پيا ڏين جنهن جي ڪري جاچ ۾ رڪاوٽ اينڊي اسان جي ڪوشش آهي ته وارثن کي راضي ڪري پوسٽ مارٽم ڪجي هن چيو ته مبينا ڦاهو کاڌل عورت جي مڙس کي حراست ۾ ورتو آهي وارث ڪيس داخل ڪرائڻ آيا ته سندن مرضي مطابق ڪيس داخل ڪيو ويندو.

بقايا 18 عورت بازياب

به ڏينهن اڳ پريارود ٿاڻي تي پوليس هٿان بازياب ٿيل عورت مسمات سونيه زال شاهزيب آرائين جي فرياد تي سس رڪيه سهري اصغر علي آرائين. مڙس شاهزيب آرائين مٿان مختلف قلمن هيٺ ڪيس داخل ڪيو ويو.جڏهن ته پوليس جوابدار گرفتار ڪرڻ ۾ مڪمل ناڪام رهي ان سلسلي ۾ زخمي ٿيل عورت مسمات سونيا وڊيو بيان ۾ چيو ته مڙس شاهزيب سس ۽ سهرو ملي ڪري سخت تشدد جو نشانو بڻائيندا رهيا آخر ۾ ٽن مهينن کان وٺي منهنجي مائٽن سان به ملڻ نه ڏنو ويو. باهه تي چري تپائي ڏنڀ ڏيندا هيا. بي رحم سس گرم چانهه جي هنڌي منهنجي مٿان هاري جنهن سبب منهنجي ساڄي ٻانهن سڙي وئي ۽ منهنجو علاج به نه ڪرايندا هيا هڪ ڪمري مسلسل بند ڪري تالا ڏئي ڇڏيندا هيا. مائٽن سان به ملڻ نه ڏيندا هيا. آخر منهنجي امڙ جي دانهن تي پوليس پهچي بازياب ڪرايو آهي هنن ايس ايس پي نوشهروفيروزکان گهر ڪئي ته جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي..جڏهن ته ٻئي پاسي ايس ايچ او غلام مرتضيٰ گورچاڻي ٻڌايو ته تشدد ٿيل عورت کي بازياب ڪرايو آهي جلد جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪين جيل حوالي ڪيو ويندو..جڏهن ته تشدد ٿيل عورت کي ميڊيڪل لاءِ اسپتال منتقل ڪيو آهي. عدالت عورت کي پنهنجي والدين حوالي ڪري ڇڏيو آهي وڌيڪ معاملي جي جاچ جاري آهي.

بقايا 19 مارچ ڪيو ويو

گاڏين فليگ مارچ ۾ حصو ورتو شهر جي داخلي روڊ، ٽنڊو آدم روڊ ، دٻيورا چوڪ ،شاهه حبيب چوڪ ،لطيف ڪالوني اسٽيشن روڊ ۽ ٻين هنڌن تي مارچ ڪيو ويو ڊي ايس پي هالا محمد يعقوب ٻرڙو، ڊي آئي بي انچارج ذوالفقار علي لاشاري، ايس ايچ او پٽ شاهه جاويد عالم ابڙو سميت ضلعي جا سمورا ڊي ايس پيز ۽ ايس ايچ اوز فليگ مارچ ۾ شامل هئا هرسال جيان محرم الحرام دوران پٽ شاهه کي حساس قرار ڏنو ويو آهي فليگ مارچ ذريعي پٽ شاهه ۾ امن امان بحال رکڻ ۽ ماتمي جلوسن ۽ مجلسن لاءِ سيڪيورٽي کي وڌيڪ سخت بڻائڻ آهي

بقايا 20 جلوس برآمد

اظهرحسين شاهه جي حويلي واري پڙ تان سيد شجاع شاهه جي اڳواڻي ۾ برآمد ڪيو ويو جيڪو مختلف رستن ٿيندو قديم الم پاڪ واري صحن ۾ پهتو جتي گول پٽ وارو ماتم برپا ڪيو ويو بعد ۾ ياحسين ياحسين جي صدائن سان واپس ساڳي پڙ تي پهچي ٺهر ڪيو ويو. جڏهن ٻيو مرڪزي ماتمي جلوس سبزواري امام بارگاهه سجاديه واري پڙ تان درگاهه قلندر جي سجاده نشين ڊاڪٽر سيد مهدي رضا شاهه سبزواري ۽ سبزواري ساداتن جي اڳواڻي ۾ شهيد ڪربلا حضرت عباس عليه السلام جي نسبت سان تعزئي وارو جلوس مرثيه خوانيءَ سان برآمد ڪيو ويو جيڪو مختلف رستن تان ٿيندو حضرت لعل شهباز قلندر جي قديم الم پاڪ واري صحن ۾ پهتو جتي نوحا خوانيءَ تي سينا زني جو ماتم برپا ڪيو ويو بعد ۾ جلوس روايتي روٽ موجب واپس سبزواري پڙ پهچي رات جو دير سان ٺهر ڪيو ويو.جڏهن ته جلوس واري رستن تي جلوس ۾ شريڪ عزادارن لاءِ مومنن پاران ٿڌي پاڻي شربت ۽ نياز نگر جو پڻ بندوبست ڪيو ويو. هوڏانهن جلوسن جي نگراني لاءِ انتظاميا پاران سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪندي ٽيهن کان وڌيڪ اهلڪار ۽ پوليس آفيسر مقرر ڪيا ويا ۽ ميونسپل عملي پاران جلوس جي روٽ تي صفائي جا انتظام بهتر ڪيا ويا ۽ سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ جو عملوايمبولينس سميت ۽ حيسڪو واپڊا سيوهڻ جو عملو به جلوس ۾ موجود رهيو.

بقايا 21 ايس پي بدين

سلام جي روضي جي هلندڙ ڪم جي دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته سڀني اسٽيڪ هولڊرن سان ميٽنگون پڻ ڪيون آهن جيئن عزادارن کي پرامن ماحول فراهم ڪجي جيئن هو پنهنجي عزاداري پرامن ماحول ۾ ڪري سگهن هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته محرم الحرام جي 13 ڏينهن ۾ ٽوٽل 485 مجلسون برپا ٿينديون جڏهن ته 177 جلوس پڻ ڪڍيا ويندا جنهن ڪري هر هنڌ ننڍا ننڍا مسئلا پڻ ڏسڻا پوندا آهن ته هي محرم پرامن نموني سان ۽ خير خيريت سان گذري وڃي ٻئي طرف اڳهمر ڪوٽ ۾ مجلس ۽ عزاداري جو سلسلو پڻ جاري آهي جنهن لاءِ حفاظتي انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا آهن

بقايا 22 احتجاج جو اعلان

طلاع تي ميڊيا سينٽر سامارو جي ٽيم سامارو روڊ سينٽر تي پهچي جتي مستحق عورتن ميڊيا آڏو احتجاج ڪندي چيو ته سينٽر تي سرعام پئسن جي مبينا ڏيتي ليتي 300 کان چار سوءِ رپين عيوض سمون جاري ڪيون وڃن سينٽر تي بدنظمي سبب عورتن جي تذليل ڪرڻ جا اطلاع مليا مستحق عورتن ڊوائيز معافيا خلاف دانهون ڪيون ان دوران ڊوائيز معافيا رامچند صحافين تي مچرجي پيو صحافين عبرت رپورٽر ڪيمچند مالهي ۽ ٻين کي ڌڪا ڏئي حملو ڪيو جنهن دوران صحافين ادريس سينهڙو . رضوان عطاري . ٽريش مالهي ۽ ٻين وچ ۾ پئي ڇڏايو ويو ڊوائيز معافيا رامچند سرعام موت مار جون ڌمڪيون ڏنيون جنهن تي ميڊيا سينٽر سامارو جو اجلاس ٿيو ان موقعي تي صحافين نادر بروهي - ادريس سينهڙو - ڪيمچند مالهي - رضوان عطاري - مهيش مالهي عثمان ڪوسو- عدنان افضل - خوشحال پواڻي - وحيد خاصخيلي - سريش اي ڊي مالهي - سڪندر شاهاڻي - منٺار ڏونڪاڻي صحافين تي حملي خلاف احتجاج ڪيو ان موقعي تي حملي جي سخت مذمت ڪئي هنن ايس ايس پي عمرڪوٽ ۽ وس وارن کان گهر ڪئي بدمعاش ڊوائيز معافيا رامچند ۽ ان جي ساٿين خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا 23 احتجاجي پيادل مارچ

آريسر گروپ جي اڳواڻ ڊاڪٽر نظير احمد، ايڊووڪيٽ نعيم عباس سولنگي، حاجي عباس راجپر طارق سولنگي، ذوالفقار سهتو عاقب سولنگي، منير سولنگي، نياز راجپر ۽ ٻين سياسي ۽ سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ احتجاجي پيادل مارچ ۾ شرڪت ڪئي.ان موقعي تي آصفه مغل جي وارثن ۽ سياسي توڙي سماجي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي مطالبو ڪيو ته شاگردياڻي آصفه مغل کي فوري طور بازياب ڪرائي سنڌس خاندان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي. هنن چيو ته تعليم حاصل ڪندڙ نياڻين جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ رياست ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي بنيادي ذميواري آهي. مظاهرين مطالبو ڪيو ته آصفه مغل جي بازيابي لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن، واقعي ۾ ملوث ماڻهن کي قانون موجب گرفتار ڪري انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ۽ متاثر خاندان جا خدشا ختم ڪيا وڃن.مارچ جي شرڪت ڪندڙن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن آصفه مغل کي جلد بازياب نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو.وارثن جو چوڻ هو ته جيستائين شاگردياڻي آصفه مغل بازياب نه ٿيندي، تيستائين سندن احتجاجي تحريڪ جاري رهندي.

بقايا 24 اڳيان ڌرڻو

مولابخش ڦليپوٽو صفر مغيري ۽ منور ٽوناري جي اڳواڻيءَ ۾ پارٽي آفيس کان رائيس ڪئنال پُل تائين ريلي ڪڍي ايريگيشن آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو ويو. احتجاجي مظاهري ۾ مختلف مڪتبه فڪر سان لاڳاپيل شخصيتن، شهرين هارين آبادگارن توڙي ايس ٽي پي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري پاڻي جي کوٽ خلاف سخت نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي احتجاج ڪندڙن چيو ته زرعي پاڻي جي کوٽ سبب سنڌ جي آبادگارن کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. هنن چيو ته رائيس ڪئنال، دادو ڪئنال، مير واهه، جمڙائو ڪئنال ۽ ڪيرٿر ڪئنال سميت مختلف واهن ۽ شاخن ۾ پاڻي جي فراهمي متاثر ٿيڻ سبب آبادگارن ۾ سخت بيچيني ڦهليل آهي. اڳواڻن چيو ته پاڻي جي کوٽ سبب ساريالي فصل جي پوک ۽ ٻيجاري جو عمل به متاثر ٿيو آهي، جنهن ڪري آبادگارن کي معاشي نقصان پهچي رهيو آهي. هنن مطالبو ڪيو ته زرعي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي واهن ۽ شاخن ۾ پاڻي جي منصفاڻي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي، آبادگارن جا مسئلا حل ڪيا وڃن ۽ زرعي شعبي کي درپيش ڏکيائين جو فوري نوٽيس ورتو وڃي. مظاهرين چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن پاڻي جي فراهمي بحال نه ڪئي وئي ته احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو.

بقايا 25 عرصي کان غائب

پهرين سيپٽمبر 2025ع کان، ڊاڪٽر سڪندر علي سهتو پهرين نومبر 2025ع کان، جڏهن ته ڊاڪٽر عائشه قل پهرين آڪٽوبر 2024ع کان مسلسل غير حاضر آهن ساڳئي ريت ڊرائيور خورشيد جتوئي به 9 اپريل 2026ع کان ڊيوٽي تان غير حاضر آهي.غير حاضر ڊاڪٽرن ۽ ملازم خلاف قانوني ۽ انتظامي ڪارروائي لاءِ رپورٽ ڊائريڪٽر گمس گمبٽ ۽ ضلعي هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر ڪليم الله شيخ ڏانهن پڻ اماڻي وئي آهي. علائقي واسين مطالبو ڪيو آهي ته غير حاضر ڊاڪٽرن خلاف فوري ڪارروائي ڪري اسپتال ۾ صحت جون سهولتون بهتر بڻايون وڃن ته جيئن مريضن کي بروقت علاج فراهم ٿي سگهي.

بقايا 26 24ڪلاڪ الرٽ

انتظام جاري آهن. ميونسپل عملي مان تنوير رانجهاڻي صفائي سڻرائي، نادر خاصخيلي ترقياتي ڪمن، جڏهن ته ٽاٽا ڦمبراڻي اسٽريٽ لائيٽن ۽ سولر سسٽم جي ڪمن جي نگراني ڪري رهيا آهن. ميونسپل چيئرمين غلام مرتضيٰ جوڻيجو چيو آهي ته محرم الحرام دوران عزادارن ۽ شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آندا پيا وڃن، جڏهن ته جلوسن جي رستن تي صفائي، روشني ۽ ٻين بنيادي سهولتن کي يقيني بڻايو ويو آهي.ٻئي طرف ايڪسيئن حيسڪو ٽنڊوآدم غياث الدين شيخ جي هدايتن تي حيسڪو جي خاص ٽيڪنيڪل ٽيم ايس ڊي او ٽنڊوآدم ميرل، ايل ايس فهيم قريشي ڪمانڊو ۽ ٻين فني عملي سان گڏ شهر جي مختلف امام بارگاهن ۽ جلوسن جي رستن جو دورو ڪيو. امام بارگاهن جي منتظمن سان ملاقات ڪري بجلي جي فراهمي بابت مسئلن تي ڳالهيون ڪيون. حيسڪو عملدارن موجب محرم الحرام جي حوالي سان ٿيل گڏجاڻين ۾ شيعا علماءِ ڪائونسل ۽ ٻين اڳواڻن پاران نشاندهي ڪيل بجلي جي مسئلن کي حيسڪو جي ٽيڪنيڪل ٽيم حل ڪري ڇڏيو آهي. ڪنهن به هنگامي صورتحال يا فني خرابي جي صورت ۾ عملي کي 24 ڪلاڪ الرٽ رکيو ويو آهي.امام بارگاهن جي منتظمن پاران محرم الحرام دوران بهتر انتظامن، سهڪار ۽ بروقت رابطا ڪاري تي ميونسپل انتظاميا ۽ حيسڪو عملدارن جو شڪريو ادا ڪيو ويو آهي

بقايا 27 ٿاڻي اڳ ڌرڻو

واردتن تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن غازي علي امداد لاڙڪ، وڏيرو نماڻو خان سرڪي، سرفراز انصاري ۽ ٻين جو چوڻ هو ته راڻيپور شهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ چوري، ڦر ۽ موٽر سائيڪل چوري جون وارداتون معمول بڻجي ويون آهن. جڏهن ته ڪيترن ئي شهرين جون موٽر سائيڪلون ۽ موبائل فون ڦر ٿيڻ باوجود اڃا تائين واپس ناهن ڪرايا ويا. هنن الزام هنيو ته پوليس ڏوهارين خلاف مؤثر ڪارروائي ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي، جنهن سبب شهرين ۾ بيچيني وڌي رهي آهي. هنن مطالبو ڪيو ته شهر مان چوري ۽ ڦر ٿيل موٽر سائيڪلون ۽ موبائل فون جلد کان جلد واپس ڪرايا وڃن ۽ ڏوهارين کي گرفتار ڪري قانون موجب سزا ڏني وڃي. هنن چيو ته جيڪڏهن اسان جا جائز مطالبا پورا نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وسيع ڪري وڌايو ويندو.

بقايا 28 قرار ڏنو ويو

آفيسر گلزار احمد دستي سميت حيسڪو جي ٻين اعليٰ اختيارين شرڪت ڪئي. تقريب ۾ علائقي جي معزز شهرين، واپاري برادري ۽ بجلي صارفين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ سٽي فيڊر تان لوڊشيڊنگ جي خاتمي واري فيصلي کي ساراهيو ان موقعي تي حيسڪو چيف فيض الله ڏاهري ۽ ٻين جو چوڻ هو ته 11 ڪي وي سٽي فيڊر ڪنڊياري تان لوڊشيڊنگ ختم ٿيڻ سان شهرين کي بجلي جي فراهمي ۾ نمايان بهتري ايندي، جڏهن ته واپارين ۽ گهريلو صارفين کي به وڏي رليف ملندي.تقريب جي شرڪت ڪندڙن حيسڪو انتظاميا جي ان قدم کي خوش آئند قرار ڏيندي اميد ظاهر ڪئي ته مستقبل ۾ به بجلي جي فراهمي کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ اهڙا عوام دوست قدم جاري رکيا ويندا.

بقايا 29 احتجاجي

فيڪٽري جي پورهيتن اسد علي ملڪ , عابد ملڪ , عبدالسميع , سڪندر ابڙو , باسط انصاري ۽ ٻين سکر پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪندي صحافين آڏو دانهيو آهي ته هو ديوان پلاسٽڪ فيڪٽري ۾ پورهيو ڪندا آهن جنهن ۾ 50 کان 60 ملازم آهيون جن کي ڏهه ڏهه سال ٿي ويا آهن پر اجرت ناهي وڌائي وئي هنن ٻڌايو ته مهانگائي جي هن دور ۾ 21 کان 27 هزار رپيه مهينو پگهار ڏني وڃي ٿي جڏهن ته نوڪري 12 ڪلاڪ ورتي پئي وڃي هنن الزام مڙهيو ته مزدورن جي حقن لاءِ قائم ڪيل سرڪاري اداره پنهنجو حصو پتي وٺي هليا وڃن ٿا اسان کي دانهڻ جي صورت ۾ نوڪري تان فارغ ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن هنن اعلي اختيارن کان اپيل ڪئي آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي ڪين انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 30 برآمد ڪيا ويا

ماتمي جلوس بڙا علم امام بارگاهه حيدري مان ٽاليواري عزادار بائي جلوس سيد تنوير حيدر شاهه جي اڳواڻي ۾ برآمد ٿيو ان کان اڳ مجلس عزا ٿي جنهن کي مولانا سيد عرفان علي شاهه، ذاڪر سيد غلام حسين شاهه، ذاڪر اهل بيت شاهد حسين گاهيجا، ذاڪر علي گوهر بلوچ، مولانا ساجد علي جلباڻي، مولانا اشرف علي ڪوسو، مولانا سجاد علي نجفي خطاب ڪندي چيو ته ڪربلا ۾ گهوٽ قاسم ۽ شهزاده علي اڪبر هم شڪل پيغمبر جهڙن جوانن جي قربانين سان درس مليو ته اسلام لاءِ جانيون ڏيو پر يزيد جي بيعت هرگز ناهي ڪرڻي. پريالوءِ جي تاريخي ۽ قديمي ماتم ۾ خيرپور، روهڙي، سکر، راڻي پور سميت آس پاس واري علائقن جي 50 کان وڌيڪ ماتمي انجمنن کان علاوه هزارين جي تعداد ۾ عزادار شريڪ ٿي گرز چاقو زنجير جو ماتم ڪيو جڏهن ته ڪربلا جا شهيد زنده آهن جي عنوان هيٺ عزاداري جو سلسلو جاري آهي خيرپور جي مرڪزي امام بارگاهه انجمن حيدري ۾ مولانا سيد عرفان علي شاهه ۽ منظور حسين سولنگي ٿين مجلس کي خطاب ڪندي چيو ته .اسلام امن پيار محبت ۽ هر انسان جي عزت ڪرڻ جو مذهب آهي ڪربلا ان جي واضح شڪل آهي جتي حضرت امام حسين عليه السلام ساٿين سان گڏجي رت جو نذرانو ڏئي هميشه لاءِ اسلام کي بقاءِ ڏياري ڇڏي. امام بارگاهه قصر حسيني ۽ مرڪزي امام بارگاهه لقمان ۾ مذهبي اسڪالر سيد باقر حسين زيدي چيو ته حضرت امام حسين عليه السلام ڪربلا ۾ جنگ حق ۽ باطل وچ ۾ شريعت محمدي جي حفاظت ۽ نفاذ لاءِ هئي حڪومت حاصل ڪرڻ لاءِ نه هئي. امام بارگاهه فيض حسيني علامه عباس حيدر نقوي ۽ مولانا منظور حسين سولنگي مجلس کي خطاب ڪندي چيو ته ڪربلا وارن پنهنجي عزم، حوصلي، شجاعت، بهادري ۽ جوانمردي سان قيامت تائين اهو پيغام ڏنو ته تعداد ۾ گهٽ هجو پر ثابت قدم رهو وقت جي ڪنهن به يزيد جي بيعت نه ڪجو بلڪه حسيني فڪر تي عمل ڪري پاڻ کي امر ڪيو. مرڪزي امام بارگاهه راهوجا ۾ ذاڪر اهل بيت سيد غلام حسين شاهه، ۽ امام بارگاهه درعباس (ٽنڊو علم پاڪ) ڳوٺ راهوجا ۾ ٽاليوارو خطيب علامه اياز حسين قمي خطاب ڪندي چيو ته ڪربلا وارن پنهنجي ڪردار ۽ افڪار سان اهو ٻڌايو ته ظالم جي اڳيان ڪڏهن به نه جهڪجي بلڪه ڪنڌ مٽي ڪري ڪين ان جي ظلم بابت للڪارڻو هوندو آهي ته جئين سڀ سڃاڻن ته اهو ظالم آهي. امام بارگاهه قصر زينب ثانيءَ زهراهه ۾ مولانا غلام باقر ڏهراج ۽ مجلس کي خطاب ڪندي چيو ته ڪربلا ۾ امام حسين عليه السلام اهڙي رٿابندي ڪئي ته اڄ سڄي دنيا جا انسان امام حسين عليه السلام جي پيروڪاري ڪري رهيا آهن. امام بارگاهه قصر پنجتني شوڪت صاحب ۾ مولانا سيد عباس علي رضوي امام بارگاهه سجاديه، امام بارگاهه شاهه ڪربلا، امام بارگاهه سجاديه ۾ علامه سيد مستجاب حيدر عابدي، امام بارگاهه قصر عباس لقمان ۾ مولانا سيد مصطفيٰ حيدر زيدي، عزاخانه حسين مظلوم ۾ حافظ مولانا سيد ساجد علي نقوي، امام بارگاهه عون محمد لقمان ۾ مولانا احسان رضي قبله مجلس کي خطاب ڪندي چيو ته اڄ جي دور ۾ مسلمانن مٿان جيڪو ظلم ٿي رهيو آهي ان سان مقابلو ڪرڻ لاءِ اسان سڀني کي سيرت امام حسين عليه السلام ۽ ڪربلا جي منشور تي عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي. امام بارگاهه دبير حسين ڪاظمي ۾ ذاڪر سيد جبار حسين شاهه عزاخانه امام مهدي لقمان ۾ مولانا شاهد حسين مغل، امام بارگاهه هاشميه لقمان ۾ مولانا سيد مستجاب حيدر عابدي ، امام بارگاهه محبان حيدري ۾ مولانا قمر عباس ڪريمي، مولانا سيد حسين حيدر رضوي، امام بارگاهه قصر زينب ثاني زهراهه ۾ علامه غلام باقر ڏهراج، امام بارگاهه شاهه ڪربلا لقمان ۾ مولانا علي گوهر قمي، مولانا سيد محمد جون عباس، امام بارگاهه پنجتن سرائي والا ۾ مولانا محمد حسن لاشاري امام بارگاهه اماميه پرگڙي ۾ مولانا ذوالفقار علي لاڙڪ، ڪربلا جي ٽنڊڙن شهيدن جي ياد ۾ عزاخانه غلامان عباس خيرپور ۾ عشره محرم الحران جي مجلسون منعقد ٿيون جنهن ۾ ڪسمن ذاڪن نوحا خوان خطاب ڪيو مختلف امام بارگاهن ۾ مجلسن دوران سوزخواني فرزند سيد عابد حسين نقوي سيد منظر مهدي نقوي، سيد محمد مختار جعفري، بشير احمد علوي، سيد غلام عباس محمد شاهه، سيد محمد عاطف زيدي، سيد مسلم عباس ڪاظمي، سيد اظهار حسين زيدي، سيد ذاڪر حسين زيدي، سيد غلام عباس زيدي، سميع ڪاظمي، سيد حسين نقوي، سيد زين نقوي، حسنين ڪاظمي، وفا عباس نقوي، سيد باقر شاهه نقوي سميت ٻيا ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي.

بقايا 31 جهيڙي ۾ ٽي ڄڻا زخمي

عبدالحميد گبول، عبدالغفار ٿارو گبول ۽ ٻين چيو ته جوابدار علي حسن گبول، پاڳيس سوياري گبول، انور گبول وارا اسان جي زرعي زمين تي قبضو ڪرڻ لاءِ زمين مان وڃ وڌي رهيا هئا منع ڪرڻ تي ڄاڻايل جوابدارن اسان مٿان حملو ڪري اسان ماڻهن کي لٺيون ۽ ڪهاڙيون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو ۽ فرار ٿي ويا هنن چيو ته داد لغاري پوليس به اسان جي مدد نه ٿي ڪري ۽ جوابدارن جي ڌر بڻيل آهي هنن ايس ايس پي گهوٽڪي کان مطالبو ڪيو آهي ته جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 32 هڪ ڄڻو زخمي

ڪوشش ڪئي دڪاندار ۽ سنڌس گڏ ويٺل سليمان جکراڻي ڏوهارين سان مزاحمت ڪري ڦر روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڏوهارين بي خوف ٿي سڌا فائر ڪيا جنهن سبب دڪاندار اشوڪ ڪمار کي پيٽ ۽ پير ۾ گوليون لڳيون جڏهن ته سليمان جکراڻي کي هٿ ۾ گولي لڳي جنهن سبب هو به زخمي ٿي پيو زخمين کي سرڪار اسپتال آندو ويو جتي طبي امداد به صرف خانا پوري ڪري اشوڪ ڪمار کي سکر منتقل ڪيو ويو اسپتال ۾ بروقت سنڌس علاج نه ملي سگهيو سکر جي نجي اسپتال ۾ داخل ٿيڻ بعد زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو اهڙي واقعي جي خبر هندو برادري ۽ شهرين ۾ باهه جيان پکڙجي وئي اشوڪ ڪمار جي قتل تي هندو برادري ۾ سوگوار ماحول بڻجي ويو هر گهر ۾ ڪهرام مچي ويو هر طرف روڄ راڙو پئجي ويو واقعي تي شهرين پاران سوشل ميڊيا تي ڀرپور آواز اٿاريو شهرين جو چوڻ هو ته سرڪار وٽ هڪ طرف سريندر پاليسي تحت ڏوهاري پيش ٿين پيا ۽ هڪ طرف ڏوهن تي ڪنهن به قسم جو ضابطو نه آيو آهي پوليس ڏوهه روڪڻ ۾ ناڪام نظر اچي رهي آهي روزاني اسٽريٽ ڪرائيم جا واقعا ٿين پيا پر افسوس پوليس ڪجهه نه ٿي ڪري سکر کان مڙهه ڪنڌڪوٽ آندو ويو افسوسناڪ واقعي جي باوجود مظلوم خاندان وٽ ڪير به نه آيو ايس ايس پي ڪنڌڪوٽ ڪا به ڪارروائي نه ڪئي اشوڪ ڪمار جون آخري رسمون اڄ آچر تي ادا ڪيون وينديون.

بقايا 33 احتجاج

ڪري ڇڏيو اطلاعن موجب زخمي لال ڏنو سولنگي کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ فوري طور سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو جتي ڪيس طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي. واقعي کان پوءِ سولنگي برادري جي ماڻهن بدامني خلاف سول اسپتال خيرپور ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج ڪندڙن ۾ ڪامران سولنگي، عرفان، عمران، صاحب ۽ نظير احمد سولنگي سميت ٻيا شامل هئا. احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو ته علائقي ۾ وڌندڙ بدامني تي ضابطو آندو وڃي، ڦر ۾ ملوث جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري ڦريل رقم واپس ڪرائي وڃي. هنن چيو ته شهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ ڏوهي وارداتن جي واقعن ۾ واڌ سبب شهري عدم تحفظ جو شڪار آهن.

بقايا 34 سلسلو جاري

پاران يا حسين يا حسين جون صدائون بلند ڪيون پيون وڃن، انجمن شيعان حيدر ڪرار خندق ڪميٽي طرفان مرڪزي امام بارگاهن تان سيد احسن عباس شاهه لطيفي،سيد فرحاد عباس شاهه لطيفي ،سيد پرويز شاهه شاهه لطيفي جي اڳواڻي ۾ ماتمي جلوس بر آمد ڪيو ويو.جڏهن ته انجمن غلامان اهلبيت طرفان سيد گدا حسين شاهه لطيفي،سيد فدا حسين شاهه لطيفي،سيد جراڙ شاهه لطيفي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ماتمي جلوس بر آمد ڪري سينا زني ۽ نوحه خواني ڪئي وئي جڏهن تگ پٽ شاهه ۾ مختلف هنڌن تي ڪربلا جي پياسن جي ياد ۾ مختلف هنڌن تي ٿڌي ۽ مٺي سبيل جو اهتمام به ڪيو ويو آهي ۽ امام بارگاهن تي الم پاڪن کي سينگاري سوار ڪرڻ جو سلسلو به جاري آهي ، جڏهن ته درگاهه ڀٽائي جي احاطي ۾ منعقد ڪيل مجلس عزا کي عالمن علاما جميل حيدر آف لاهور ۽ علاما عاشق حسين منتظري خطاب ڪيو جڏهن ته درگاهه چاڙهي پليٽ فارم تي منعقد ٿيل مجلس عزا کي علاما علي حسنين علوي خطاب ڪيو درگاهه ڀٽائي سميت ماتمي جلوسن جي روٽن ۽ مجلسن واري هنڌ جي نگراني لاءِ پوليس ۽ اسڪائوٽ طرفان سيڪيورٽي جا انتظام ڪيا ويا آهن پٽ شاهه ۾ محرم الحرام جي سلسلي ۾ مختلف ڳوٺن ۽ شهرن مان به وڏي انگ ۾ پٽ شاهه پهچي عزاداري ۾ شريڪ ٿي ڪربلا جي شهيدن کي پرسو ڏنو پيو وڃي.

بقايا 35 پڪڙجي پيو

پوليس حوالي ڪري ڇڏيو تفصيل موجب خيرپور پرسان ڳوٺ قاسم ڦلپوٽو مهر ٽاريون جا رهواسي محمد ابراهيم مهر، نديم احمد ڦلپوٽو محمد صالح جمالي، ۽ فرحان حيدر مهر ٻڌايو ته ڪيتري ئي عرصي کان رات جو دير سان 11 هزار بجلي جون تارون ڪٽجي وڃن پيو تارون لڳرائي تنگ ٿي وياسين جڏهن ته اڄ رات جو دير سان ڪندڙا لڳ تنيو ڳوٺ جو رهواسي ٽالو نه ٻڌايو ته جيڪو سندن جتن کان پنجن ساٿين سان گڏجي 30 کان وڌيڪ بجلي جي ٿنڀن جو تارو ڪٽي رهيا هئا ته چورن جو پيڇو ڪيو ته چور تنيو جيڪو پڪڙجي پيو ۽ ٻيا فرار ٿي ويا آهن جن جي قبضي مان ڪجهه بجلي جو تارون به هٿ ڪيون ويون آهن جڏهن ته چور کي اي سيڪشن پوليس جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي اسان واپڊا سيپڪو خيرپور جي انتظاميا ۽ ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ٿا ته نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري اڳ ٿيل تارون چوري واپس ڪرائي ڏنيون وڃن.

بقايا 36 اڳواڻ

آهي ته ٿر کول متاثرن جي سماجي، معاشي ۽ ماحولياتي مسئلن جي حل لاءِ بجيٽ ۾ الڳ فنڊ مختص ڪيا وڃن. دوست محمد، عبدالعزيز قادري، سترت ڪمال ادريس ڪمال جنيف پٽي، رسول بخش سمون ۽ ٻين جاري ڪيل بيان ۾ چيو ته ٿر جي ماڻهن ملڪ جي توانائي شعبي جي ترقي لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن. پر ڪوئلي جي کوٽائي ۽ ٿرمل پاور منصوبين سبب ڪيترائي ماڻهو پنهنجا گهر، زرعي زمينون، چراگاهون ۽ روزگار جا ذريعا وڃائي ويٺا آهن. جڏهن ته ماحولياتي آلودگي ۽ صحت جا مسئلا پڻ وڌيا آهن.هنن مطالبو ڪيو ته بي گهر ٿيل خاندانن جي بحالي ۽ معاوضن لاءِ بجيٽ وڌائي وڃي، متاثر ماڻهن لاءِ خاص مالي رليف پيڪيج ڏنو وڃي، صاف پيئڻ جي پاڻي، صحت، تعليم ۽ روزگار جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن. اڳواڻن ٿر ۾ خاص ڪارڊيڪ ۽ پبلڪ هيلٿ سينٽر مڪمل پبلڪ يونيورسٽي، شمسي ۽ هوائي توانائي جا منصوبا ۽ موسمياتي تبديليءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ وڻڪاري مهم شروع ڪرڻ جو پڻ مطالبو ڪيو.هنن چيو ته ٿر جي متاثر ڪميونٽيز کي رائلٽي ۽ ڪميونٽي ڊولپمينٽ فنڊز مان منصفاڻو حصو ڏنو وڃي ۽ ماحولياتي ۽ سماجي انصاف تحت مقامي ماڻهن کي مفت بجلي فراهم ڪئي وڃي. سندن چوڻ هو ته اميد آهي سنڌ حڪومت انهن سفارشن کي سنجيدگي سان وٺي ۽ مطالبا منظور ڪري.

بقايا 37 بجيٽ منظور

ارپوريشن لاڙڪاڻي جي مالي سال 2026-27ع جي بجيٽ اتفاق راءِ سان منظور ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ فنانس ڪميٽي جي چيئرمين محمد قاسم بروهي ايندڙ مالي سال 2026-27ع جي بجيٽ پيش ڪندي ٻڌايو ته 4 ارب، 6 ڪروڙ 54 لک، 4 هزار 393 رپين جي ڪل بجيٽ ۾ 4 ڪروڙ 2 لک، 77 هزار 250 رپين جي بجيٽ ڊيڪاري وئي آهي. بجيٽ ۾ ڏنل انگن اکرن موجب پهرين جولاءِ 2026ع تي ميونسپل ڪارپوريشن جو اوپننگ بئلنس 37 ڪروڙ 40 لک، 63 هزار 727 رپيه هوندو ايندڙ مالي سال جي ڪل آمدني جو ڪاٿو 03 ارب، 69 ڪروڙ 13 لک، 40 هزار 666 رپيه لڳايو ويو آهي. جڏهن ته ڪل خرچ 04 ارب، 02 ڪروڙ 51 لک، 27 هزار 143 رپيه هوندو اهڙي طرح 30 جون 2027ع تي ميونسپل ڪارپوريشن جو ڪلوزنگ بئلنس 4 ڪروڙ 2 لک، 77 هزار 250 رپيه هوندو. ٿئين مالي سال جي بجيٽ ۾ پگهارن جي ادائگيءَ لاءِ 01 ارب، 29 ڪروڙ 35 لک، 68 هزار 959 رپيه رکيا ويا آهن. جڏهن ته پينشن، گريجوئيٽي، مالي سهائتا لاءِ 40 ڪروڙ رکيا ويا آهن. ٻين خرچن ۽ يوٽيلٽي بلن جي ادائگيءَ لاءِ 20 ڪروڙ 03 لک رپيه، گورنمينٽ جي لازمي ادائگين لاءِ 50 لک رپيه، گذريل سالن جي بلن جي ادائگيءَ لاءِ 03 ڪروڙ 91 لک 87 هزار 628 رپيه، اسٽريٽ لائيٽن ۽ ٻين هلندڙ ڪمن لاءِ 35 ڪروڙ 89 لک، 20 هزار 556 رپيه مخصوص ڪيا ويا آهن. مرمت وارن ترقياتي ڪمن لاءِ 32 ڪروڙ 91 لک رپيه هلندڙ ترقياتي ڪمن لاءِ 10 ڪروڙ نون ترقياتي ڪمن لاءِ 27 ڪروڙ 09 لک رپيه رکيا ويا آهن. لاڙڪاڻي شهر جي 20 يونين ڪاميٽيز لاءِ 13 ڪروڙ رپيا، ڊسپوزلس جي جنريٽرن جي تيل لاءِ 18 ڪروڙ رپيه ۽ ٻين مينٽيننس جي ڪمن لاءِ 03 ڪروڙ رپيه رکيا ويا آهن. غريب شاگردن جي اسڪالرشپ، پريس ڪلب جي امداد، اقليتن، عورتن، ٽرانسجينڊرن جي ڀلائي ۽ ٻين ڪمن لاءِ 19 ڪروڙ 98 لک رپيه رکيا ويا آهن. ان موقعي تي سمورن ميمبرن هٿ مٿي ڪئي بجيٽ جي منظوري ڏني. ميونسپل ڪارپوريشن لاڙڪاڻي جي ميئر انور علي لهر خطاب ڪندي چيو ته اسان لاڙڪاڻي شهر کي خوبصورت بڻائڻ لاءِ وڌ ۾ وڌ ڪوشش ڪري رهيا آهيون. پ پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ پي پ پ جي قيادت جي هدايتن تحت شهر ۾ صفائي سڻرائي جو ڪم بهتر نموني ٿي رهيو آهي. لائيٽنگ، روڊن رستن جا ڪم به هلي رهيا آهن لاڙڪاڻي کي اڃا به وڌيڪ خوبصورت ۽ صاف سٿرو بنائي ويندو. هن وڌيڪ چيو ته ميونسپل ملازمن جي پگهارن ۽ پينشنن جا رهيل پئسا ڪليئر ڪيا ويا آهن. هن چيو ته رهيل ڪميون ڪوتاهيون پوريون ڪيون وينديون. ميونسپل ڪارپوريشن جا ميمبر سهڪار ڪن. ڊپٽي ميئر محمد امين شيخ چيو ته ميونسپل ملازمن کي ڇت فراهم ڪئي وڃي انهن کي ڇت فراهم ڪرڻ اسان جي ذميواري آهي. ان موقعي تي سڀني ميمبرن چيو ته تمام سٺي بجيٽ پيش ڪئي وئي آهي ۽ميمبرن پاران پنهنجيون تجويزون پڻ پيش ڪيو ويون ۽ لاڙڪاڻي شهر جي بهتري لاءِ وڌ کان وڌ ڪم ڪيو ويندو.

بقايا 38 2ڄڻا زخمي

شبيران چاچڙ ۽ سجاد چاچڙ کي علاج لاءِ تعلقي اسپتال پنوعاقل منتقل ڪيو. سانگي قومي شاهراهه تي خوفناڪ حادثي/ موٽرسائيڪلن ۾ آمهون سامهون ٽڪر سبب ٽينگري عائشه چاچڙ موقعي تي فوت، ٽينگري عائشه جو زخمي ڏاڏو شاهنواز چاچڙ به سکر جي اسپتال ۾ دم ڏئي ڇڏيو هڪ عورت شبيران چاچڙ سميت 2 ڄڻا سخت زخمي اسپتال منتقل

بقايا 39

واپڊا عملو پئسا گهري رهيا آهن هن چيو ته ٻيراڻي شهر ۾ محرم الحرام دوران بجلي جي لوڊشيڊنگ ختم نه ڪئي وئي آهي هنن چيو ته ٻيراڻي شهر ۾ واپڊا جي عملي پاران پرائيويٽ ماڻهو مقرر ڪري ڇڏيا آهن جيڪي شهرين جي بجلي ڪاٽي وري پئسن جي عيوض غيرقانوني ڪنڪشن لڳائين ٿا پرائيويٽ ماڻهن شهرين جو جئيڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ٻيراڻي شهر ۽ ٻيراڻي جي واٽر سپلاءِ جي بجلي هڪ ٿي گرڊ اسٽيشن تي رکيو وڃي .

بقايا 40 جو احتجاج

ايچ ڪيو پريس ڪلب ميرپورماٿيلو آڏو پهچي احتجاجي مظاهرو ڪري ايس ايچ او ميرپور ماٿيلو وحيد ڀٽو ۽ وڏي منشي خلاف نعريبازي ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي رشيد احمد ڪلهوڙو، گلزار احمد عبدالرزاق ۽ ٻين چيو ته ميرپورماٿيلو پوليس بلا جواز بنا ٻڌائڻ جي ٻن ڀائرن شفيق احمد ۽ تنوير احمد ڪلهوڙو کي کڻي گم ڪري ڇڏيو آهي جيڪا نه ٻڌائي به ٿي ته هنن جو ڪهڙو ڏوهه آهي ۽ نه وري ظاهر ڪري ٿي جيڪا اسان سان زيادتي آهي هنن ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته بلا جواز گرفتار شفيق ۽ تنوير ڪلهوڙو کي آزاد ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 41 صدر مقرر ڪيو ويو

ضلعي خيرپور جو صدر ۽ ريجنل يونين آف جرنلسٽس تعلقي صوڀوديري جي جنرل سيڪريٽري آفتاب پنهور کي سنڌ چيمبر آف فوڊ اينڊ ايگريڪلچرل آف پاڪستان ضلعي خيرپور لاءِ جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو آهي ٻي طرف پروفيسر عبدالسميع پنهور کي فوڊ اينڊ ايگريڪلچرل سکر ڊويزن جو صدر مقرر ٿيڻ تي هنگورجا ، ٻچل پنهور ۽ خيرپور جي آبادگارن خوشي جو اظهار ڪيو ۽ پروفيسر عبدالسميع پنهور کي هار پارائي ۽ مبارڪون ڏنيون ۽ آبادگار رهنمائڻ محمد يوسف ٿائوري، عالم ڏاهري،عبدالقادر ميمڻ ۽ ٻين چيو ته پروفيسر عبدالسميع پنهور آبادگارن جي بهتر رهنمائي ڪندو.

سيوهڻ ۾ بئنڪ مان رقم ڪڍائڻ بعد گم ٿيل پيرسن قتل، جهنگ مان تشدد ٿيل لاش مليو

ڳوٺ ٺٽون واهڻ واسي پيرسن محمد صديق هاليپوٽو چار ڏينهن اڳ بينڪ مان واپس ايندي گم ٿي ويو هو

اڻڄاتل جوابدارن پيرسن کان رقم ڦر ڪرڻ بعد تشدد ڪري قتل ڪري ڇڏيو، جانور سنڌس هڪ ٻانهن پٽي ويا

علائقي واسين جي اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال آندو سڃاڻپ بعد وارثن حوالي، ڪيس داخل

سيوهڻ (رپورٽ: اعجاز سولنگي) چار ڏينهن اڳ سيوهڻ بئنڪ مان رقم ڪڍائڻ بعد گم ٿيل ڳوٺ ٺٽون واهڻ واسي پيرسن ڳوٺائي محمد صديق هاليپوٽو جو لاش سيوهڻ ڀاءُ پاس پرسان فصل جي ٻوڙن مان هٿ اچي آيو آهي، ٻڌايو وڃي ٿو ته 60 ورهين جو ڳوٺائو محمد صديق هاليپوٽو 4 ڏينهن اڳ سيوهڻ جي ڳوٺ ٺٽون واهڻ مان گهر جي اسڪيم جي قسط جا پئسا هڪ لک روپيا وٺڻ لاءِ سيوهڻ جي سنڌ بئنڪ پهتو هو جتان نامعلوم جوابدارن ڳوٺائي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ست سال جي ڪيد آيل 7 جوابدار

لکي غلام شاهه پوليس پاران جوابدار کي ڦر ٿيل ٽريڪٽر سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي دوران جوابدار ڪامران سڪندر ڪلهوڙو کي گرفتار ڪيو: پوليس

جوابدار جي قبضي مان غلام اصغر ڪلهوڙو کان ڦريل ٽريڪٽر برآمد ڪيو آهي

لکي غلام شاهه (ن ع) 16 جون 2026 ع تي غلام اصغر ڪلهوڙو کان ٿاڻي ٻجل پيو جي حدن اندر هٿيارٻند جوابدارن سنڌس ٽريڪٽر ڦر ڪري ورتو هو واقعي جو ڪيس غلام اصغر ڪلهوڙو جي فرياد تي ٿاڻو ٻجل پيو ۾ داخل ڪيو ويو جنهن بعد پوليس فوري طور جاچ شروع ڪري ڇڏي ايس ايس پي شڪارپور محمد ڪليم ملڪ جي هدايت تي ڊي ايس پي لکي غلام شاهه محمد علي سومرو جي سربراهي ۾ انچارج ٿاڻو ٻجل پيو عبدالجبار ابڙو

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ۽ پرپاسي جي علائقن ۾ ياحسين ياحسينؑ جون صدائون بلند، مجلسون جاري

گمبٽ (ن ـ ع)محرم الحرام جي سلسلي ۾ گمبٽ شهر سميت پرپاسي جي علائقن ۾ ياحسين ياحسين عليہ السلام جون صدائون بلند، شهر جي امام بارگاهن ۾ عشري جون مجلسون جاري، نواسه رسول ﷺ امام حسين عليہ السلام ۽ سندس جانثارن جي ڏنل لازوال قرباني کي پيٽا پيش ڪرڻ لاءِ گمبٽ شهر ۽ آس پاس جي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

پرياروڊ ۾ 4 محرم الحرام جو ماتمي جلوس برآمد، مومنن پاران سينا زني ڪئي وئي

پرياروڊ(ن ع) پوري ملڪ جيان پرياروڊ ۾ 4 محرالحرام جو ماتمي جلوس هر سال جيان هن سال انجمن غلامان عباس فقير بخش علي هيسباڻي الاهي بخش راڄپر جي اڳواڻي ۾ سنڌس رهائش گاهه تان برامد

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ويجهو زمين جي مالڪي تان شر برادري ۾ جهيڙو، فائرنگ، هڪ ڄڻو مارجي ويو

ڳوٺ نور محمد شر جي ٻن ڌرين وچ ۾ پراڻي تڪرار تان فائرنگ ۾ راشد شر مارجي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي تعلقي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

گهوٽڪي(رپورٽ: اقبال صديقي)گهوٽڪي ويجهو زمين جي مالڪي تان جهيڙي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو قتل، گهوٽڪي ويجهو آندل سنڌراڻي ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ نور محمد شر ۾ شر برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

باڊهه ۾ پيٽرول قيمتن ۾ لاٿ باوجود ڀاڙن ۽ شين جي اگهه نه گهٽجڻ خلاف مظاهرو

شهرين پاران ڪامريڊ محمد علي خشڪ ۽ حسن ڪلهوڙو جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاج ڪيو ويو

ٽرانسپورٽ ڀاڙن سميت عام شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي ڪري عوام کي رليف ڏنو وڃي: مظاهرين

باڊهه (ن ع) پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن ۾ لاٿ باوجود ٽرانسپورٽ جا ڪرايا ۽ روزمره استعمال جي ڪاڌي پيتي جي شين جا اگهه گهٽ نه ٿيڻ خلاف شهرين پاران بوهڙو چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ڪامريڊ محمد علي خشڪ ۽ حسن ڪلهوڙو جي اڳواڻيءَ ۾ ٿيندڙ احتجاجي مظاهري ۾ شهرين ساجد جوڻيجو، اقبال ڪوڪر، جمن ڳوپانگ، سجاد، ساريں رمضان

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ماٿيلو: زمين تي قبضي تان جهيڙي ۾ مارجي ويل نوجوان

پرياروڊ پوليس پاران پيرسن جي ڏاڍهن تي ساهورن هٿان ساڙي زخمي ٿيل عورت بازياب

ريتي محلا ۾ گهر تي ڇاپو هڻي ڏنڀ ڏئي ساڙي تشدد ۽ باندي بڻايل سونيه بازياب بازياب ڪرايو آهي: پوليس

سس رقيه سهري اصغر علي، مڙس شاهزيب آرائين حد کان وڌيڪ تشدد ۽ ڏنڀ ڏيندا هئا: سونيه

پوليس بازياب ڪرايل عورت کي عدالتي پيشي بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪري ڏني

پرياروڊ (ن ع) پرياروڊ پوليس جي ڪاروائي، مڙس هٿان ڏنڀ ڏئي ساڙي زخمي ڪيل عورت بازياب ڪرائي ورتي .پرياروڊ ٿاڻي تي ڪيس داخل پوليس جوابدارن گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام. عورت عدالت ۾ پيش .پرياروڊ پوليس ريتي محلا ۾ هڪ گهر تي ڇاپو هڻي مبينا مڙس سهري سس هٿان ڏنڀ ڏئي ساڙي تشدد ۽ باندي بڻايل عورت زخمي حالت ۾ بازياب ڪرائي ورتي عورت عدالت ۾ پيش عدالت عورت کي ماٽن حوالي ڪري ڇڏيو.

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

مڙس ۽ ساهورن هٿان زخمي ٿيل ناري ۽ سنڌس زخمي

پٽ شاهه ۾ محرم الحرام ۾ امن امان جي بحالي لاءِ پوليس ۽ رينجرز پاران گڏيل طور فليگ مارچ ڪيو ويو

پٽ شاهه (ن ع) مٽياري ضلعي اندر حساس ڄاڻايل پٽ شاهه ۾ محرم الحرام ۾ امن امان جي بحالي لاءِ پوليس ۽ رينجرز پاران گڏيل طور فليگ مارچ ڪيو ويو ايس ايس پي مٽياري عبدالعليم بلو جي اڳواڻي ۾ درجنين پوليس موبائلن ۽ رينجرز جي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

سامارو بي آءِ ايس پي سينٽر عملي پاران صحافين کي ڌمڪيون، احتجاج جو اعلان

عورتن جي تذليل ۽ رشوت جي اطلاع تي صحافين جي ٽيم سينٽر تي پهتي ته عملي ڌمڪيون ڏنيون

واقعي خلاف صحافين نادر بروهي، ادريس سينهڙو، ڪيمچند مالهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج

بدمعاش رامچند ۽ ساٿين خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

سامارو (رپورٽ ڪيمچند مالهي) سامارو روڊ شهر ۾ بيسپ سينٽر تي سروي سمورن جاري ڪرڻ دوران مبينا رشوت وٺڻ جي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

باڊهه: ايس ٽي پي پاران زرعي پاڻي جي ڪوٽ خلاف ريلي

باڊهه ۾ زرعي پاڻي جي ڪوٽ خلاف ريلي، ايريگيشن آفيس اڳيان ڌرڻو

باڊهه (ن ع) زرعي پاڻي جي ڪوٽ خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي باڊهه پاران اصغر نوناري، شمس پنهور عالم بروهي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

راڻيپور ۾ بدامني ۽ ڦر ٿيل موٽرسائيڪلن ۽ موبائل فونن جي واپسي لاءِ شهرين ٿاڻي آڏو ڌرڻو

وائيس آف راڻيپور جي سڏ تي شهرين غازي علي امداد لاڙڪ، وڏيرو نماڻو خان سرڪي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

شهر ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ چوري، ڦر ۽ موٽر سائيڪل چوري جون وارداتون معمول بڻجي ويون آهن: مظاهرين

ڌوهارين کي گرفتار ڪري شهر مان چوري ۽ ڦر ٿيل موٽر سائيڪلون ۽ موبائل فون جلد کان جلد واپس ڪرايا وڃن

راڻيپور (ن ع) وائيس آف راڻيپور جي سڏ تي راڻيپور شهر مان چوري ۽ ڦر ٿيل موٽر سائيڪلن ۽ موبائل فونن جي واپسي لاءِ شهرين پاران راڻيپور ٿاڻي جي گيٽ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي پوليس خلاف نعريبازي ڪئي ۽ وڌندڙ

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

راڻيپور ۾ بدامني ۽ ڦر ٿيل موٽرسائيڪلن جي واپسي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

خيرپور ۽ پرپاسي محرم الحرام حوالي سان ماتمي جلوس برآمد ڪيا ويا

پريالوءَ ۾ سنڌ جو تاريخي علم ۽ زري مبارڪ وارو ماتمي جلوس برآمد ٿيو

مولانا سيد عرفان علي شاهه، ذاڪر سيد غلام حسين شاهه ۽ ٻين مجلس عزا کي خطاب ڪيو

خيرپور(ڊ ر) شهداءِ ڪربلا جي ياد ۾ 5 محرم الحرام امام بارگاهه عون و محمد لقمان مان علم ذوالجناح جو ماتمي جلوس باني سيد ريحان شاهه جي اڳواڻي ۾ برآمد ٿيندو جيڪو دستوري رستن کان ٿيندي امام بارگاهه ۾ ختم ٿيندو جڏهن ته پريالوءَ ۾ سنڌ جو تاريخي علم ۽ زري مبارڪ وارو

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ ۾ ڦر دوران مزاحمت تي هٿيارٻندن جي فائرنگ، دڪاندار قتل، هڪ ڄڻو زخمي

مرزاپور رسالدار روڊ تي هٿيارٻندن دڪاندار اشوڪ ڪمار کان ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

مزاحمت ڪرڻ تي جوابدارن سڌي فائرنگ ڪئي، دڪاندار اشوڪ ڪمار ۽ سليمان جکراڻي زخمي ٿي پيا

زخمي دڪاندار کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سکر اسپتال نيو ويو جتي هو فوت ٿي ويو، هندو برادري ۾ سوڳ

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌڪوٽ شهر ۾ امن امان جي صورتحال بهتر نه ٿي سگهي سي سيڪشن ٿاڻي جي حد مرزاپور رسالدار روڊ تي هٿيارٻندن ڌوهاري دڪاندار اشوڪ ڪمار کان هٿيارن جي زور تي ڦر ڪرڻ جي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ هٿيارٻند ڌرين جي تشدد ۾ رٽائرڊ اهلڪار زخمي، وارثن جو احتجاج

ڳاڙهي پل واري علائقي ۾ هٿيارٻند لال ڏنو سولنگي کان ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

مزاحمت تي هٿيارٻند ڪيس زخمي ڪري فرار ٿي ويا، وارثن جو بدامني خلاف احتجاج

خيرپور(ڊ ر)خيرپور جي ڳاڙهي پل روڊ واري علائقي ۾ هٿيارٻند ڌرين رٽائرڊ پوليس اهلڪار لال ڏنو سولنگي کان مبينا طور 3 لک رپيا ڦر ڪري ورتا. مزاحمت ڪرڻ تي ڌرين ڪيس پسٽل جا بٽ هڻي سخت زخمي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ نوجوان جمون وڪرو ڪري رهيو آهي

پٽ شاهه ۾ محرم الحرام جي سلسلي ۾ عزاداري جو سلسلو جاري

ڀٽائي جي اڳڻ ۽ درگاهه تي ڌار ڌار مجلسن جو اهتمام ڪيو ويو

مرڪزي امام بارگاهن تان احسن عباس شاهه لطيفيءَ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ جلوس بر آمد

پٽ شاهه (ن ع) پٽ شاهه ۾ محرم الحرام جي سلسلي ۾ عزاداري جو سلسلو جاري آهي،درگاهه حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي اڳڻ تي ۽ درگاهه ڇاڙهي تي ڌار ڌار مجلسن جو اهتمام ڪيو ويو جتي مومنن

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

نيوسعيد آباد: زخمي ٿيل نوجوان ۽ گرفتا ڪيل جوابدار

گلاب لغاري: مجلس کي ذاڪر خطاب ڪري رهيو آهي

سکر پريس ڪلب مظلومن جي سگهارو آواز سان گڏ درسگاهه بڻيو آهي: خالد ڀانڀڻ

سکر آئي بي اي ۽ پريس ڪلب وچ ۾ ايم او يو سائن سبب شاگردن کي انٽرنشپ سکيا ڏني ويندي

پريس ڪلب هاڻ پارڪ هجڻ سان گڏ ميڊيا اسٽڊيز شعبي جي هڪ درسگاهه بڻجي ويو آهي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پريس ڪلب مظلومن جي سگهارو آواز هجڻ سان گڏوگڏ ميڊيا اسٽڊيز جي شعبي ۾ هڪ درسگاهه به

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل ۾ پريا ڪماري ۽ صبا ڪلهوڙو جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

مظاهرين مجيد جسڪاڻي، حافظ علي اڪبر عباسي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

مغوي پريا ڪماري ۽ صبا ڪلهوڙو کي جلد کان جلد بازياب ڪرايو وڃي: مظاهرين

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل ۾ پريا ڪماري ۽ صبا ڪلهوڙو جي بازيابي لاءِ پنوعاقل ويلفيئر جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري جي اڳواڻي ڪامريڊ مجيد جسڪاڻي ٻين ڪئي ان کان علاوه جي يو

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

هالا: مخدوم فضل ۽ سنڌس فرزند

مخدوم فضل ۽ پٽ مخدوم محسن ۾ اختلاف شدت اختيار ڪري ويا

اڏون نه بيمار آهيان ۽ نه ئي رٽائرڊ ٿيو آهيان اڏون مڪمل طور تي ٺيڪ آهيان: مخدوم فضل

اگر محسن حرڪتن کان باز نه آيو ته هن کان سموري ملڪيت واپس کسي ڇڏيندس

هالا(ن ع) هالا هائوس جي سرواڻ مخدوم فضل ۽ سنڌس پٽ مخدوم محسن ۾ اختلاف شدت اختيار ڪري ويا. مخدوم فضل پاران هڪ دفعو وري پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته منهنجو لاڏعوا ٿيل پٽ محسن ماڻهن کي چوي ٿو ته بابا بيمار آهي ۽ ڪم ڪار سڀ آئون ٿو سنڀاليان بابا هاڻ رٽائرڊ ٿي ويو آهي هن چيو ته آئون نه بيمار آهيان ۽ نه ئي رٽائرڊ

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

باقراڻي لڳ قتل ڪيس ۾ جوابدار ڄاڻايل ڌر جي عورتن ۽ ٻارڙن جو مظاهرو

مقتول عبدالفتاح تنيو جي ڪيس ۾ جوابدار ڌر جي عورتن ۽ ٻارڙن پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو

دنيا برادري هٿان گهرن مان ڦرلٽ، فائرنگ، عورتن ۽ ٻارڙن کي گهرن بند ڪري قيد ڪرڻ جو الزام

باقراڻي (ن ع) باقراڻي لڳ ڳوٺ ابو صمد تنيو ۾ ٻارڙن جي ڳالهه تان قتل ٿي ويل عبدالفتاح تنيوقتل ڪيس جي جوابدار ڌر جون عورتون ۽ ٻارڙا تحفظ لاءِ پريس ڪلب باقراڻي پهچي احتجاج، مقتول ڌر جي تنيا برادري هٿان گهرن مان ڦرلٽ، فائرنگ، عورتن ۽ ٻارڙن کي گهرن بند ڪري قيد ڪرڻ جو الزام،کي پيرا قرآن پاڪ، سيدن علائقي جي معززن ۽ نياڻين کي ساڻ ڪري

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ ۾ ڪربلا جي شهيدن کي پيٽا پيش ڪرڻ جو سلسلو جاري، ۾ ماتمي جلوس برآمد

معصوم شهيد علي اصغر جي نسبت سان پينگهي وارو جلوس سيد شجاع شاهه جي اڳواڻي ۾ برآمد ٿيو

حضرت عباس عليه السلام جي نسبت سان تعزئي وارو جلوس مرثيه خواڻي سان برآمد ڪيو ويو

سيوهڻ(ن ع) محرم الحرام جي حوالي سان ڪربلا جي شهيد حضرت امام حسين عليه السلام ۽ سندن ڄاڻارن کي پيٽا پيش ڪرڻ لاءِ سيوهڻ ۾ به پيٽا پيش ڪرڻ وارو سلسلو جاري آهي ان حوالي سان 4 محرم الحرام جي رات 2 ماتمي جلوس برآمد ڪيا ويا جنهن ۾ پهريو ماتمي جلوس ڪربلا جي معصوم شهيد علي اصغر جي نسبت سان پينگهي وارو جلوس مرحوم سيد

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ڪپرو ۾ نافرمان پٽڻ هٿان قتل ٿيل احمد بوزدار جو ڪيس داخل

مقتول جي ڀاءُ خاوند بوزدار جي فرياد تي ظهور ۽ انور خلاف ڪيس داخل ڪرايو

پوليس ڀوپي بيلي مان ٻنهي جوابدارن کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪري ڏني

ڪپرو (ن ع) ڪپرو ويجهو ڳوٺ نواز بوزدار ۾ چار ڏينهن اڳ نافرمان پٽڻ ظهور ۽ انور بوزدار هٿان قتل ٿيل پيءُ احمد بوزدار جو قتل ڪيس مقتول جي ننڍي ڀاءُ خاوند بخش بوزدار جي فرياد تي ڪپرو ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو ذريعن موجب جوابدارن کي ڪپرو پوليس ڀوپي بيلي ۾ لڪيل حالت ۾ ڏسي گرفتار ڪري ورتو

باڊهه: سماجي رضاڪار تحريڪ پاران بجٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

راڻيپور آر ايڇ ايس مان ٽن ڊاڪٽرن سميت 4 ملازم ڊگهي عرصي کان غائب

ايم ايس پاران غير حاضري بابت رپورٽ گمس ڊائريڪٽر ڏانهن موڪلي وئي

ضلعي هيلٿ آفيسر کي ٻڌ باضابطه خط ذريعي آگاهه ڪيو ويو رهواسين پاران نوٽيس جو مطالبو

راڻيپور(ن ع) رورل هيلٿ سينٽر راڻيپور مان ٽن ڊاڪٽرن سميت هڪ ملازم جي ڊگهي عرصي کان غير حاضر هجڻ جو انڪشاف ٿيو آهي آر ايڇ سي راڻيپور جي ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ طرفان غير حاضري بابت رپورٽ گمس ڊائريڪٽر ڏانهن موڪلي وئي آهي جڏهن ته ضلعي هيلٿ آفيسر ڊي ايڇ او خيرپور کي ٻڌ باضابطه خط ذريعي آگاهه ڪيو ويو آهي ڊاڪٽر فهد نور

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

دوڙ ۾ آرائين ۽ ڪوڪر برادري ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو زخمي، سول جج سوموٽو نوٽيس

ڪورٽ ٻاهران ڌرين ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙي ۾ ياسين آرائين زخمي ٿي پيو

سول جج ڊي ايس پي، ۽ ايس ايڇ او دوڙ کي سوموٽو نوٽس جاري ڪري طلب ڪري ورتو

دوڙ(ن ع) دوڙ سيول ڪورٽ ٻاهران شنوائي تي آيل آرائين ۽ ڪوڪر برادري ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو جنهن۾ هڪ ڄڻو ياسين آرائين سخت زخمي ۽ ٿي پيو جڏهن ته پوليس جوابدار ستار ڪوڪر سميت ٻن ڄڻن کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو آهي زخمي کي دوڙ اسپتال پهچايو ويو انهي واقعي جو نوٽس وٺندي سول جج ڊي ايس پي دوڙ ۽ ايس ايڇ او دوڙ کي سوموٽو نوٽس جاري ڪري طلب ڪريو ورتو

ميرپور ماٿيلو لڳ گبول برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، ٽي ڄڻا زخمي

ديهه جادو پتافي ۾ زرعي زمين تان وڙ وڍڻ تان ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

زخمي علي شير، قربان ۽ عظيم اسپتال داخل، وارثن جو انصاف لاءِ احتجاج

ميرپور ماٿيلو(ن ع) ميرپورماٿيلو ويجهو ديهه جادو پتافي ۾ زرعي زمين تان وڙ وڍڻ تي گبول برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جتي لٺيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ سبب 3 ڄڻا علي شير گبول، قربان ۽ محمد عظيم زخمي ٿي پيا متاثر ڌر زخمين کي ساڻ ڪري ميرپورماٿيلو پهچي ڊي ايڇ ڪيو پريس ڪلب ميرپورماٿيلو آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو: جهيڙي ۾ زخمي ٿيل احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور لڳ 11 هزار بجلي جون ڪيهن ٿنڀن جو تارون ڪاٽيندي چور پڪڙجي پيو

ڳوٺ قاسم ڦلپوٽو مهر واسين تارون چوري ڪندڙن کي گروهه کي ڏٺو ته هو فرار ٿي ويا

جوابدارن پيڇو ڪري هڪ ڄڻي کي سوگهو ڪري ڪٽڪي بعد پوليس حوالي ڪيو

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پرسان 11 هزار بجلي جون ڪيهن ٿنڀن جو تارون ڪاٽيندي پڪڙجي پيو علائقي واسين ڏاهوڪو ڪٽڪو ڏئي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ڊرڪول متاثرن جي مسئلن جي حل لاءِ بجيٽ ۾ الڳ فنڊ مختص ڪيا وڃن: اڳواڻ

هن علائقي جي ماڻهن ملڪ جي توانائي شعبي جي ترقي لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن

بي گهر خاندانن جي بحالي ۽ معاوضن لاءِ بجيٽ ۾ خاص مالي رليف پيڪيج ڏنو وڃي: راڄوٽي ڪٽ

اسلام ڪوٽ (ن ع) ڊر راڄوٽي ڪٽ جي اڳواڻن ۽ ڊر ڪول منصوبن کان متاثر ڳوٺاڻن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو ميونسپل ڪارپوريشن جي 4 ارب، ساڍا 6 ڪروڙن کان وڌيڪ بچت واري بجيٽ منظور

ميئر انور علي لهر جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ فنانس ڪميٽي چيئرمين محمد قاسم بروهي بجيٽ پيش ڪئي

پيش ڪيل ساليانو بجيٽ ۾ 4 ڪروڙ 2 لک، 77 هزار، 250 رپين جي بچت ڏيکاري وئي

غريب شاگردن جي اسڪالرشپ، پريس ڪلب، اقليتن، عورتن، ٽرانسجينڊرن جي ڀلائي ۽ ٻين ڪمن لاءِ فنڊ مختص

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ ميونسپل ڪارپوريشن لاڙڪاڻي جي ميئر انور علي لهر جي صدارت هيٺ ميونسپل ڪارپوريشن جو اجلاس ڪوٺايو ويو جنهن ۾ ميونسپل ڪ

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد پرسان پئسن جو ضامن نه پوڻ تان ننڍي ڀاءُ وڏي کي قتل ڪري ڇڏيو

سوئي واري علائقي ۾ رحيم بخش بگٽي پنهنجي وڏي ڀاءُ احمد بخش بگٽي کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

پٽ احمد بخش بگٽي کي ڀاءُ رحيم بخش بگٽي پيسن جو ضامن نه پوڻ جي ڳالهه تان قتل ڪيو آهي: والد

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد پرسان دلمراد ٿاڻي جي حد بهادرپور واري علائقي ۾ پئسن جو ضامن نه پوڻ تان بلوچستان سوئي واري علائقي جي رهواسي رحيم بخش بگٽي پنهنجي وڏي ڀاءُ احمد بخش بگٽي کي گوليون هڻي قتل ڪري سنڌس ڏيڍ لک روپيا روڪ رقم ۽ موٽر سائيڪل به کاهي فرار ٿي ويو واقعي کان پوءِ وڏي تعداد ۾ ماڻهون گڏ ٿي ويا، اطلاع تي حد جي پوليس پهچي لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي جيڪب آباد جي سول اسپتال

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل: زهريلي لسي پيئڻ سبب بيهوش ٿيل ٻارڙا

پنوعاقل لڳ زهريلي لسي پيئڻ سبب 8 معصوم ٻارڙن سميت 15 ڄڻا بيهوش، اسپتال داخل

ڳوٺ جوڻاس ۾ سڪندر، راهب، مزمل، مهراب، سعيد، رقيه، زوبيه الٽين سبب نيم بيهوش ٿي ويا

زهريلي ڪرڙي ڪرڻ سبب گهر ڀاتين اٽ چاٽائي ۾ لسي پيتي جنهن بعد بيهوش ٿي ويا آهن: وارث

نوعاقل(ن ع) پنوعاقل لڳ .رات دير سان/ زهريلي لسي پيئڻ سبب 8 معصوم ٻارڙن سميت 15 ڄڻا بيهوش ڳوٺ جوڻاس ۾ منجهند جي وقت لسي پيئڻ بعد ٻن گهرن جا 15 ڄڻا بيهوش ٿي ويا زهريلي ڪرڙي ڪرڻ سبب گهر ڀاتين اٽ چاٽائي ۾ لسي پيتي جنهن بعد سڪندر علي جهلڻ راهب علي ،محمد مزمل مهراب جهلڻ سعيد

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ بجلي جي بدترين لوڊ شيڊنگ خلاف عزادارن جو سنڌو درياءَ جي پل تي ڌرڻو

محرم الحرام دوران لوڊ شيڊنگ نه ڪرڻ جي اعلان باوجود پڙن ۽ جلوسن دوران بجلي بند رهي ٿي: اڳواڻ

اختياريون نوٽيس وٺن، فوري طور لوڊ شيڊنگ ختم نه ٿي ته ڀرپور احتجاج ڪنداسين: چئا

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي شهر ۾ محرم الحرام دوران واپڊا حيسڪو ڪوٽڙي جي نا اهلي سبب بجلي جي بدترين لوڊ شيڊنگ سبب عزادارن پاران ڪوٽڙي پل تي احتجاجي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ واپڊا حڪام خلاف نعريبازي ڪئي ان موقعي تي ماتمي جلوسن جي اڳواڻن چيو ته سمورن پڙن ۽ جلوسن دوران به بجلي بند هجڻ ٿي ۽ اونداهي جو راڄ رهي ٿو هنن چيو ته لوڊ شيڊنگ نه ڪرڻ جي اعلان باوجود واپڊا انتظاميا بدترين لوڊ لوڊ شيڊنگ ڪري رهي آهي جنهن ڪري ڪين سخت پريشاني درپيش آهي فوري طور لوڊ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

محرم الحرام دوران عزادارن کي بهتر سهولتن جي فراهمي ضلعي انتظاميه جي اولين ترجيح آهي: ڊي سي مٽياري

مٽياري (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ چيو آهي ته محرم الحرام دوران امن امان جي قيام عزادارن

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

احمد خان قادري فيضوي جو انتقال سکر جي ماڻهن ۽ نعت خوانن لاءِ هڪ وڏو نقصان آهي: علامه ابرار احمد رحماني

سکر (بيورو رپورٽ) ميلاد مصطفيٰ ڪميٽي سکر جي مرحوم ميمبر مشهور موسيقار ۽ نعت آرگنائيزر محمد احمد خان قادري فيضوي کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ جامع قادري مسجد، واري تار روڊ، سکر ۾ قرآن خواني ۽ فاتحه جو هڪ باوقار ۽ روحاني اجتماع منعقد ڪيو ويو

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

پراڻي سکر ۾ اڄ مسجد جي تالي سان ماتمي جلوس ڪڍيو ويندو، انتظام مڪمل

جلوس جي پوليس ۽ رينجرز سان گڏ سوين رضاڪار به سيڪيورٽي ڊيوٽي سرانجام ڏيندا

سکر (بيورو رپورٽ) سکر: پراڻي سکر ۾ سپاٽي (اڄ) مسجد جي تالي سان ماتمي جلوس ڪڍيو ويندو انتظاميا پاران سخت سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا آهن پوليس ۽ رينجرز سان گڏ سوين رضاڪار به سيڪيورٽي ڊيوٽي سرانجام ڏيندا. ضلعي آفيسر انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ جلوس جي رستن جو دورو ڪندا. عملي کي انتظام ۽ سيڪيورٽي کي وڌيڪ سخت ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي تفصيل موجب ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ مسجد جي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ پرڻيل ناري مبينا طور آپگهات ڪري ڇڏيو، قتل جو شڪ، چڪتاڻ، مڙس گرفتار

خدا جي بستي ۾ گهر اندران 32 ورهين جي سميرا زال ڪريم بخش ٻبر جو ڦاهو کاڌل لاش هٿ آيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو، اسپتال ۾ ناري جي مڙس ۽ وارثن ۾ چڪتاڻ

ناري جي وارثن پاران قتل جو شڪ ظاهر، پوليس عورت جي مڙس کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو، جاچ شروع

ڪوٽڙي (رپورٽ: حسين شورو/ نعيم اختر) ڪوٽڙي جي علائقي خدا جي بستي ۾ پرڻيل عورت مبينا طور گهرو اڻبڻت تان گهر اندر ڦاهو کائي آپگهات ڪري ڇڏيو سندس وارثن پاران مڙس تي قتل ڪرڻ جو شڪ ظاهر ڪيو ويو اسپتال ۾ چڪتاڻ پوليس ناري جي مڙس کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو ان سلسلي ۾ مليل رپورٽن موجب سائيٽ جي خدا جي بستي واري علائقي ۾ گهر اندر 32 ورهين جي سميرا زال ڪريم بخش ٻبر جو ڦاهو کاڌل لاش هٿ آيو آهي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

سکر: تاريخي مسجد واري ماتمي جلوس جو منظر

محرم الحرام دوران ضلعي ۾ امن امان لاءِ 2600 اهلڪار مقرر ڪيا آهن: ايس ايس پي بدين

گلاب لغاري(ن ع) ضلع بدين ۾ محرم الحرام جي حوالي سان 2600 جي نفري لڳل آهي اوور آل بدين ضلعو پرامن ضلعو آهي ضلع جي مختلف ٿاڻن جي حدن اندر ٿيندڙ مجالس ۽ جلوسن جي انتظامن کي ڏسڻ لاءِ وزٽ ڪري رهيا آهيون اهڙو اظهار ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي گلاب لغاري لڳ اگهم ڪوٽ ۾ ٿيندڙ مجلس جي انتظامن ۽ بي بي ماهم عليه

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

سيٽارجا واسين جو شاگردياڻي آصفه مغل جي بازيابي لاءِ خيرپور تائين احتجاجي پيادل مارچ

مظاهرين ارشد، جنيد ارشد، تحسين ڪنول مغل قلب عباسي سولنگي ۽ ٻين جي اڳواڻي ايس ايس پي آفيس آڏو احتجاج ڪيو

تعليم حاصل ڪندڙ نياڻين جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ رياست ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي بنيادي ذميواري آهي: مظاهرين

آصفه مغل واقعي ۾ ملوث ماڻهن کي گرفتار ڪري انصاف جي ڪٺهڙي ۾ آڻي خاندان جا خدشا ختم ڪيا وڃن

خيرپور(ڊ ر)سيٽارجا کان ايس ايس پي خيرپور آفيس تائين 16 سالن جي ڏهين جماعت جي شاگردياڻي آصفه مغل جي بازيابي لاءِ احتجاجي پيادل مارچ ڪيو ويو.تفصيل موجب گورنمينٽ گرلز اسڪول سيٽارجا ۾ ڏهين درجي ۾ پڙهندڙ 16 سالا شاگردياڻي آصفه مغل کي مبينا طور اغوا ڪيو ويو هو جنهن جي بازيابي لاءِ سندس وارث ارشد مغل جنيد ارشد مغل تحسين ڪنول مغل سميت جسقم بشيرخان گروپ جي اڳواڻ قلب عباس سولنگي جسقم

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

خيرپور: اغوا ٿيل نينگري جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊوآدم ۾ محرم الحرام دوران ميونسپل ۽ حيسڪو جا انتظام مڪمل، عملو 24 ڪلاڪ الرٽ

ٽنڊوآدم (ن ع) محرم الحرام جي موقعي تي ٽنڊوآدم ۾ ميونسپل ڪميٽي، حيسڪو ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن پاران مجلسن مرڪزي جلوسن ۽ امام بارگاهن جي رستن تي انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن جڏهن ته صفائي ستھرائي ۽ ٻين سهولتن جي فراهمي جو سلسلو روزاني بنيادن تي جاري آهي ميونسپل چيئرمين غلام مرتضيٰ جوڻيجو جي نگراني ۽ هدايتن تحت شهر ۾ صفائي ستھرائي ترقياتي ڪمن ۽ اسٽريٽ لائيٽنگ جا

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

حيسڪو چيف فيض الله ڏاهري پاران ڪنڊيارو کي زيرو لوڊشيڊنگ قرار ڏنو ويو

نثار وساڻ پمپ تي تقريب ۾ شهرين، واپاري برادري، سياسي سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي

لوڊشيڊنگ ختم ٿيڻ سان شهرين کي بجلي جي فراهمي ۾ نمايان بهتري ايندي: فيض الله ڏاهري

ڪنڊيارو(ن ع) حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني (حيسڪو) جي سب ڊويزن سنڌڙي جي انتظام هيٺ 11 ڪي وي سٽي فيڊر ڪنڊيارو تان لوڊشيڊنگ ختم ٿيڻ جي خوشي ۾ هڪ شاندار تقريب نثار وساڻ پيٽرول پمپ، مين ڪنڊيارو روڊ ڪنڊيارو تي منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ حيسڪو جي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ ٽينگر اٺ جي سواري ڪرائي رهيو آهي

سکر ۾ نجي فيڪٽري جي ملازمن پاران اجرت نه وڌائڻ خلاف انتظاميا خلاف احتجاج

مظاهرين اسد علي ملڪ، عابد ملڪ، عبدالسميع، سڪندر ابڙو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

فيڪٽري ۾ ڏهه ڏهه سال ٿي ويا آهن پر اجرت ناهي وڌائي وئي، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) مهانگائي جي دور ۾ غريب مزدور طبقو سخت پريشان نجي فيڪٽري جي ملازمن طرفان اجرت نه وڌائڻ تي انتظاميه خلاف سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو اعلي اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جي اپيل تفصيل موجب سکر جي علائقي گوليمار ۾ قائم نجي پلاسٽڪ

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل ويجهو ٻن موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر سبب معصوم نينگري ۽ پيرسن فوت، 2 ڄڻا زخمي

سانگي قومي شاهراه تي پيش آيل حادثي ۾ ست ورهين جي عائشه چاچڙ ٿلڏي تي دم ڏئي ڇڏيو

حادثي ۾ زخمي ٿيل شاهنواز، مسمات شبيران، سجاد چاچڙ ۽ معصوم نينگري جو لاش اسپتال آندو ويو

زخمين کي سکر اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي نينگري جي ڏاڏي شاهنواز زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل لڳ سانگي ۾ موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر، 7 ورهين جي عائشه فوت ، 3 ڄڻا زخمي سانگي قومي شاهراه تي ٻن موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر ٿيو حادثي ۾ ستن ورهين جي نينگري عائشه چاچڙ فوت ٿي وئي آهي ٽي ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين ۾ شاهنواز چاچڙ ، مسمات

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

لاهور: هڪ اسڪوٽي تي نارين پنهنجي منزل ڏانهن وڃي رهيون آهن

هيراڻي ۾ واپڊا جي زيادتين خلاف شهرين پاران احتجاجي مظاهرو

چاهه نوازعلي(ن ع) هيراڻي ۾ واپڊا جي زيادتين خلاف شهرين پاران پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو هيراڻي جي شهرين غلام محمد مري، ڪامران مغل علي شير مڪسي، ماجد مغل عمران ملڪ ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته اسان جي مغل پاڙي ٽرانسفارمر ٻن هفتن کان خراب پيل آهي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو ۾ مبينا ڪيهي گم ڪيل ٻن نوجوانن جي آزادي لاءِ وارثن جو احتجاج

ڳوٺ حيات مڪسي واسي رشيد احمد ڪلهوڙو، گلزار عبدالرزاق ۽ ٻين احتجاج ڪيو

پوليس شفيق ۽ تنوير ڪلهوڙو کي ڪيهي گم ڪري ڇڏيو، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

ميرپورماٿيلو(ن ع) ميرپورماٿيلو لڳ ڳوٺ حيات مڪسي مان 6 ڏينهن اڳ ميرپورماٿيلو پوليس ٻن نوجوانن شفيق احمد ڪلهوڙو ۽ تنوير احمد ڪلهوڙو کي کنيي گم ڪري ڇڏيو سندن پيرسن والد رشيد احمد ڪلهوڙو ٿاڻي جا چڪر ڪاٽي ٿڪجي پيو آهي پر پوليس مڃڻ کان به انڪار ڪري ڇڏيو آهي پوليس جي اهڙي زيادتي خلاف ڪلهوڙا برادري ۽ شهرين ڊي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ماٿيلو: گم ٿيل نوجوانن جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

خيرپور جي تعليمي ماهر پروفيسر عبدالسميع پنهور کي سنڌ چيمبر آف فوڊ اينڊ ايگريڪلچرل سکر ڊويزن جو صدر مقرر ڪيو ويو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي مشهور تعليمي ماهر اڳوڻو ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري ۽ آباديگار اڳواڻ پروفيسر عبدالسميع پنهور کي سنڌ چيمبر آف فوڊ اينڊ ايگريڪلچرل آف پاڪستان طرفان سکر ڊويزن جو صدر مقرر ڪيو ويو آهي جڏهن ته مشهور آبادگار صادق لنڊ کي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي ، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.